آزمائشي اشاعت



# سنڌي لازمي

## نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي تيار ڪيل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبرNO.SELD/HCW/181/2018: Dated: 24.08.2020 موجب سنڌ صوبي جي سڀني اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو ڇڪاسيل

## قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد   ڪِشورِ حَسِين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان   اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام   قوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت   پائنده تابِنده باد
شاد باد منزلِ مُراد

پرچمِ ستاره و هلال   رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال   جانِ اِستقبال
سايهءِ خدائي ذوالجلال

| سلسليوار نمبر | | | |
|---|---|---|---|
| ڇپجڻ جومهينو۽ سال | ڇاپو | تعداد | قيمت |
| | | | مفت |

آزمائشي اشاعت

# سنڌي لازمي

## نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

شهيد بينظير ڀٽو
SHAHEED BENAZIR BHUTTO
FREE TEXTBOOK SERIES
مفت نصابي ڪتابن جي ورهاست جو سلسلو



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ: مائٽي ڊيلز، ڪراچي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي تيار ڪيل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر NO.SELD/HCW/181/2018: Dated: 24.08.2020 موجب سنڌ صوبي جي سيني اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

**ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو ڇڪاسيل**


نگران اعليٰ: **آغا سهيل احمد**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران:
- ڊاڪٽر نصرت پروين سهتو (ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس، ريسرچ اينڊ ٽريننگس)
- اويس ڀٽو
- جمشيد احمد جوکيجو

سهيڙيندڙ:
- شوڪت حسين شورو
- ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو
- ڊاڪٽر اسحاق سميجو
- ڊاڪٽر الطاف جوکيو
- اويس ڀٽو

ايڊيٽر:
- امداد حُسيني

صوبائي جائزه ڪميٽي:
- ڊاڪٽر غلام علي الانا
- ڊاڪٽرمحمد علي مانجهي
- ڊاڪٽر الطاف جوکيو
- ناهيد شاهه
- فيض الله جوڻيجو
- دلشاد احمد ڏيٽو
- تحسين ڪوثر انصاري
- اويس ڀٽو
- محمد ادريس جتوئي

ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ ڊزائين:
- واحد بخش سولنگي


KARACHIEDU.COM

# فهرست

## نثر جو پاڱو

### مضمون


| | | |
|---|---|---|
| .1 | حضور اَڪرم صَلّي الله عَليهِ وَعليٰ آلهٖ واَصحابِهٖ وَسلَّم جن جا اخلاق مبارڪ | 6 |
| .2 | حضرت امام حُسين عليه السلام | 14 |
| .3 | علامہ آءِ. آءِ قاضي | 19 |
| .4 | گنجي ٽڪر جو سير | 25 |
| .5 | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | 29 |
| .6 | سچائي | 35 |
| .7 | ڪاهُوءَ جو ڏڙو | 39 |
| .8 | وسڪارو | 46 |
| .9 | ساٽيهَ جي سِڪ | 51 |
| .10 | ٻين جا عيب برداشت ڪرڻ | 56 |
| .11 | شاهه جي ٻوليءَ جو معيار | 59 |
| .12 | جمشيد نسروانجي ـ هڪ نيڪ دل انسان | 63 |
| .13 | ڪڇي جو سير | 69 |
| .14 | شخصيت ۽ لباس | 73 |

## افسانوي ادب (ڪهاڻيون ۽ ناول)


| | | |
|---|---|---|
| .15 | چريائي | 78 |
| .16 | موڪلاڻي | 81 |
| .17 | بد تميز | 87 |
| .18 | سورت ۽ راءِ ڏياچ | 91 |
| .19 | اونداهي ڏرتي روشن هٿ | 97 |


## ڊرامو


| | | |
|---|---|---|
| .20 | چنڊ ۽ ماني | 104 |


## آتم ڪهاڻي


| | | |
|---|---|---|
| .21 | منهنجي آتم ڪهاڻي | 109 |


## سفرنامو


| | | |
|---|---|---|
| .22 | سنگاپور ۾ ست ڏينهن | 115 |


## طنز وَ مزاح


| | | |
|---|---|---|
| .23 | عدو موچيءَ جو راڳُ سِڪڻ | 120 |


## ادبي خط


| | | |
|---|---|---|
| .24 | چانڊوڪي ۽ مان | 127 |

# نظم جو ڀاڱو


| | | |
|---|---|---|
| 25. | شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ | 130 |
| 26. | ميان سرفراز ڪلهوڙو | 133 |
| 27. | سچل سرمستؒ | 136 |
| 28. | سامي | 139 |
| 29. | سيد ثابت علي شاهه | 143 |
| 30. | مير عبدالحسين ’سانگي‘ | 146 |
| 31. | محمد صديق ’مسافر‘ | 149 |
| 32. | ڪشنچند ’بيوس‘ | 153 |
| 33. | عبدالڪريم ’ گدائي‘ | 157 |
| 34. | حيدر بخش جتوئي | 161 |
| 35. | غلام احمد نظامي | 165 |
| 36. | مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ | 168 |
| 37. | شيخ اياز | 171 |
| 38. | نياز همايوني | 174 |
| 39. | شمشير الحيدري | 177 |
| 40. | تنوير عباسي | 180 |
| 41. | امداد حُسيني | 184 |
| 42. | مريم مجيدي | 187 |
| 43. | سانوڻ فقير (لوڪ شاعري) | 190 |
| 44. | نوان لفظ | 194 |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# حضور اَڪرم صَلَّي اللّٰه عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جا اخلاق مبارڪ

**سکيا جي حاصلات**

- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي.
- سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- اسم جو قيرو ڇاڻي سگهي.

حضرت مُحمّد رسول الله خاتم النَّبِيّين صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم (ترجمو: حضرت محمد الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن(صَلَّي الله عَلَيهِ وَسَلَّم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڀني رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي) جن سڄي دنيا لاءِ نيڪيءَ ۽ ڀلائيءَ جا سرچشما آهن. پاڻ سڳورن صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ جو اعتراف سندن ڪٽر دشمنن به ڪيو آهي. حضور اڪرم صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي اخلاق مبارڪ کي مسلم توڙي غير مسلم عالمن به مڃيو ۽ ساراهيو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي اخلاق مبارڪ جي شاهدي خود قرآن مجيد ۾ موجود آهي.

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِيۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ

يعني: ”بيشڪ توهان لاءِ رسول الله جي ذات ۾ بهترين نمونو آهي“.

قرآن مجيد ۾ ٻئي هنڌ ارشاد آهي ته:

اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ

يعني: ”بيشڪ (اي محمد)! تون سهڻي اخلاق جي وڏي مرتبي تي آهين“.

هڪڙي ڀيري اُم المومنين حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان ڪنهن اصحابي سڳوري، نبي سائين جي اخلاق مبارڪ بابت پُڇيو. اُم المومنين رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو ته،



KARACHIEDU.CO

”ڇا تو قرآن نہ پڙهيو آهي؟ جيڪي ڪجهہ قرآن مجيد ۾ آهي،اهي حضور اَڪرم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّمجن جا اخلاق مبارڪ آهن“. مطلب تہ پاڻ سڳورن صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي سڄي مبارڪ زندگي قرآن مجيد جو عملي تفسير هئي.

حضوراَڪرمصَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن نهايت مهربان، ٻاجهارا، رحمدل ۽ سخي هئا. پاڻ سڳورن صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن سوالي ءَ کي خالي ڪونہ موٽايو. پاڻ ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم بُکارا رهندا هئا، پر ٻين کي کارائيندا هئا. هڪڙي ڀيري هڪ اصحابيءَ جي شادي هئي ۽ وليمي لاءِ وٽس ڪجهہ بہ ڪونہ هو، حضوراَڪرمصَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن ان اصحابيءَ کي فرمايو تہ ”اُم المومنين حضرت عائشہ رضي اللہ تعاليٰ عنها وٽان اٽي جي ڳوٿري گهرائي وٺ“. جڏهن تہ ان مهل انهيءَ اٽي کان سواءِ سندن گهر ۾ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

حضوراَڪرم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّمجن يتيمن جا يار، هيڻن جا همراهہ ۽ غريبن جا غمخوار هئا. غلامن کي پنهنجي گهر جو ڀاتي سمجهندا هئا. غلامن لاءِ پاڻ تلقين ڪيائون تہ ”جهڙو توهين پهريو تهڙو انهن کي پهرايو - جهڙو توهين کائو تهڙو انهن کي بہ کارايو“. حضرت انس رضي اللہ عنہ کان روايت آهي تہ ”مون ڏهہ سال سندن خدمت ۾ گذاريا، پر حضور اَڪرم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن انهيءَ سڄي عرصي ۾ مون کي ڪڏهن بہ ڇڙٻ ڪا نہ ڏني“.

پاڻ ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجو ڪم پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا. ڦاٽل ڪپڙن کي ڇتيون هڻڻ، جُتيءَ کي ڳنڍ ٽوپو ڏيڻ ۽ ٻڪرين ڏهڻ جو ڪم پاڻ سڳورا صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم پنهنجن برڪت ڀرين هٿن سان ڪندا هئا. مسجدِ نبويءَ جي اڏاوت ۽ خندق واريءَ جنگ ۾ کاهي کوٽڻ وقت اصحابن سڳورن سان گڏجي ڪم ڪيائون.

حضور اَڪرم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي غريبن سان هلت چلت اهڙي هوندي هئي، جو انهن کي پنهنجي غربت تي احساس ڪمتري ڪو نہ ٿيندي

KARACHIEDU.COM

هئي. پاڻ سڳورا صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم، الله سائينءَ کان هميشه اها دعا گهرندا هئا ته ”ياالله! مون کي مسڪينيءَ ۾ جيار، مسڪينيءَ ۾ پاڻ وٽ گهراءِ ۽ حشر ۾ مسڪينن سان گڏ اُٿار“. پاڻ ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن جڏهن وصال ڪيو، تڏهن حالت اها هئي، جو سندن زرهه، جَون جي ٽن سيرن عيوض، هڪ يهوديءَ وٽ گِروي رکيل هئي. وصال وقت پاڻ سڳورن صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جي ڪپڙن کي ڪيتريون ئي ڇتيون لڳل هيون.

”پاڙو نبين کي به پيارو آهي“. سنڌي ۾ اها چوڻي به پاڻ ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن جي اخلاق مبارڪ مان ورتل آهي. پاڻ سڳورا صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم پاڙيسرين جي سارسنڀال لهندا هئا. کين سوکڙيون پاکڙيون موڪليندا هئا ۽ انهن جي حقن کي پوري ڪرڻ جو تاڪيد فرمائيندا هئا.هڪڙي ڏينهن پاڻ سڳورن صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم فرمايو ته ”خدا جو سُنهن، اهو مومن نه هوندو!“ اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته: يارسول الله! اهو ارشاد ڪنهن جي لاءِ آهي؟ پاڻ سڳورن صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم فرمايو ته:”اهو شخص جنهن جو پاڙيسري هن جي شرارتن ۽ حرڪتن کان بچيل نه هوندو“.

پاڻ ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن قول ڪندا هئا ته اهو پاڙيندا هئا. مظلومن جي داد رسي ڪندا هئا. قرضدارن جا قرض لاهيندا هئا. پاڻ سڳورن صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جو حڪم هو ته ”جيڪو مسلمان وفات ڪري ۽ پويان قرض ڇڏي وڃي، ته ان جو مون کي اطلاع ڪريو! ان جو قرض آءٌ ادا ڪندس ۽ هن جيڪا ملڪيت پويان ڇڏي آهي، اها سندس وارثن جي آهي. ان سان منهنجو ڪو به مطلب ڪو نه آهي“.

حضور اڪرم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن بيمارن کي پُڇڻ ويندا هئا ۽ کين آٿت ڏيندا هئا. ان ڏس ۾ دوست توڙي دشمن، مومن توڙي ڪافر سان هڪ جهڙو هلندا هئا. پاڻ سڳورا صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جنهن گس تان لنگهندا هئا، ته هڪڙي ڪافرياڻي ان تي ڪَنڊا وڇائي ڇڏيندي هئي ۽ ڪن ڪِچرو ڇڏيندي هئي.هڪ ڀيري گس تي ڪنڊا ۽ ڪچرو پيل نه هو. پاڻ سڳورن صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ

KARACHIEDU.COM

وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن خبر پئي تہ اها مائي بيمار آهي، تڏهن ان کي پُڇڻ ويا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جو اخلاق ڏسي، مائي مسلمان ٿي ويئي.

پاڻ ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن وڏا مهمان نواز هئا. وٽن مسلمان توڙي ڪافر مهمان ٿي ايندا هئا تہ پاڻ سڳورا صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم سيني جو وڏيءَ دل سان آدرياءُ ڪندا هئا. ڪڏهن تہ گهر ۾ جيڪي ڪجهہ هوندو هُئن، اهو آٽي مهمان آڏو رکندا هئا ۽ سندن سڄو گهر فاقي ۾ رهندو هو. پاڻ سڳورا صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم رات جو اُٿي وڃي مهمانن کان پُڇندا هئا تہ: ”ڪا تڪليف تہ ڪا نہ اَٿوَ؟“

نبي ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن اجائي ٺٺ ٺانگر بدران سادگيءَ کي پسند ڪندا هئا. سادو ڪائيندا هئا ۽ سادو هنڍائيندا هئا. ڪائڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ ملندو هئن، اهو ڪائيندا هئا. ڪاڌي مان ڪڏهن بہ عيب نہ ڪيندا هئا. پاڻ سڳورا صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم صفائيءَ جو ڏاڍو خيال رکندا هئا. هڪڙي ڀيري هڪ شخص کي ميرا ڪپڙا پاتل ڏٺائون ۽ فرمايائون تہ: ”هن کان ايترو نٿو پُڄي جو ڪپڙا ڪٽي ڌوئي!“

پاڻ ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن گفتگو نهايت آهستگيءَ سان ڪندا هئا. هڪ هڪ فقرو الڳ الڳ ڪري ڳالهائيندا هئا. ڪڏهن بہ ماڻهوءَ جي ڳالهہ وچ ۾ نہ ڪٽيندا هئا. ڪا ڳالهہ نہ وڻندي هئي، تہ اها ٽاري ڇڏيندا هئا. بنا ضرورت جي گفتگو نہ فرمائيندا هئا. کِل ايندي هئن تہ مُشڪندا هئا.

پاڻ ڪريم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جڏهن بہ ڪنهن جي گهر ويندا هئا، تڏهن ان شخص جو نالو وٺي سڏ ڪندا هئا ۽ پوءِ دروازي جي هڪ پاسي ٿي بيهندا هئا تہ متان گهر جي اندر نظر پوي.

حضور اَڪرم صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجن بدترين دشمنن کي نہ رڳو معاف ڪري ڇڏيندا هئا، بلڪ انهن جي حق ۾ چڱائيءَ جي دعا ڪندا هئا. ايتري قدر جو جاني دشمنن کان بہ ڪڏهن بدلو نہ ورتائون. هڪ دفعي ڪنهن شخص ڪين قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو.اصحاب سڳورا ان کي جهلي وٽن وٺي آيا. اهو شخص پاڻ سڳورن صَلَّي اللہ عَلَيہِ وَعَلٰي آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي ڏسي ڏڄي ويو.

KARACHIEDU.COM

نبي ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ڪيس چيو ته ”تون نه ڊڄ، جيڪڏهن تون مون کي قتل ڪرڻ گهرين به ها، ته ائين نه ڪري سگهين ها“. اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي، ته فوج جو جرنيل جنهن لڳاتار نوَ سال لڙاين ۾ گذاريا ۽ ڪنهن به لڙائيءَ کان مُنهن نه موڙيو، تنهن پنهنجن دشمنن تي ڪڏهن به وار نه ڪيو.اُحد جي ميدان ۾ چئني طرفن کان مٿن پٿرن ۽ تيرن جو مينهن پئي ونو ۽ تلوارن سان حملا پئي ٿيا، پر پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جاءِ تي بيٺا رهيا. جڏهن مُشرڪن جي حملي سبب سندن سر مبارڪ زخمي ٿيو ۽ ڏند مبارڪ شهيد ٿيا، تڏهن به پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم ائين پئي فرمايو ته ”ياالله! هنن کي معاف ڪر، جو ته هي مون کي نٿا سڃاڻن“. پاڻ ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن مڪي جي فتح کان پوءِ دشمنن سان جنهن رواداريءَ جو مظاهرو ڪيو، اهو دنيا جي تاريخ ۾ هڪ مثال آهي.

نبي ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا. جڏهن به مند جا نوان ميوا وٽن ايندا هئا، تڏهن سڀ کان ننڍي عمر وارو ٻار جيڪو اُتي موجود هوندو هو، ان کي ڏيندا هئا. جيڪڏهن رستي تي ڪو ٻار ملندو هئن، ته پهرين ان تي سلام واريندا هئا.

اڄ انسان هڪ پاسي چنڊ تي پهچي چڪو آهي، ته ٻئي پاسي اخلاقي طور تي پستين ۾ ڪِري رهيو آهي. مادي آسائش جي حاصلات لاءِ هو مڃيل اخلاقي قدرن کي پيرن هيٺان لتاڙڻ کان به نٿو مڙي. ان جو نتيجو جنگين، ڌاڙن، خونن، ڌاڙ ۽ ڌهڪاءُ ۽ ٻين برائين جي صورت ۾ اسان جي آڏو آهي. اهڙي صورتحال ۾ نبي ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جا اخلاق مبارڪ سموريءَ انسان ذات لاءِ واٽ جي لاٽ آهن. انهيءَ لاٽ جو سُهائو اعليٰ اخلاقي قدرن جي وڃايل ماڳ تي رسائڻ لاءِ اڄ به اسان جو سُونهون بڻجي سگهي ٿو.



KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جَن جي اخلاق مبارڪ بابت قرآن مجيد ۾ ڪهڙي شاهدي ڏنل آهي؟
2. حضور اڪرم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن غلامن بابت ڪهڙي تلقين ڪئي آهي؟
3. پاڙي بابت سنڌيءَ ۾ ڪهڙي چوڻي آهي؟
4. پاڻ ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن مهمانن سان ڪيئن پيش ايندا هئا؟
5. اعليٰ اخلاقي قدرن جو وچايل ماڳ ڪيئن تو ماڻي سگهجي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اعتراف ڪنڌ مرتبو هيٺو تلقين فاقو فقرو ڏاڍ
سُهائو ماڳ سُونهون

### (ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

مهمان پلائي وصال سخي فتح پستي رحمدل بدترين

### (د) هيٺيان خال ڀريو:

1. پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم غلامن کي پنهنجي گهر جو ............سمجهندا هئا.
2. پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم ..................جي سار سنڀال لهندا هئا.

KARACHIEDU.COM

3 پاڻ ڪريم صَلّي اللّٰه عَليهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن قول ڪندا هئا تہ اهو ............................هئا.

4 حضور اَڪرم صَلّي اللّٰه عَليهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن بيمارن ڪي................. ويندا هئا.

(ھ) هن سبق ۾ جيڪي اسم ذات ڪم آيل آهن، اُهي لکو.

(و) اسم کي سيني حالتن ۾، واحد توڙي جمع، مذڪر ۽ مؤنث جي صورت ۾ ڦيرائڻ کي 'اسم جو ڦيرو' چئجي ٿو. توهان اسم جي هيٺين واحد مذڪر صورت کي جمع مذڪر صورت ۾ ڦيرايو:

| واحد مذڪر | جمع مذڪر |
| --- | --- |
| ★ ڇوڪرو اچي ٿو. | ★ |
| ★ ڇوڪرو ٻچاءِ. | ★ |
| ★ ڇوڪري کي سڏ. | ★ |
| ★ ڇوڪري سان وڃ. | ★ |

# سيد شير شاهه بخاري



ولادت: 1940ع            وفات: 2021ع

KARACHIEDU.COM

سيد شير شاهه بخاري ڳوٺ امين لاکي، تعلقي هالا (هاڻوکي تعلقي نيو سعيد آباد ضلعي مٽياري) ۾ 14 جنوري 1940ع تي جنم ورتو.

هُن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر هالا مان ڪيائين. بِي. اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

سيد شير شاهه بخاري سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، نثر نويس، تعليمدان، محقق ۽ لغت نويس آهي. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان 'مادري ٻوليءَ جي سکيا' اهم ڪتاب آهي.هُو سنڌي مادري زبان جي درسي ڪتابن ۾ ليکڪ ۽ ايڊيٽر طور مقرر رهيو آهي ۽ درسي ڪتابن جي نظرثاني ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو آهي. هُن استادن جي تربيتي ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيا آهن. هُو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي 'سنڌي سکيا واري پروگرام' ۾ استاد طور ڪم ڪري چڪو آهي ۽ اتي ئي 'سنڌي لغت بورڊ' جو انچارج پڻ رهيو آهي. گهڻي عرصي تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد، ۾ استاد ٿي رهيو آهي ۽ اتان ئي پرنسيپال ٿي رٽائر ڪيائين. سيد شير شاهه بخاريءَ 12 مئي 2021ع ۾ وفات ڪيائين.

# حضرت امام حُسين عليه السَّلام

**سکيا جي حاصلات**

تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. اصطلاحن جي معنيٰ لکي سمجهي سگهي. لفظن جا ضد لکي سگهي. لفظن جا اشتقاق ڪري سگهي.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام، حضور صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جَن جي پياري نياڻيءَ سچي سائڻ حضرت بيبي فاطمة الزهراءِ عليها السَّلام ۽ پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي سڳي سَوٽ حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جا فرزند ۽ حضرت امام حسن عليه السَّلام جا ننڍا ڀاءُ هئا.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام جي ولادت 3 شعبان 4 هه/ جنوري 626ع تي مديني شريف ۾ ٿي. ولادت ڪان پوءِ رسول اڪرم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جَن سندن ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اقامت چئي ۽ ”حُسين“ نالو رکيو. جَنت جي نوجوانن جا سردار ۽ سيد الشهداءِ سندن لقب ۽ ابا عبدالله ڪُنيت آهي.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام ٻنهي جهانن جي سردار حضرت مُحمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم، حضرت بيبي فاطمة الزهراءِ عليها السَّلام ۽ حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي پاڪ هنج ۾ پليا ۽ نپنا. حضور اڪرم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جَن امام حُسين عليه السَّلام سان بيحد پيار ڪندا هئا. پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي ته ”حُسين مون مان آهي ۽ آءٌ حُسين مان آهيان. جيڪو حُسين سان محبت ڪري ٿو، الله ان سان محبت ڪري ٿو.“ هڪڙي ڀيري پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهي رهيا هئا ته حضرت امام حُسين عليه السَّلام جيڪي اجا ٻار هئا، نبي اڪرم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جَن جي پٺيءَ مبارڪ تي سوار ٿي ويهي رهيا. پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تيستائين سجدي مان سِرُ نه کنيو، جيستائين ٻالڪ پنهنجي رَضا سان هيٺ نه لٿو.

KARACHIEDU.COM

11 ھ / 632ع تي رسول الله صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَمَ جن رحلت فرمائي.

3 جماد الآخر 11ھ تي حضرت امام حُسين عليه السَّلام جي امڙ حضرت بيبي فاطمة الزهراءِ عليها السَّلام رحلت ڪئي. انهن ڏکوئيندڙ حادثن کي اهل بيت وڏي صبر سان سَنو.

35 ھ / 655ع تي حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي عام بيعت ٿي. ڪوفي کي گاديءَ جو هنڌ ڪيو ويو. تہ حضرت امام حُسين عليه السَّلام بہ مديني مان ڪوفي هليا آيا. پاڻ هر معرڪي ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ رهيا. 19 رمضان 40 ھ تي حضرت علي ڪرم الله وجههٗ فجر جي نماز پڙهي رهيا هئا، تہ عبدالرحمان ابن ملجم مٿن حملو ڪيو ۽ پاڻ سخت زخمي ٿي پيا ۽ 21 رمضان تي رحلت ڪيائون. ان کان پوءِ حضرت امام حسن عليه السَّلام جا معاملا پيش آيا. حضرت امام حسن عليه السَّلام جي صلح کان پوءِ اهل بيت ڪوفي کان مديني هليا آيا. حضرت امام حُسين عليه السَّلام مديني ۾ ديني خدمتن ۾ مصروف ٿي ويا.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام ننڍي وهيءَ کان ئي اصلاح ۽ تعليم ڏانهن لاڙو رکندا هئا. مديني جا اڪابر اسلامي مسئلن جي ڏس ۾ وٽن ايندا هئا. پاڻ قرآن شريف جو مطلب ۽ رسول الله جون حديثون بيان فرمائيندا هئا. پاڻ گهڻو ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندا هئا، روزا گهڻا رکندا هئا ۽ سادي غذا سان افطار ڪندا هئا.

اعليٰ حسب نسب هوندي بہ حضرت امام حُسين عليه السَّلام بيحد نهٺا ۽ باجهارا هئا.هڪڙي ڀيري ڪجهہ غريب ۽ مسڪين ماڻهو ماني کائي رهيا هئا. انهن ڪين پاڻ سان مانيءَ کائڻ جي صلاح هنئي. پاڻ سواريءَ تان لٿا ۽ فرمايائون. ”الله تکبر ڪرڻ وارن کي دوست نہ ٿو رکي.“ پاڻ انهن غريب ۽ مسڪين ماڻهن سان ويهي ماني کاڌائون. ماني کائڻ کان پوءِ انهن غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏنائون. جڏهن اهي وٽن آيا، تڏهن پاڻ گهر وارن کي حڪم ڪيائون تہ ”گهر ۾ جيڪي ڪجهہ بہ هجي اهو موڪلي ڏيو.“

حضرت امام حُسين عليه السَّلام ٻانهن جون خطائون بخش ڪندا هئا. ٻانهيُن کي آزاد ڪندا هئا، فقيرن سان سهڻو سلوڪ ڪندا هئا، غريبن ۽ مسڪينن جي گهرن

KARACHIEDU.COM

تي ڪاڏو پهچائيندا هئا ۽ قرضين جا قرض لاهيندا هئا. حضرت امام حُسين عليه السَّلام فصاحت ۽ بلاغت، علم ۽ حڪمت ۾ به پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام جو اهو ڪارنامو، جنهن بين الاقوامي شهرت حاصل ڪئي، سو عاشوري 61 ھ جي قرباني آهي. حضرت امام حُسين عليه السَّلام اسلام جي ارتقا ڪي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. اسلامي تاريخ جا سمورا شروعاتي واقعا سندن سامهون ٿيا. 56 ھ ۾ صورتحال تڏهن خراب ٿي وئي، جڏهن يزيد کي ولي عهد نامزد ڪيو ويو. ان جي حضرت امام حُسين عليه السَّلام سخت مخالفت ڪئي. 60 ھ ۾ يزيد پنهنجي بادشاهيءَ جو اعلان ڪيو ۽ مديني حڪم موڪليائين ته حضرت امام حُسين عليه السَّلام کي بيعت تي مجبور ڪيو وڃي. حضرت امام حُسين عليه السَّلام پنهنجي اهل بيت سان مديني مان مڪي هليا آيا. هوڏانهن عراق ۾ يزيد جي حڪومت جي مخالفت وڌي وئي.

مڪي شريف ۾ رهڻ دوران ڪوفين حضرت امام حُسين عليه السَّلام کي خط لکيا ۽ کين ڪوفي اچڻ جي دعوت ڏنائون. پاڻ صحيح صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ حضرت مسلم بن عقيل کي ڪوفي موڪليائون. پر ابن زياد کين شهيد ڪرائي ڇڏيو. يزيد، حج جي موقعي تي حضرت امام حُسين عليه السَّلام کي شهيد ڪرائڻ جي سِٽ سِٽي پر حضرت امام حُسين عليه السَّلام صورتحال کي پروڙي، الله جي گهر جي حرمت کي قائم رکندي، حج کي عمري ۾تبديل ڪري عراق ڏانهن اُسهيا. سندن مختصر قافلي ۾ ڪجهه جان نثار ساٿي، خواتين ۽ ٻار هئا.

ڪوفي جي ناڪا بندي هئي ۽ حُر بن يزيد تميمي هڪ هزار سپاهين سان حُسيني قافلي کي گهيرو ڪري چڪو هو. 2 محرم 61 ھ تي حضرت امام حُسين عليه السَّلام ڪربلا پهتا. 3 محرم تي عمر بن سعد چئن هزارن سوارن سان پهچي ويو. هن جڏهن حضرت امام حُسين عليه السَّلام سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي ته حضرت امام حُسين عليه السَّلام فرمايو ته ”ڪوفين جي خطن ۽ پيغامن پهچڻ تي آءٌ هتي آيو آهيان. پر انهن غداري ڪئي، تنهنڪري آءٌ چاهيان ٿو ته جتان آيو آهيان اوڏانهن موٽي وڃان.“ عمر بن سعد به حضرت امام حُسين عليه السَّلام سان جهيڙڻ نه ٿي گهريو. هن اهو احوال ابن زياد کي لکي موڪليو. ابن زياد، يزيد جي

KARACHIEDU.COM

بيعت لاءِ زور پريو. جنهن کان حضرت امام حُسين عليه السَّلام انڪار ڪيو.يزيدي لشڪر سختي شروع ڪئي. 6 محرم تائين فوج تي فوج ايندي رهي. فرات نهر تي به لشڪر بيهاريو ويو، ته جيئن امامن تائين پاڻي نه پهچي سگهي.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام پاران امن جي جيڪا به ڪوشش ڪئي ويئي، اها ڪامياب نه ٿي. دشمن حملي لاءِ بلڪل تيار هئا. پر حضرت امام حُسين عليه السَّلام اڳرائي ڪرڻ جي حق ۾ نه هئا. 9 محرم تي شمر حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. يزيدي لشڪر کي وڌندو ڏسي، حضرت امام حُسين عليه السَّلام، حضرت عباس کي خبر لهڻ لاءِ موڪليو. حضرت عباس واپس اچي ٻڌايو ته”هو چون ٿا ته اسان جو حڪم مڃيو يا لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو.“ حضرت امام حُسين عليه السَّلام عبادت ڪرڻ لاءِ هڪ رات جي مهلت گهري. اها سڄي رات پاڻ، سندن اهل بيت ۽ ساٿي عبادت ۾ مشغول رهيا. صبح ٿيڻ سان رڻ گجيو راڙو ٿيو. دشمنن تيرن جو وسڪارو لائي ڏنو. دشمن جي هزارن جي لشڪر مان حُر،حضرت امام حُسين عليه السَّلام خدمت ۾ حاضر ٿيو. هن حضرت امام حُسين عليه السَّلام کان پنهنجي خطائن جي معافي گُهري ۽ پوءِ جهاد ڪندي سر ڏئي سَرهو ٿيو.

حُر جي شهادت کان پوءِ ٻنهي طرفن جا ماڻهو ايندا رهيا. شروعات حضرت امام حُسين عليه السَّلام جي سرويچ ساٿين کان ٿي. پوءِ عزيزن جو وارو آيو. علي اڪبر کان وٺي علي اصغر تائين سڀني شهادت جو جام پيتو. ٽن ڏينهن جي اُڃ ۽ بک، هيترن ساٿين ۽ عزيزن جي شهادت به حضرت امام حُسين عليه السَّلام جي عزم ۾ ڪو فرق نه آندو. پاڻ دشمن جي اٿاه لشڪر ۾ ڪاهي پيا. نيٺ وڇِينءَ ويل زخمن سان چُور ٿي، زمين تي ڪِري پيا. پاڻ خداوند تعاليٰ جي بارگاهَ ۾ سربسجود ٿيا. ڪنهن کي به وار ڪرڻ جي همت نه ٿي. نيٺ شمر جي هُشيءَ تي حضرت امام حُسين عليه السَّلام جو سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

حضرت امام حُسين عليه السَّلام حق ۽ باطل جي هن جنگ ۾ دين جي بقا لاءِ جيڪا قرباني ڏني، دنيا جي تاريخ اڄ تائين ان قربانيءَ ۽ ايثار جو اهڙو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي!

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. حضرت امام حُسين عليه السّلام جي ولادت ڪڏهن ٿي؟
2. حضرت امام حُسين عليه السّلام ڪنهن جي پاڪ هنج ۾ پليا ۽ نپنا؟
3. پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصحابِهٖ وَسَلَّم حضرت امام حُسين عليه السّلام بابت ڇا فرمايو آهي؟
4. 11 هه تي اهل بيت کي ڪهڙا ڏکوئيندڙ حادثا پيش آيا؟
5. حضرت امام حُسين عليه السّلام ننڍي وهيءَ کان ڪهڙو لاڙو رکندا هئا؟
6. حضرت امام حُسين عليه السّلام ڪربلا ۾ ڪهڙي تاريخ تي پهتا؟
7. حضرت امام حُسين عليه السّلام جو اهو ڪهڙو ڪارنامو آهي، جنهن بين الا قوامي شهرت حاصل ڪئي؟

KARACHIEDU.COM

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ولادت رضا معرڪو مصروف نهنا تڪبر ارتقا سرويچ عزم
هُشي باطل فصاحت بلاغت اڱرائي

### (ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

صلح مخالفت سادي مختصر غريب باطل

### (د) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو:

* سهڻو سلوڪ ڪرڻ * پنهنجو مَٽ پاڻ هئڻ
* سر ڏئي سَرهو ٿيڻ * سِٽ سِٽڻ

### (هه) هيٺين لفظن جا اشتقاق ڪريو ۽ معنيٰ لکو:

* سيد الشهداءِ * اهل بيت * پاڄهارا
* بين الا قوامي * سربسجود * صورتحال

# علامہ آءِ. آءِ. قاضي

**سکيا جي حاصلات**
- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فکري ۽ فني خوبين کان آگاھ ٿي سگھي.
- تحرير جي مرکزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگھي.
- سوالن جا جواب ڏئي سگھي.
- لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ کم آڻي سگھي.
- مرکب لفظ لکي سگھي.
- عبارت ۾ تشبيھ ۽ استعاري کي سڃاڻي سگھي.

اُھو لنڊن جو ھڪ ريلوي پليٽفارم ھو. ريل گاڏي ڇُٽڻ واري ھئي ۽ مسافر تڪڙ ۾ ريل گاڏيءَ ۾ چڙھي رھيا ھئا. انھن مسافرن ۾ ٻه ڄڻا سنڌ جا به ھئا. انھن مان ھڪ ڄڻو ته صحيح گاڏي ۾ چڙھي ويو ۽ ٻئي کي جيڪو گاڏو مليو ان ۾ چڙھي پيو. اندر پهچي ڇا ڏسي ته سڄي گاڏي ۾ ھڪڙي اڪيلي سھڻي ڇوڪري ويٺي آھي، گاڏي به ھلڻ لڳي ھئي. ھاڻي ڇا ڪري؟ ھو ھڪدم ان ڇوڪريءَ کي پُٺي ڏيئي، دروازي ڏانھن مُنھن ڪري بيھي رھيو، ڇاڪاڻ ته سنڌس ڳوٺ ۾ به اھو ئي رواج ھو ته جڏھن به ڪنھن گھٽيءَ مان عورتون لنگھنديون ھيون، تڏھن انھن جي اڳيان ڪو به ٻار يا مائي"پاسي پاسي" چوندا ھلندا ھئا ۽ مرد ماڻھو پٽ ڏانھن مُنھن ڪري بيھي رھندا ھئا. جيستائين اھي عورتون لنگھي نه وينديون ھيون، سو ھن به اھا ئي پنھنجي ڳوٺ واري پَرِ پاري.

اجنبي دوشيزه ڪيس ويھڻ لاءِ گھڻو ئي چوندي رھي، پر ھُن ڪان رڳو ايترو ئي اُڪليو ته "سائڻ، معاف ڪجو، مان پرديسي آھيان. پُل سان ھِن گاڏي ۾ چڙھي پيو آھيان، ريل بيھي ته لھي ويندس!" ھن جي ان شرافت ۽ سادگيءَ انھيءَ اجنبي دوشيزه جي جيءَ ۾ جاءِ جوڙي ورتي.

توھان کي خبر آھي ته اھو پرديسي ۽ اھا اجنبي دوشيزه ڪير ھئا؟اھو پرديسي علامہ آءِ. آءِ. قاضي ھو ۽ اھا اجنبي دوشيزه مادام ايلسا گرٽرو ڊولش ھئي، جيڪا پوءِ 'امڙ ايلسا قاضي' جي نالي سان سنڌ جي علمي ادبي حلقي ۾مشھور ٿي.ان حسن اتفاق کان ترت ئي پوءِ علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب سان سندس شادي 1910ع ۾ جرمنيءَ ۾ ٿي.

علامہ صاحب جو پورو نالو امداد علي آھي ۽ پيءُ جو نالو قاضي امام علي انصاري آھي. علامہ صاحب جو جنم 1886ع تي دادو ضلعي جي تاريخي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ ٿيو.

KARACHIEDU.COM

ننڍڙو امداد اچا اسڪول وڃڻ واري وهيءَ کي پهتو ته سندس پيءُ کي حيدرآباد ۾ مختيارڪار مقرر ڪيو ويو. تن ڏينهين حيدرآباد ۾آخوند عبدالعزيز جو مڪتب مشهور هو. علامه صاحب کي انهيءَ مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. پاڻ انن سالن جي عمر ۾ مسجد جي مؤذن جا فرض پڻ سرانجام ڏيندو هو.

علامه صاحب ڏهن سالن جي عمر تائين ڪنهن به سرڪاري اسڪول ۾ داخل نه ٿيو. جڏهن باقاعدي اسڪول ۾ داخل ٿيو. تڏهن به آخوند عبدالعزيز ساڻس گڏ هوندو هو، ته جيئن هو عام ٻارن ۾ ماڻهن سان نه ملي سگهي. علامه صاحب جي اڪثر تعليم خانگي طور تي ٿي. 18 سالن جي عمر ۾ پرائيويٽ اميدوار جي حيثيت سان سنڌي ورنيڪيولر فائنل جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن ۾ فارسيءَ ۾ پهريون نمبر آيو. 1905ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ به خانگي طور تي پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ عليڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ ۾ داخل ڪرايو ويو. 1907ع ۾علامه صاحب جو ماسات سيٺ عبدالقادر حافظ بئريسٽر ائٽ لا جي سَندَ حاصل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ وڃي رهيو هو، ته علامه صاحب کي به عليڳڙهه مان گُهرائي ساڻس گڏ انگلينڊ روانو ڪيو ويو.

لنڊن ۾علامه صاحب پهريون هڪ سال خانگي طور تي اقتصاديات جو اڀياس ڪيو. ٻئي سال لنڊن اسڪول آف ايڪنامڪس ۾ داخلا مليس، اتي ڊاڪٽر ڪَئنن سندس استاد هو. ان سان گڏوگڏ پاڻ ڊاڪٽر آرنلڊ کان نفسيات ۽ پروفيسر هابهائوس کان عمرانيات ۾ تعليم پرائيندو رهيو. "طبعيات" ۽ "حياتيات" جو پڻ پنهنجي ليکي اڀياس ڪندو رهيو. جامعه الازهر جي استاد شيخ گوما کان سواءِ ڊاڪٽر ٽرٽن عربيءَ ۾ سندس استاد رهيا.

1911ع ۾ علامه صاحب کي لِنڪُنس مان بارائٽ لا جي ڊگري ملي. جتان اها سَندَ حاصل ڪري، وطن موٽي آيو. پر سُتت ئي لنڊن موٽي ويو. اتي رهي وڪالت ڪرڻ بدران پنهنجي تحقيقي ڪم کي ترجيح ڏنائين. 1919ع ۾ علامه صاحب سنڌ ۾ مستقل طور رهڻ لاءِ آيو ۽ ٺٽي محمد خان ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. پوءِ حيدرآباد ۾ سب جج هو، ته خيرپور ميرس ۾ سيشن جج جي نئين عهدي تي ڏهن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويو. پر عدالتي معاملن ۾ رياستي اختيارين جي مداخلت سبب ٻن سالن کان پوءِ استعيفا ڏئي لنڊن هليو ويو. پاڻ لنڊن ۾ اسلام جي تبليغ لاءِ هڪ مرڪز

KARACHIEDU.COM

قائم ڪيائين. جنهن ڪي”جميعة المسلمين“ نالي هڪ جماعت هلائڻ لڳي. پاڻ لندن ۾اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾سنڌي پڙهائڻ شروع ڪيائين.ڪيس ”پوئٽري سوسائٽي آف انگلئنڊ“ جو نائب صدر ۽ فلاسافيڪل سوسائٽي آف انگلئنڊ جو تاحيات ميمبر مقرر ڪيو ويو.

علامہ صاحب ڪي سنڌي مسلمانن جي تعليمي، سماجي ۽ اقتصادي بدحاليءَ تي ڏاڍي ڳڻتي هئي. ان ڏس ۾ هو سياستدانن آڏو عمل جوڳيون رٿون ۽ بنا اجوري پنهنجون عملي خدمتون پيش ڪندو رهيو.

1924ع ۾لندن مان موٽي اچڻ تي، جناح ڪورٽس، ڪراچيءَ جي مسجد ۾ پيش امام تي جمعي جو خطبو پڙهندو هو. سندس خطبي ٻڌڻ لاءِ عالم،استاد توڙي نوجوان شاگرد اچي گڏ ٿيندا هئا. 1935ع ۾مولانا ظفر علي خان جي سهڪار سان ڪراچيءَ ۾”انجمن تبليغ اسلام“ قائم ڪيائين. انهن ڏينهن کي ياد ڪندي پروفيسر اڪرم انصاريءَ لکيو آهي ته”هو انسانيت جو هڪ عظيم استاد هو. اسان سندس ليڪچر ۽ خطبا چاليهن جي ڏهاڪي ۾ ٻڌا. آچر جي ڏينهن اسان وٽ ايندو هو ۽ مختلف موضوعن تي تقرير ڪندو هو.اسان کي پتو نہ پوندو هو، تہ ڪو موڪل جو ڏينهن آهي.ڪيس ٻڌڻ کان متي وقت جو ڪهڙو بهتر استعمال ٿي سگهي ٿو! اسين ڪيس غورسان ٻڌندا هئاسين ۽ اسان کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ اسين بلنديءَ طرف وڃي رهيا آهيون. هو اسان کي جمعي ۽ عيد نماز پڙهائيندو هو. سندس وعظ سان روح کي جنبش ۽ دل کي تحريڪ نصيب ٿيندي هئي“.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي جيتوڻيڪ گهڻو عرصو انگلئنڊ ۾ رهيو ۽ هميشہ سُوٽ بُوٽ پائيندو هو. پر سندس روح سدائين مشرقي رهيو. علامہ صاحب جو مطالعو ڏاڍو وسيع هو. مذهب، سائنس، فلسفي، ادب، شاعري، آرٽ، تاريخ ۽ تمدن، لغت ۽ منطق، نفسيات ۽ تصوف تي سندس گهري نظر هئي. پاڻ انهن علمن جي ڏاڍي نرميءَ سان ۽ سادي پيرائي ۾ تشريح ڪندو هو. سندس ذڪر ۽ فڪر جو محور قرآن شريف هو. پاڻ قرآن شريف کي سڄي انسان ذات لاءِ هدايت جو سرچشمو سڏيندو هو. قرآن شريف کان پوءِ علامہ صاحب جو وڏي ۾ وڏو ماخذ ”شاهہ جو رسالو“ آهي. پاڻ ”شاهہ جو رسالو“ ترتيب پڻ ڏنو اتس ۽ ايلسا قاضيءَ جي شاهہ جي چوند بيتن جي

KARACHIEDU.COM

انگريزي ڪتاب جو مهاڳ پڻ لکيو اٿس. چون ٿا ته علامه صاحب زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ لاڪيٽي لطيف جو ”سُر سهڻي“ گهڻو پڙهندو هو.

علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جو وڏي ۾ وڏو زنده ڪارنامو سنڌ يونيورسٽيءَ جو قيام آهي. پاڻ تن ڏينهن لندن ۾ رهيل هو، جتان کيس 1951ع ۾ گهرائي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. ان وقت سندس عمر 65 سال هئي. سنڌ يونيورسٽي دراصل علامه صاحب جي انهيءَ خواب جو تعبير هئي، جيڪو پاڻ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ترقيءَ لاءِ ڏٺو هئائين. پاڻ پهرئين ڏينهن کان ئي سنڌ يونيورسٽيءَ کي هڪ عظيم درسگاهه بڻائڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويو.علامه صاحب کان اڳ هيءَ يونيورسٽي فقط انٽر تائين امتحان وٺندڙ ادارو هو،جنهن ۾ هن ڪيترائي تدريسي شعبا قائم ڪيا. سندس ايامڪاريءَ ۾سنڌ يونيورسٽي پاڪستان جو اهم تعليمي ادارو بڻجي ويو. علامه صاحب سختيءَ سان تعليمي معيار کي برقرار رکيو. سندس وقت ۾ ڪاپيءَ يا سفارش جو نالو نشان به ڪو نه هو. وائيس چانسلريءَ جي دور ۾ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري، وڪٽوريا بگيءَ ۾ چڙهي، يونيورسٽي ايندو هو. جيڪي ڪاغذ، قلم ۽ فائيل پنهنجي ذاتي علميءَ ۽ ادبي ڪم ۾ ڪتب آڻيندو هو، انهن جي قيمت به پاڻ ڀريندو هو. انتظاميه پاران يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت کي علامه صاحب ڪڏهن به پسند نه ڪيو. جنرل ايوب خان جي مارشل لا واري دور ۾ انتظاميه جي اهڙي مداخلت تي علامه صاحب استعيفا ڏئي ڇڏي.

علامه صاحب، پنهنجي رفيقِ حيات جي وفات کان پوءِ اڪيلو ۽ ويڳاڻو ٿي پيو. ۽ پاڻ ايلسا قاضيءَ جي وفات کان هڪ سال پوءِ 13- اپريل 1968ع تي وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، ڄام شورو ۾ آهي. سندس تربت سان لڳ سندس رفيقِ حيات ايلسا قاضيءَ جي تربت آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ علامه صاحب ۽ سندس رفيقِ حيات جا نالا نئين ۽ پراڻي ڪئمپس تي رکيا آهن ۽ علامه آءِ. آءِ. قاضي چيئر قائم ڪئي آهي.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. علامہ آءِ. آءِ. قاضي جو پورو نالو ڇا آهي؟
2. علامہ صاحب جو جنم ڪهڙي تاريخي ڳوٺ ۾ ٿيو؟
3. علامہ صاحب ڪراچيءَ جي ڪهڙيءَ مسجد ۾ جُمعي جوخطبو ڏيندو هو؟
4. علامہ صاحب جو وڏي ۾ وڏو زنده ڪارنامو ڪهڙو آهي؟
5. علامہ صاحب کي ڪهڙي سال سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻايوويو؟
6. علامہ صاحب وائيس چانسلريءَ تان استعيفا ڇو ڏني؟
7. علامہ صاحب جي آخري آرام گاھ ڪٿي آهي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پَرِ اجنبي اُڪليو سانڌُ پُل مؤدن خانگي اپياس تبليغ ويڳاڻو آرام گاھ

### (ج) هيٺيان خال ڀريو:

1. علامہ صاحب جي اڪثر تعليم.................طور ٿي ٿي.
2. اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ کيس.................. ۾ داخل ڪرايو ويو.
3. پاڻ لنڊن ۾ اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾.................پڙهائڻ شروع ڪيائين.
4. قرآن شريف کان پوءِ علامہ صاحب جو وڏي ۾ وڏو ماخذ ......................... آهي.
5. علامہ صاحب 13-اپريل................ ۾ وفات ڪئي.

### (د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

صحيح استاد مرد بلندي خانگي زنده اعليٰ خواب

### (هہ) هن سبق مان مرڪب لفظ لکي ڏيکاريو.

### (و) هيٺين جملن کي خيال ۾ رکي تشبيھ ۽ استعارو سمجهايو:

1. ٻار گلاب جا گل آهن.
2. ٻار گلاب جي گلن جهڙا سهڻا آهن.

KARACHIEDU.COM

# سيد ميران محمد شاھ



وفات: 1963ع

ولادت: 1898ع

سيد ميران محمد شاھ سنڌ جي تاريخي ڳوٺ ٽکڙ ۾ 1898ع ۾ ڄائو. سندس مضمون ۾ 'دل جي طلب'، 'ڪنجي ٽڪر جو سير'، 'بلبل ۽ باغائي' ۽ 'پلن جو شڪار' شاهڪار آهن. سندس مضمونن ۾ دلڪشي ۽ رنگيني آهي، جيڪا هڪ شاعراڻي تصور سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. سندس اڪثر مضمون 'الوحيد' اخبار ۾ شايع ٿيا. شاعريءَ ۾ سندس تخلص 'مهجور' ۽ 'مير' آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو 'ڪليات مير' آهي.

سيد ميران محمد شاھ ورهاڱي کان اڳي سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار ۾ وزير رهيو. شاھ لطيف جي عرس تي ڀٽ شاھ ۾ ادبي ڪانفرنس جو بنياد پاڻ رکيائين. سيد ميران محمد شاھ 1963ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# گنجي ٽڪر جو سَير

**سکيا جي حاصلات**

- نئين متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- اصطلاحن کي سمجهي معنيٰ لکي سگهي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لائبريريءَ جو استعمال ڪري سگهي.

ڪاري رات، پرهه ڦُٽي پريات ڪان موڪلائي، پنهنجي مڪان ڏي موٽي رهي هئي. پکي پکڻ، ماڻهو مِرُون، ننڊ نيٽان ڪندي، پاڻ واحد جي واکاڻ ۾ رنيائي ۽ ريجهائي رهيا هئا. ڪانوَن جي ڪان ڪان، ڪبوترن جي ڪُوڪُو، چِتُن جي چِهه چهه ۽ هيڙهن جي هُوهُو، غافل کي ننڊ حرام ۽ بستر ناڪام ڪري ڏنو هو. اهڙيءَ روح کي راحت ڏيندڙ سيني کي سرور بخشيندڙ ساعتَ سيد کي سير ۽ سواريءَ جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. خاوند جي خدمت کان خالي ٿي، صحبتين سان صلاح ڪري سير جو سامان تيار ڪري ويچار ۾ رهياسين، ته ڪهڙي مڪان بهشت سمان جو ديدار فرحت آثار حاصل ڪري، دل بهلائجي ۽ روح ريجهائجي! انهن خيالن ۾ غلطان، محو ۽ مستان هئاسين، ته هڪ ڪارن ڪڪرن جي قطار ۽ گُڙ جي گجگوڙ آسمان ۾ نظر آئي، جنهن سورج جي ساڙيندڙ ڪرڻن جي ڳِٽتي ڳنوائي، هٿرو جُهڙ جُهڙالو ڏسي، سيني مَتِ ڏني ته "گنجي پيرن جي منجي (ڪٽ)" جي گهمڻ جو ارادو ڪجي. پڪو واعدو ڪجي. آخر گهوڙا گهرائي سنج رڪائي. گنجي جو گس ورتوسين، تان جو هڪ مقبري کي جو جبل جي دامن وٽ آهي، اتي پهتاسين. هي مقبرو درگاهه اولياءَ حضرت عبدالرحمان سرهندي جو آهي. اولياءَ جي زيارت ڪري، مجاورن جي سنڀال هيٺ گهوڙا ڏاري، جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻ شروع ڪيوسين. اُتاهين هئي اوچي، تنهن تي چڙهياسين ته نمي ۽ نوچي، پر نه هو لڪ نه لانگهو، وري سِر جو سانگو، سو ڏونگر جي ڏاکڻ ڏاڍي ڏکي نظر آئي، پر اسين مرد ميدان، جوڌا جوان هئاسين، سو هرگز نه موٽياسين. تان جو ٽڙي ٽڪي، جهجِي جُهري اچي ڪوهه جي ڪنڌ تي ڪڙڪياسين.

جان ڪٽي ڪنڌ ڦيرايون ته واهه! عجب عالم نظر آيو، جنهن سڀ ڏک ڏاڪڙو وڃايو، ڀهريائين ته پانيوسين ته ڪنهن عالم روحانيءَ ۾ مَلڪن مهماني ڪئي اٿئون،

KARACHIEDU.COM

يا مولىٰ مهر ڪري جيئري جنت جو جلوو پسايو اٿئون، پر خوض ۽ خيال بعد هوش ۽ حواس حامي ٿيا! جنهن ڪري پروڙيوسين، ته نه ٻيلي ساڳئي گنجي ٽڪر تي ڪڙا آهيون، جو اڳي گنجو يا نوڙهو نظر ايندو هو. پر هاڻ برسات برسي، بهار لائي، گنجي کي گلزار بڻائي ڇڏيو آهي. ڏٺوسين ته منداڻتن مينهن رڻن ۾ ريج ڪري اوير اوياري، جبل کي جنسار ۾ آڻي ڇڏيو هو. چا هينانهين، چا ڪوهه، چا ڪڏ، چا لڪ، چا لانگهو، چا راهه، چا رند، سڀ اهڙا ته سرسبز ۽ ساوا نظر آيا ٿي، جو ڄڻ قدرت جي ڪنوار پنهنجي سينگار لاءِ سائي ساڙهي ٻڻائڻ جو ارادو ڪيو هو. وري ان سائي سطح تي جا رنگ برنگ گوناگون گلن جي جهڳ مڳ ۽ جهرمر، تنهن هيڪاري متئين خيال جي تصديق ڪئي ٿي. جو ته سائي سطح جي ساڙهيءَ تي قسمين قسمين گلن، لعلن هيرن ۽ جعفرن جي جوتِ جتائي ٿي. گاهن ۽ گلن جا قسم ايترا جو ڳڻي ڳڻجن ڪيترا!

دامڻ ۽ ديور، تل ۽ تراين جي ڪنار سبزه زار بڻائي هئي. لُلَرَ ۽ لنب، جبل جي جسم کي جامه زُمردين پهرائي عجب گلڪار لڳائي هئي. نرم نرم وٿائتي زمين تي موٺ ۽ مَڪٽين جي موج هئي. جتي ڪٿي ميها ۽ مُنگها پُوج! جبل جي ميدان تي وري کي چوٽيون چوٽيون ٽڪريون نظر آيون ٿي، جن مصر جي مخروطي مُنارن جي ڏيکائي ڏني ٿي. اهي منارا ته هوندا پٿر جا، پر هي ٽڪريون ريشم روءِ نفيس ۽ نرم، سسئيءَ جي پٽر جي ساوڪ سبب زمرد جون جُڙيل نظر آيون ٿي. ڏنار ڪٿوري پنهنجي خوشبوءِ ۽ خستوري پٽن تي پکيڙي مارُو ماڻهن جو مغز معطر ڪيو ٿي. ٻاگيون ۽ ٻاگاڻ، ڳم ۽ ڳنڊير، سڀ بوند برسي بود ۾ آندا هئا. سائي سهڻي ميدان تي قسمين قسمين رنگ برنگ جهنگلي گل هئا، جي ٿڌن ٿڌن جهونڪن تي نچي ٽپي رهيا هئا ۽ مسافرن جي محنت ۽ ماندگي مِٽائي رهيا هئا.

انهيءَ قدرت جي عجيب نظاري، اسان جي دلين ۾ خوب خوشي اُٿاري ۽ اسان جي جسم ۾ نئين سر جان جياري. جبل جي جاڪوڙن جي ڪري، اُڃ جي اُساٽ هئيسين، سو پاڻي پيئڻ جي ارادي سان ڪنهن چشمي جي ڳولا ۾ هلياسين، تان جو پري ڪان هڪ ڇَن جي چاڇر تي نگاهه پئيسين، پر جان ويجها وڃي ڏسون، ته مار! مينهن جي مسلسل مانداڻ ۽ پر پراڻ جي ڪري، پَلَرَ اهڙي ته پالوٽ ڪئي هئي، جو چڪ ڪان چارو نه نهي، جو اُڃ اُجهائجي. آخر ٻئي طرف رُخ رکيوسين تان جو هڪ تَلَ

KARACHIEDU.COM

جي ويجهو وجي پلر جو پاڪ ۽ صاف پاٽي پي ڏؤ ڪيوسين. ناشتو، جو پاڻ سان آندو هوسين، سو بہ نوش جان ڪيوسين. اجا اُتي تڏڪار ۾ ويٺي تڪ پڳاسين تہ ٽلين جي ٽِڻ ٽِڻ ۽ ڇڙن جي ڇُڻ ڇُڻ جو آواز ڪن تي پيو. انهيءَ منيءَ منيءَ ٽلين جي ٽڻ ٽڻ سان گڏ وري نڙ ۽ ريدار جي روح ريجهائيندڙ رڙ از حد آرام ڏيئي ڇڏيو. ٿوري وقت ۾ ڏٺوسين تہ ويجهي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان ٻڪريون ٻيبرات ۽ رڍون رڙاٽ ڪنديون لهڻ لڳيون. تان جو اچي ٻارِ ۾ ٻُوٽ ٻوڙيئون ۽ پلر پيتئون. ٻڪرار ۽ ريدار بہ هش هش ۽ ڊرڪو ڊرڪو ڪندا اچي سهڙيا. ٿوري وقت کان پوءِ ميهارن مينهون ڪاهي، ڳوارن ڳئون گهمائي، اچي پلر جو پاسو ورتو. سڀ مال پاٽي پي، پاهه پٽڻ ۽ چاهڪ گاهه چرڻ لڳو. اسان ۽ ڌنارن پنهنجي منڊلي مچائي. ڪنهن نڙ وڄايو، ڪنهن بانسريءَ کي ٻڙايو، ڪنهن سورٺ، ڪنهن ڪچيو سر ڪاپات! ڪو مورو چوڻ ۾ مست ۽ ڪنهن ڇلي ۾ ڪيو ڇيهہ! ڪنهن سارنگ ڳايو، ڪنهن لوڙائي جي ڪئي لات! اهڙي مني آواز، سريلي ساز، ڌنارن کي وجد ۾ آڻي ڇڏيو ۽ قلندرن وانگر جهمريون پائڻ، نچڻ ۽ ٽپڻ لڳا.

(سيد ميران محمد شاهہ)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سيد ميران محمد شاهہ وارا گنجي ٽڪر تي پهتا تہ ڇا محسوس ڪيائون؟
2. ’گنجي ٽڪرجوسير‘ سبق ۾ ڳاهن، ڳلن ۽ وڻن جا جيڪي نالا آهن،سي لکو.
3. گنجي ٽڪر تي ڌنارن ڪهڙا ڪهڙا ساز ڀئي وڄايا؟
4. گنجي ٽڪر جو سير سبق ۾ اوهان کي ڇا پسند آيو ۽ ڇو؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پرِيات غلطان اُسات گوناگون جهڱمڱ مَت معطر پُوڄ

KARACHIEDU.COM

## (ج) هيٺ ڏنل اصطلاحن جي معنيٰ ڏئي جملن ۾ ڪم آڻيو:

* ننڊ حرام ڪرڻ
* دل بهلائڻ
* سر جو سانگو ڪرڻ
* منڊلي مچائڻ
* نوش جان ڪرڻ
* هُش هُش ڪرڻ

## (د) هيٺين لفظن/ آوازن جهڙا ٻيا لفظ / آواز لکو:

مثال: هيڙهن جي هُو هُو

## (ھ) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

حرام     ڏيءُ     ڏک     هيناهين     اڳي     نرم

## (و) هيٺ ڏنل متن پڙهي، هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.

سياري جي موسم ۾ ايڏي سردي! پاڻيءَ ته ٻاهر نڪرڻ جو نالو ئي نه ونجي. هينئر پکي آکيرن ۾ ويهي، ڏينهن کي الوداع چوڻ لاءِ آتا آهن ته ماٺهو وري رات ڪاٽڻ ۽ سرديءَ کان بچڻ لاءِ ٻاهر جا مچ ٻيا ٻارين. ڳوٺ جي اوطاقن ۾ ٻاهر جو مچ پيو ٻري ۽ هَاري ناري سيءَ کي ڀڄائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن.

سوال 1. عبارت ۾ ڪهڙيءَ موسم جو ذڪر ٿيل آهي؟
سوال 2. سياري ۾ ٻاهر جو مچ ڇو ٻاربو آهي؟

## (ز) اوهان لائبريريءَ مان سنڌ جي تاريخي ماڳن تي لِکيل ڪتاب پڙهو ۽ انهن تاريخي ماڳن جي اهميت بابت پنهنجي ڪِلاس ۾ ساٿي شاگردن کي ٻڌايو.

**سرگرمي:** ☜ اوهان ڪنهن ماڳ جو سير ڪيو هجي ته ان بابت لکو.

# سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

**سکيا جي حاصلات**

نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. سوالن جا جواب ڏئي سگهي. ٻنا يا مرڪب لفظ لکي سگهي. متن ڪي پڙهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي مدد سان نوان لفظ ناهي سگهي.

سنڌي هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. موهن جو دڙو مان لڌل مُهرن تي موجود لکت مان ثابت آهي، تہ هتي آڳاٽي دور ۾ بہ ڪا ٻولي لکت جي روپ ۾ موجود هئي. لسانيات جا ماهر، ملڪي توڙي بين الا قوامي سطح تي انهيءَ ٻوليءَ کي پڙهڻ جا جتن ڪري رهيا آهن.

عرب سياحن ۽ تاريخدانن جي تحريرن موجب نائين صدي عيسويءَ ٻلڪ ڪن حوالن موجب ان کان بہ اڳي سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ رائج هئي. جڏهن ڪا ٻولي رائج هئي، تہ انهيءَ ۾ علم ادب بہ ضرور پيدا ٿيو هوندو، پر ان دَور جو ادب محفوظ نہ رهي سگهيو آهي! عربن جي دَور ۾ قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اهو احوال بزرگ بن شهريار جي جاگرافيءَ نالي ڪتاب 'عجائب الهند' ۾ لکيل آهي. اهو ترجمو عراق جي هڪ عالم ڪيو هو، جيڪو سنڌ ۾ رهي سنڌي ٻولي سکيو هو ۽ منصوره جو وينل هو. اسلامي دور ۾ بين اسلامي علمن جو بہ سنڌيءَ ۾ رواج پيو. عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتب اچڻ لڳا، ۽ سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط پڻ اختيار ڪيو ويو.

عربن کان پوءِ سنڌ تي سومرن جو راڄ قائم ٿيو. انهن 1050ع کان 1350ع تائين حڪومت ڪئي. اهو دَور سنڌي ادب جو ابتدائي دَور ليکجي ٿو. انهيءَ ئي دور ۾ ياڳو يان سنڌيءَ ۾ عظيم رزميو جوڙيو جيڪو دودي- چنيسر جي معرڪي بابت آهي. ساڳئي دَور ۾ اسماعيلي مبلغن جو ڪلام بہ ملي ٿو، جنهن کي "گنان" سڏجي ٿو. پير صدرالدين ان سلسلي جو هڪ نالي وارو شاعر ٿي گذريو آهي.

سومرن کان پوءِ سما (1351-1520ع) حاڪم ٿيا. انهيءَ دَور ۾ بہ ڪي بيت ملن ٿا. جن ۾شيخ حماد، اسحاق آهنگر، شيخ احمد، شيخ ڄُوهڙ ۽ ماموئي فقيرن جا بيت اهم آهن.انهيءَ دَور ۾ قاضي قادن هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن زندگيءَ جو پويون عرصو ارغونن جي دَور ۾ گذاريو. قاضي قادن جا پهريائين ست بيت هٿ آيا، پر 1976ع ۾ سندس سَوَ کان مٿي بيت هٿ آيا آهن.

KARACHIEDU.COM

ارغون دَور (1520-1555ع) ۾ قاضي قادن کان پوءِ پير محمد لکوي، عثمان احساني، مخدوم نوح سرور، لطف الله قادري ۽ شاهه ڪريم جا نالا اهم آهن، جن جي ڪلام ۾ تصوف مکيه موضوع آهي، پر انهن وقت جي حالتن ۾ عام ماڻهن جي ڏکن سُکن کي بہ موضوع بڻايو آهي. شاهه ڪريم انهيءَ دَور جو وڏو شاعر آهي، سندس 93 بيت هٿ آيا آهن.

انهيءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جي حڪومت جو دَور (1701-1783ع) شروع ٿيو. ميان يار محمد ڪلهوڙو اُتر سنڌ تي حاڪم هو ۽ 1737ع تي سڄي سنڌ جا حاڪم ٿيا. جيڪو عرصي جي لحاظ کان تہ فقط 83 سال هليو، پر ان دَور ۾ سنڌي ادب ۾ گهڻو واڌارو ٿيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ هن دَور جو عظيم شاعر آهي. سندس ڪلام جو ڪتاب ”شاهه جو رسالو“ سنڌي ٻوليءَ جو لافاني دستاويز آهي. شاهه سائين صحيح معنيٰ ۾ هڪ آفاقي شاعر آهي. هن دَور جي ٻين عالمن: شرعي ۽ ديني مسئلن تي بہ شاعري ڪئي آهي. انهن عالمن ۾ مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم اهم آهن. مخدوم ابوالحسن جو ڪتاب ’مقدمة الصلواة‘ 1700ع ۾ لکيو ويو. جيڪو ”مخدوم ابوالحسن جي سنڌي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. ان دَور ۾ بيتن ۽ وائين سان گڏ الف اشباع جي صنف بہ رائج ٿي. شاهه لطيف جي وڏن توڙي ننڍن همعصرن ۾ ميون شاهه عنات رضوي، صوفي شاهه عنايت شهيد، خواجہ محمد زمان، ميون عيسو ، تمر فقير، روحل فقيرءِ مراد فقير اهم شاعر آهن.

ٽالپرن جي دَور ۾ جنهن شاعر کي عام مقبوليت حاصل ٿي، اهو سچل سرمست آهي. ڪيس هفت زبان شاعر سڏيو ويندو آهي. سندس ڪلام جو نمايان گڻ رندي، بيباڪي ۽ سرمستي آهي. خليفو نبي بخش قاسم ۽ سامي وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. جمن چارڻ، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، ميان سرفراز ڪلهوڙو ، صادق فقير، عبدالرحيم گرهوڙي، دلپت بہ انهيءَ دَور جا اهم شاعر آهن. ٽالپر دَور جو هڪ ٻيو وڏو شاعر سيد ثابت علي شاهه آهي. جنهن مرثئي جي صنف سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ڪئي.

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. انهن سنڌي زبان لاءِ بہ هڪ پاليسي ناهي، جنهن هيٺ تعليم لاءِ مادري زبان کي اهميت ڏني وئي. سنڌيءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي. جنهن 1853ع ۾ هڪ رسم الخط

KARACHIEDU.COM

منظور ڪيو، جيڪو اڄ به رائج آهي. انگريزن جي دَور ۾ سنڌي ٻولي صحيح معنيٰ ۾ جديد دور ۾ پير پاتو ۽ درسي ڪتاب تيار ڪيا ويا. ان سان گڏوگڏ ڪيترا ئي ادبي ڪتاب لکيا ويا ۽ ترجمو پڻ ڪيا ويا. ديوان ننديرام، اڌيرام، ڪانن داس، ميران محمد شاهه (اول) ۽ ديوان ڪوڙومل انهيءَ دَور جا اهم ليکڪ آهن. انهيءَ دَور ۾ نثر ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو. ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ ۽ مضمون جهڙين نثري صنفن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ڪيو ويو. مرزا قليچ بيگ ان دَور جو تمام وڏو نالو آهي. هن نثر توڙي نظم ۾ سوين ڪتاب لکيا آهن. سندس موضوعن جو دائرو ڏاڍو وسيع آهي. شايد ئي ڪو اهڙو موضوع هجي، جنهن تي مرزا صاحب نه لکيو هجي. ڏيارام گدومل،نولراءِ، جيٺمل پرسرام، پرمانند ميوارام، پيرومل مهرچند، لالچند امرڏنومل، دين محمد وفائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، محبوب علي چنا، مولائي شيدائي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ عبدالحُسين شاهه موسوي انهيءَ دَور جا اهم نثرنگار تي گذريا آهن.

علم عروض تي شاعريءَ جو بنياد ته اڳ ۾ پئجي چڪو هو، پر ميرن ۽ انگريزن جي دَور ۾ انهيءَ وڏيڪ ترقي ڪئي. سنڌي شاعريءَ ۾ غزل، قصيدي، رباعي ۽ مثنويءَ جهڙيون صنفون رائج ٿيون. خليفو گل، آخوند قاسم، فاضل شاهه، غلام محمد گدا، محمد هاشم مخلص، مير عبدالحُسين سانگي، حافظ حامد، محمد بخش واصف ۽ هدايت الله نجفي انهيءَ دَور جا نمايان شاعر تي گذريا آهن. ڪشنچند بيوس ، ڪيئلداس فاني، عبدالڪريم گدائي ۽ حيدر بخش جتوئيءَ سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

انگريزن جي دَور ۾ خود انگريزن ۽ ٻين يورپي ڪامورن سنڌي زبان، ويا ڪرڻ، لغت، سنڌي ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ به ڪتاب لکيا.

1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو ۽ سنڌي ادب جي اوسر ۾ مانار آئي، پر پوءِ سنڌي اديبن، عالمن ۽ شاعرن انهيءَ مانار کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ تاريخي جدوجهد جو آغاز ڪيو ۽ ان ۾ سوڀارا ٿيا. ان دَور ۾ نثري توڙي شعري تخليقن جو معيار اعليٰ آهي. هڪ پاسي روايتي شاعريءَ ۾ مخدوم طالب المولیٰ، ڊاڪٽرابراهيم خليل، محمد خان غني، حافظ عبدالله بسمل، غلام احمد نظامي ۽ ٻيا سنڌي شاعريءَ ۾



KARACHIEDU.COM

پنهنجي تخيل کي منتقل ڪري رهيا هئا، ته ٻئي پاسي شيخ اياز، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، ٻردو سنڌي، نعيم دريشاڻي، امداد حُسيني ۽ استاد بخاري جديد سوچ کي شاعريءَ ۾ پلٽي رهيا هئا. محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي،ابراهيم منشي، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، مير محمد پيرزادو، انور پيرزادو، قمر شهباز ۽ سحر امداد به ان دَور جا اهم نالا آهن.

انهيءَ دَور ۾ نثري صنفن ۾ ڪهاڻيءَ کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي. ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسئلن ۽ عام جيوت تي لکيو ويو. جمال ابڙو،اياز قادري، غلام رباني آگرو، نجم عباسي، رشيد ڀٽي، حفيظ شيخ ۽ ٻين نئين سنڌي ڪهاڻي جو بنياد رکيو.نسيم احمدکرل، آغا سليم، رشيده حجاب، علي بابا، قاضي خادم، ماهتاب محبوب، امرجليل، غلام نبي مغل، ماڻڪ، حميد سنڌي، شوڪت شورو، عبدالقادر جوڻيجو، مشتاق شورو، نورالهديٰ شاهه،خيرالنساءِ جعفري، ممتاز مهر، رحمت الله ماجوني، ٽاپا ٽيبو، رعنا شفيق ڪهاڻيءَ جي انهيءَ روايت کي اڳتي وڌايو.

تنقيد، تحقيق توڙي ترجمي جي ڏس ۾ موجوده دَور سنڌي ادب لاءِ بيحد اهميت وارو آهي. جي. ايم سيد، پير حسام الدين راشدي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محبوب علي چنا، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، مولانا غلام محمد گرامي ، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، رسول بخش پليجي، محمد ابراهيم جوئي، محمد عمر چند، سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر فهميده حُسين جون ان ڏس ۾ نمايان خدمتون آهن.اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو ادب، تخليقي ، تحقيقي ۽ تنقيدي ادب سرجي رهيو آهي، جنهن ۾ شاعري، سان گڏ ڪهاڻيون، ناول، مضمون، ڊراما، سفرناما ۽ ٻيون صنفون اچي وڃن ٿيون.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سنڌيءَ ۾ قرآن شريف جوپهريون ترجمو ڪهڙي دَور ۾ ٿيو؟
2. سنڌيءَ ۾ عظيم رزميو ڪنهن جوڙيو؟
3. اسماعيلي مبلغن جي ڪلام کي ڇا ٿو سڏجي؟

KARACHIEDU.COM

4 سمن جي دَور جو وڏو شاعر ڪير آهي؟
5 ڪلھوڙن جي دَور جو وڏو شاعر ڪير آهي؟
6 مخدوم ابوالحسن جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟
7 سنڌي ٻوليءَ صحيح معنيٰ ۾ جديد دَور ۾ ڪڏهن پير پاتو؟
8 سنڌي ٻوليءَ جو هاڻوڪو رسم الخط ڪهڙي سال منظور ڪيو ويو؟

## (ب) موجوده دَور جي ڪن ٻـ ٽن جديد شاعرن جا نالا لکو:

## (ج) موجوده دَور جي ڪن ٻـ ٽن ڪهاڻيڪارن جا نالا لکو:

## (د) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اُهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

آڳاٽي ابتدائي همعصر وسيع جدوجهد جيوت
ڳڻ جديد نمايان رزميو جتن

## (هـ) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 اسماعيلي مبلغن جي ڪلام کي سڏجي ٿو.

(1) ڳاهَہ (2) ٻيجَ (3) ڪافي (4) ڳنان

2 ’مقدمة الصلوٰة‘ ڪتاب لکيل آهي.

(1) مخدوم معين ٺٽوي (2) مخدوم عبدالرؤف ڀٽي
(3) مخدوم ابوالحسن سنڌي (4) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

3 موجوده سنڌي رسم الخط رائج ٿيو.

(1) 1843ع ۾ (2) 1857ع ۾ (3) 1853ع ۾ (4) 1866ع ۾

## (و)

’لاڦاني‘ ۾ ’لا‘ اڳياڙي ملائي ٻنو لفظ ٺاهيو ويو آهي. ’لا‘ جي معنيٰ آهي ’نہ‘. لاڦاني جي معنيٰ ٿي ’جنهن کي فنا نہ هجي‘ توهين ’لا‘ اڳياڙي وارا ڪجهہ ٻيا لفظ لکو ۽ انهن جي معنيٰ بہ لکو.

KARACHIEDU.COM

# مرزا قليچ بيگ



ولادت: 1853 ع وفات: 1929 ع

مرزا قليچ بيگ ولد فريدون بيگ 1853 ع تي ٽنڊي نوڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سندس وڏا اصل گرجستان (روس) جا هئا. پاڻ پرائمري تعليم ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد سنڌ جي اسڪول مان ورتائين. انگريزي تعليم نووديالا اڪئڊمي حيدرآباد سنڌ ۾ پرايائين. مئٽرڪ لاءِ ممبئي پڙهڻ ويو.

سڀ کان پهرئين فارسي استاد جي نوڪري ڪيائين ۽ پوءِ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو ۽ ترقي ڪندو مختيارڪار ٿيو. ڊپٽي ڪليڪٽر جو عهدو ماڻي 55 سالن ۾ رٽائرمينٽ ورتائين.

مرزا قليچ بيگ چاهتر (76) سالن جي ڄمار ۾ چار سو ايڪهٺ (461) ڪتاب لکيا. جن ۾ ناٽڪ، ڊراما، لطيفيات،مضمون، ناول، آتم ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جا ڪتاب اچي وڃن ٿا. مرزا قليچ بيگ گهڻو ڪري هر موضوع تي ڪتاب لکيا آهن. سندس ادبي ڪم تي کيس 'شمس العلماء' جو انگريز راڄ ۾ اعزاز مليو. مرزا قليچ بيگ سنڌي، انگريزي، فارسي، اردو ۽ بلوچي ٻولين ۾ ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ طبع زاد ۽ ترجما اچي وڃن ٿا.

مرزا قليچ بيگ 3 جولاءِ 1929 ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار بلند شاهه مقام، ٽنڊي نوڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# سچائي

**سکيا جي حاصلات**

- تحرير جي فڪري ۽ فني خوبين ۽ اوڻاين کان آگاهہ ٿي سگهي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- اصطلاح جي باري ۾ ڄاڻي سگهي.
- ڪنهن مضمون لکڻ وقت پنجن کان متي پيراگرافن ۾ پنهنجي مشاهدن، ڄاڻ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.
- روزاني زندگي جي تجربن، مشاهدن ۽ واقعن جي حوالي سان مڪالما، يادگيريون ۽ ڊائري لکي سگهي.

ٻڌو! جيڪو سچ جي سُونهن تي عاشق آهين ۽ انهيءَ سادگي ۽ صفائيءَ تي موهيو وڃين، سو انهيءَ پنهنجي محبوب جي پچر متان ڇڏين ۽ انهيءَ سان سچو رهندو آءُ. انهيءَ سان نينهن نيائڻ ڪري نيٺ توکي عزت ۽ ايمان حاصل ٿيندو. سچي جي زبان سندس دل ۾ ڪتل آهي. جيڪو هُو ڳالهائي ٿو تنهن ۾ ڪوڙ ۽ نڳيءَ جو نشان ئي ڪونهي. ڪوڙ ڳالهائڻ مهل هُو ڏاڍو شرمندو ٿو ٿئي ۽ هن جو من منجهيو پوي پر سچ ڳالهائڻ مهل هُو ڏاڍو عقل ۽ هوش وارو پيو ڏسڻ ۾ اچي. هُو مڙسن وانگي پنهنجي عزت بچائڻ ۽ چال چلت ثابت ڪرڻ لاءِ محبت ڪري ٿو، باقي ڪوڙي ۽ ڍونگي ماڻهوءَ جي ڳالهہ تي هو خيال ئي نٿو آڻي ۽ انهيءَ کان نفرت ڪري ٿو.هُو پاڻ سان سچو رهي ٿو، هن کي ڪنهن بہ ڪم ۾ حيراني يا پريشاني ڪانہ ٿي ٿئي. سچ ڳالهائڻ ۾ هُو ڏاڍو همت وارو آهي، باقي ڪوڙ ڳالهائڻ کان هُو ڏاڍو ڊڄي ٿو.

مڪر ۽ فريب ڪرڻ هن جو وَڙُ ناهي، هن جي وات جا لفظ هن جي دل جي خيالن سان موافق آهن، يعني هن جي دل ۽ زبان هڪجهڙي آهي. انهيءَ هوندي بہ هُو ڏاڍي احتياط ۽ خبرداريءَ سان وات پٽي ٿو.هُو پهرين خيال ڪري ٿو، پوءِ جيڪي برابر ڄاڻي ٿو ۽ مناسب سمجهي ٿو، سو ڳالهائي ٿو. هُو سچيءَ دل سان دوستن وانگي صلاح مشورو ڏئي ٿو. هُو بي حجاب ٿي عتاب ۽ فهمائش ڏئي ٿو ۽ جيڪو انجام ڪري ٿو سو ضرور پورو ڪري ٿو.

ڪوڙي ۽ نڳ جي دل سندس ڇاتيءَ ۾ لڪل رهي ٿي. هُو پنهنجي ڳالهہ سچ جي لباس ۾ لڪائي ٿو، پر دل جو مطلب رکيو اهو اٿس تہ نڳي ڪريان. هُو ڏک مهل کِلي ٿو ۽ خوشيءَ مهل روئي ٿو ۽ جيڪي واتان ڪچندو تنهن جي ڪابہ معنيٰ يا حقيقت نہ هوندي. هُو اَنڌي کُوئي وانگي هميشہ اونداهيءَ ۾ پيو ڪم ڪندو ۽

KARACHIEDU.COM

پائيندو ته ڪيس ڪوبه جوکو ڪونهي، پر ذينهن جي روشنائيءَ ۾ ان جا حوصلا خطا ٿيو پون ۽ جيڪا ڏوڙ مُنهن ۾ پويس ٿي سا ظاهر ظهور پيئي ڏسجي. هُو هميشه پنهنجا ذينهن روڪ ۽ بندش ۾ پيو گذاري. هن جي زبان ۽ هن جي دل سدائين پاڻ ۾ مخالف آهن. هُو متا پيو هٽي ۽ محنت پيو ڪري ته ماڻهوڪيس سچو سمجهن پر پاڻ کي ڪوڙ ۽ نڳيءَ جي خيالن ۾ ويڙهيندو وڪوڙيندو وڃي.

اڙي بي عقل، اڙي جاهل! جو پيو پاڻ لڪائڻ لاءِ عذاب سهين ۽ محنتون ڪرين، جيڪو پاڻ کي ڏيکارڻ لاءِ سعيو تو ڪرين تنهن جي نسبت ته هي تڪليفون تمام سخت اٿئي. ڏاها ماڻهو تنهنجي نڳي ۽ ڪوڙ تي کِلندا ۽ جڏهن اهو ڪوڙ جو پوش لهي پوندو، تڏهن سارو جهان توتي ننوليون ڪندو ۽ توکي ڏڪاريندو.

(’تهذيب اخلاق‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سچائيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن؟
2. مرزا قليچ بيگ جي سبق ’سچائي‘ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟
3. اسان کي پنهنجي زندگي ڪهڙي ريت گذارڻ گهرجي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پچر سُونهن نينهن مڪر موافق فهمائش نسبت سعيو ننولي

### (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

* ڳاٽ اوچو ڪرڻ * ڪؤنس ڪرڻ * ٻتاڪون هڻڻ

KARACHIDU.COM

## (د) پنهنجي زندگيءَ جو ڪو به يادگار واقعو لکو.

**سرگرمي:**

☜ ’سچائي‘ جي موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ هڪ مضمون لکو.

**ياد رکو ته:**

اصطلاح عربي لفظ ’صلح‘ مان ورتل آهي. لفظن جي اهڙي فعلي صورت جنهن جي معنيٰ يا مُراد لغوي لحاظ کان هٽي ڪري سماجي هجي ته ان کي اصطلاح چئبو آهي.

**جيئن:** اپ قاڙڻ = ٻتاڪون هڻڻ.

جڏهن ته لغوي يا سڌي سنئين معنيٰ رکندڙ ساڳي صورت وارو لفظ ’محاورو‘ سڏبو آهي.

**جيئن:** منڙو ڳالهائڻ = سنو ڳالهائڻ.

KAR...COM

# پيرومل مهرچند آڏواڻي



جنم: 1875ع

لاڏاڻو: 1950ع

پيرومل مهرچند آڏواڻي 1875ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ جائو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جو ناميارو محقق، لطيف شناس، اديب، شاعر، مضمون نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ’قديم سنڌ‘، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ ۽ ’وڏو سنڌي ويا ڪرڻ‘ اهم ڪتاب آهن. ’نؤبهار‘ سندس شاعريءَ جو ڪتاب آهي. شاعريءَ ۾ ’غريب‘ تخلص ڪم آندو اٿس. درسي ڪتابن ۾ به سندس ڪيترائي نظم ڇپيل آهن. پيرومل 1950ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

KARACHIEDU.COM

# ڪاهوءَ جو دڙو

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن به تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فکري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- ڪنهن نئين متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- ضمير خالص جي قسمن بابت ڄاڻي سگهي.
- لفظن جا اشتقاق ڪري سگهي.
- روزاني زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن ۽ واقعن جي حوالي سان مڪالما، يادگيريون ۽ ڊائري لکي سگهي.

سنڌ ۾ ڪي اهڙا هنڌ آهن جي اڳي گهڻو وسيل هئا، ۽ پوءِ غيرآباد ٿي، وري آباد ٿيا آهن. اهڙو هڪ مثال هاڻوڪي شهر ميرپورخاص وارو طرف آهي. سن 1793ع ڌاري، سنڌ جي ميرن جڏهن حڪومت جو ورهاڱو ڪيو، تڏهن اهو پاسو ماڻڪاڻي ميرن کي مليو. سن 1806ع ۾ مير علي مراد ٽالپر ماڻڪاڻيءَ اتي شهر ٻڌايو، جو سندس نالي پٺيان 'ميرپور' يعني مير جو شهر سڏجڻ لڳو. مير شير محمد خان ٽالپر، جنهن کي سن 1843ع ۾ چارلس نيپيئر ڊبي (ناريجن جوڳوٺ) واري لڙائيءَ ۾ شڪست ڏني، سو اڪثر گذاريندو ئي اُتي هو ۽ سندس پويان اڄ تائين اتي رهن ٿا. هيءُ شهر اصل ننڍو هو ۽ پوءِ انگريزن جي صاحبيءَ ۾ وڌيو. سن 1900ع ۾ جمڙائو واهه کليو ته ميرپور جو نئون شهر ٻڌو، ۽ اصلوڪي شهر جي ويجهو جيڪي غيرآباد پٽ هئا، سي وسي ويا. ٿرپارڪر ضلعي جي آفيس، عمرڪوٽ ۾ هئي. سن 1906ع ۾ اها ڦيرائي ميرپورخاص ۾ ڪيائون، ته نيون آفيسون ۽ نوان بنگلا ٺهيا ۽ بازار به نئين ٺهي. ائين هڪ مان ٻه شهر ٿي پيا. پيئي شهر ڳنڍيا پيا آهن ته به هاڻوڪي شهر کي 'ميرپورخاص' ۽ اڳئين شهر کي 'ميرپور پُراڻي' چون ٿا.

هي ته ٿيو هاڻوڪو احوال، پر عيسوي ارڙهين صديءَ ۾ اهو شهر اصل هوئي ڪونه. تنڌي الهيار کان وٺي ويندي عمرڪوٽ تائين رڳو واريءَ جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هئا، ۽ اتي ڪنگ پيا رُڙندا هئا، يعني سُڃ لڳي پيئي هوندي هئي. پر اهو وارياسو پاسو عيسوي ارڙهين صديءَ کان اڳي ڪجهه قدر وسيل هو يا نه، تنهن ڳالهه جو سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر ئي ڪونهي. ويجهڙائيءَ (1910ع) ۾، سنڌ جي تاريخ جو گم ٿيل ورق لڌو آهي، جنهن مان نه رڳو ميرپور، پر سڄيءَ سنڌ جي آڳاٽي اوج جو اهڃاڻ ڪجهه قدر ملي ٿو.

KARACHIEDU.COM

سنڌ ۾ جڏهن ڪاهوءَ نالي هڪ راجا، هاٿوڪيءَ ميرپورخاص طرف راڄ ڪندو هو. ڪاهوءَ جو شهر، پراڻي ميرپورخاص ڪان شروع ٿي، ڪيترين ئي پنڌ ۾ هليو ٿي ويو. هڪ ڀاڱي کي انهيءَ راجا جي نالي پٺيان 'ڪاهُو بازار' ڪري ڪوٺيندا آهن. اڄ تائين شهر جي بازار جي پري، اُتر طرف، هڪ ويرانو آهي، جو 'ڪاهوءَ جو دڙو' سڏجي ٿو. اهو دڙو، انگريزن جي صاحبيءَ ۾ پهريون گهمرو جنرل جان جيڪب کوٽايو هو. (جيڪب آباد جو شهر، اڳي 'خانڳڙهه' سڏبو هو، ۽ هاڻ هن صاحب جي پٺيان سڏجي ٿو.) هو اڳي ڪئپٽن هو ۽ مياڻيءَ واريءَ لڙائيءَ ۾ ميرن سان لڙيو هو. هو 57-1856ع ڌاري سنڌ جو ڪچيءَ طرح ڪمشنر مقرر ٿيو ته سنڌ جا ڪي قديم هنڌ کوٽايائين، جو اهڙين کوجنائن جو البت شوق هوس. 'ڪاهوءَ جو دڙو' کوٽايائين ته ڪا عجيب غريب شيءِ هٿ ڪانه آيس. شايد رڳو دڙا وَلايا هئائين، پر هيٺ گهڻو اونهو ڪونه کوٽايو هئائين.انهيءَ مان ايترو ٿيو جو انهيءَ وَليل هنڌ برسات پوڻ ڪري، بعضي ٿورا جهونا سِڪا ۽ بعضي سون جا ذرا پڌرا ٿي بيهندا هئا.

سن 1859ع ۾، ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪي جنگي عملدار هن پاسي آيا ۽ هن دڙي جي سُڌ پين. انهن عملدارن مان هڪڙو آنربل جيمس گبس هو، جو چوي ٿو ته "27 جنوري 1859ع ۾، اسان کي پڪين سرن جو نهيل هڪ ڊنل ڦُل هتي نظر آيو. اسان اهو هنڌ صفا ڪرايو ته هيٺ زمين ۾ هڪ ڪوٺي نظر آئي، جنهن مان هڪ نهايت عمدو مٽيءَ جو جڙيل ٿانءُ مليو، جو ڪوزي جي نموني هو؛ باقي ٻيا ته رڳو سروٽا ۽ جنبوٽا هئا." اهو عمدو ڪوزو اڄ تائين ڪراچيءَ جي عجائب خاني ۾ رکيل آهي.

سن 1900ع ۾، جوڌپور- بيڪانير ريلوي لاءِ ننڍي پٽي وارو رستو نهيو، ته ڪم ڪندڙ مزورن اهو ڪوٽي، ان مان سِرون ڪڍي ڪتب آنديون، جن مان ڪن تي ڪاشيءَ جو عمدو ڪم ٿيل هو. اهڙيءَ طرح، رڳو سِرن ڪڍڻ جي ارادي سان دڙي کي ڪجهه قدر کوٽيائون، ته به سهڻا ۽ عجيب پُتلا دڙي مان لڌائون. اهي پُتلا سرڪار کنيا ۽ انهن بابت اهو رايو ظاهر ٿيو ته: عيسوي چوٿين يا پنجين صديءَ جا نهيل تا ياڻئجن! انهيءَ وقت به اها ڳالهه ڪنهن کي من نڪا چِت هئي، ته دڙي ۾ ڪا مالي دٻيل آهي.

KARACHIEDU.COM

سن 10- 1909ع ۾، مسٽر مئڪنزي، ٿرپارڪر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو. هن کي ازخود اهو خيال آيو ته هن دڙي مان جو بعضي سِڪا ۽ پُتلا لڀن ٿا، سو ضرور اندر ڪجهه مال آهي. پوءِ ته پنهنجي من جي اُڪتڻ لاهڻ لاءِ وني لڪپڙهه هلايائين. آخر آرڪيالاجيڪل سروي جو سپرنٽينڊنٽ، مسٽر هينري ڪزنس آيو، جنهن اچي اهو دڙو کوٽايو. مسٽر ڪزنس ٻه ڏينهن ڪن رهي هليو ويو، ۽ موٽي مارچ 1910ع ۾ آيو.انهيءَ وچ ۾ مزورن مهينو ڪن پئي دڙو کوٽيو. آخر ٻُڌ ڌرم وارن جو هڪ جهونو ڏيورو ڪلي ظاهر ٿي بيٺو، جنهن کي 'اسٽوپا' ڪري سڏين ٿا. ڌرتيءَ ۾ دبيل ڏيورو ظاهر ٿيو ته ميرپورخاص ۾ ميلو مچي ويو، سنڌ جو ڪمشنر، ٿر جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻيا ڪيترا سرڪاري عملدار اچي مڙيا، پر رعيتي ماڻهو به ڪتان ڪتان ڪاهي آيا، جو اها ڳالهه سنڌ جي سڀني اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. هتي انهيءَ دڙي جو اکين ڏٺو احوال ڏجي ٿو، جو مسٽر ڪزنس جي رپورٽ سان پيٽيو ويو آهي.

'ڪاهوءَ جو دڙو' اٽڪل ٽيهه ايڪڙ زمين جا والاري بيٺو آهي. انهيءَ سموريءَ ايراضيءَ ۾ رڳو دڙا لڳا پيا آهن، جي ڪيتريقدر نڪراٽن، سروٽن ۽ جنبوٽن سان ڇانيا پيا آهن. جيڪو ڏيورو يا مندر کوٽي ڪڍيائون، سَو پنجاهه- ٻاونجاهه فوٽ هو چورس ٿيندو. سنڌس پٽين جي چوڌاري نقشبندي ۽ وچ ۾ ڪانس آهن. پٽين ۾ گوتم ٻُڌ جون شڪليون آهن، جي 'ٽيراڪوٽا' (پڪل مٽيءَ) جون آهن. هڪ پُتلي جو رڳو ڌڙ ظاهر آهي. انهن پٽين تي نقش ٿيل پُتلن ۾ ڏس ته گوتم ٻُڌ ٻيئي هٿ جوڻن تي رکيو، اکيون ٻوٽيو، ڌيان ۾ ويٺو آهي. ڏيوري جي جارن ۾ به گوتم ٻُڌ جا پُتلا هئا، اهي سڀ پڪيءَ مٽيءَ جا هئا، ۽ رنگ ڏنل هون.

'ڪاهوءَ جي دڙي' جو نه رڳو مٿُ کوٽايو هئائون، پر جيڪو ڏيورو اندران نڪتو، تنهن جي وچ مان به سِرون ڪڍيائون ته هڪ ننڍو کوهه يا کڏ نظر آين. مال جيڪو هو سو اتي هو. انهيءَ کڏ جي مٿان به وڏا ڳرا پٿر رکيل هئا. اهي پٿر پاسيرا ڪيائون ته هڪ بلوري شيشي ڇهن پاسن واري هٿ آين، جنهن جو تري وارو پاسو ٻڳل هو، جنهنکري شيشيءَ کي اڌ تائين چاندي چڙهيل هئي، جا ڪَٽجي ويئي هئي. شيشيءَ جو منهن جيئن مٿي تيئن سوڙهو هو: ۽ ان تي ڪَٽيل چانديءَ جي ٽوپي هئي، جنهن جي چوڌاري ٽامي جو ڪَٽيل ڇلو هو، جو ٽوپيءَ کي پختو جهليو بيٺو هو. انهيءَ شيشيءَ جي اندر هڪ چانديءَ جي ننڍي دٻلي، سنهي موم بتيءَ جي نموني

KARACHIEDU.COM

5 قديمآثارن جي گھمڻ وقت اسان کي ڪهڙين ڳالهين جو ڌيان رکڻ گھرجي؟

6 قديم آثارن جي حفاظت جو ۽ ڪيئن ڪرڻ گھرجي؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ولايا ڏيورو مَٽُ سنڪ پيوت عجائب خانو ڄُرَ اهڃاڻ

## (ج) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 ڪاھُوءَ جو دڙو اٽڪل زمين والاري ٿو:

(1) نيھ ايڪڙ (2) ٽيٽيھ ايڪڙ (3) ٻتيھ ايڪڙ (4) ڇتيھ ايڪڙ

2 ڪاھُوءَ جي دڙي ۾ هڪ جُهونو ڏيورو ظاهر ٿيو، جنهن کي سڏين ٿا:

(1) پُتلا (2) اسٽوپا (3) جنبوتا (4) ٽيراڪوتا

3 ڪاھُوءَ جو دڙو پهرين ڪوتايو:

(1) مسٽر هينري ڪزنس (2) جان جيڪب

(3) مسٽر مئڪنزي (4) چارلس نيپئر

## (د) 'ڪاهوءَ جي دڙي' تي مختصر نوٽ لکو.

## (هه) ضمير جي ستن قسمن مان هڪڙو قسم 'ضمير خالص' آهي، ضمير خالص جا وري ٽي قسم آهن. متڪلم، حاضر ۽ غائب. متڪلم معنيٰ 'ڳالهائيندڙ'. توهين هيٺ ڏنل 'واحد ضمير متڪلم' جي صورتن کي جمع 'ضمير متڪلم' ۾ ڦيرايو:

| واحد | جمع |
|---|---|
| آءٌ يا مان | ........................................ |
| مون کي | ........................................ |
| منهنجو | ........................................ |
| مون ڪان | ........................................ |

## (و) هيٺ ڏنل متن پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

قديم آثارن جو مطلب آهي ’جهونا نشان‘. قديم آثارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي علم کي انگريزيءَ ۾ آرڪيالاجي(Archaeology) چئبو آهي. هن علم ذريعي ڪنهن پنڊپهڻ، پڙي،ڪتبي، عمارت ۽ انسان پاران ناهيل مختلف شين (اوزارن، زيورن ۽ سڪن وغيره) جي پرک ڪئي ويندي آهي. جنهن سان ڪنهن قوم جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي ڄاڻ ملي ٿي. قديم آثارن جي ماهر کي ’آرڪيالاجسٽ‘ چئجي ٿو.

سوال1. قديم آثارن مان ڇا مراد آهي؟

سوال 2. قديم آثارن مان ڪهڙيون شيون ملن ٿيون؟

سوال3. قديم آثارن جي ماهر کي ڇا چئبو آهي؟

## (ز)

اشتقاق، عربي لفظ آهي ۽ ’شقّ‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ لفظ کي ٽوڙي بنياد ۽ ان جي معنيٰ ڄاڻائڻ آهي. مثال طور جيڪڏهن ’مخدوم‘ لفظ جو اشتقاق ڪبو ته ان جو بنياد ’خدم‘ ٿيندو. لفظ ’مخدوم‘ مفعول جي وزن تي آهي. يعني ’جنهن جي خدمت ڪئي وڃي‘. جيڪڏهن لفظ مرڪب ٻِنو آهي ته ان کي ممڪن حد تائين ٽوڙبو، جيئن: سيد الشهداءِ. سيد = وڏو+ الشهداءُ = شهيد جو جمع يعني: ’شهيدن جو سردار‘.

اوهان هيٺ ڏنل لفظن جا اشتقاق ڪريو ۽ معنيٰ لکو.

عظيم الشان سرانجام صورتحال اشرف المخلوقات

**سرگرمي:** اوهان ڪو تاريخي ماڳ مڪان گهميو هجي ته ان جو احوال لکو ۽ ٻڌايو.

**ياد رکو ته:**

سنڌ ۾ ’ٻُڌ مت‘ جا ڪيترائي قديم آثار آهن، جن ۾ موهن جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو، ٺُل مير رکڻ، سِرٽي ڪوٽ ۽ ٻيا شامل آهن. انهن ۾ شاندار اسٽوپا به آهن.

# محمد اسماعيل عرساڻي



ولادت: 1906ع وفات: 1986ع

محمد اسماعيل عرساڻي 1906ع تي هالا ۾ پيدا ٿيو. هُن ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ماهرِ تعليم طور پاڻ مڃرايو. سندس مضمونن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. جن ۾ 'بدنصيب ٿري'، 'نقش عمل'، 'خيال خاطر'، 'چار مقالا'، 'نياريون وٿون' ۽ آتم ڪٿا 'سکر سي ئي ڏينهن' مشهور ڪتاب آهن. سندس اڪثر مضمون پنهنجي افاديت ۽ علمي حوالي سبب تعليمي ۽ نصابي ڪتابن جو حصو بڻجندا رهيا آهن. محمد اسماعيل عرساڻي 1986ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# وسڪارو

**سکيا جي حاصلات**

- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- نئين متن ڪي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- محاورن جي معنيٰ لکي سگهي.
- جملي جا ترڪيبي جزا ٻڌائي ۽ جملي جو ڇيد جُزن ۾ ڪري سگهي.
- فقري بابت ڄاڻي، ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- ڪنهن مضمون لکڻ وقت پنهنجن مشاهدن، ڄاڻ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهجي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي.
- ڪنهن اخبار يا ڪنهن ذميدار آفيسر کي درخواست ۽ روئداد/ ڪاروائي موڪلي سگهي.

ڪهڙي نہ ڪُپ ورندي ڏنائين! سچ پچ تہ هو بہ اَبهم ٻچڙو، مگر سندس وراڻيءَ منهنجا نپ ئي ٺاري ڇڏيا. ٻارن جا امتحان وٺندي، سڀني ڄمار گذري ويئي اٿم، پر هھڙو ٺُڙ جواب ڪڏهن ڪونہ مليم: سو بہ هڪ ٽِر جي ڇوڪر کان! ’ٻئي ڪتاب‘ جو مُندن جو سبق هو. ٻين ضلعن جي ڇوڪرن کان جڏهن پڇندو آهيان تہ ”سال ۾ مُندون ڪيتريون آهن، ڪهڙيون آهن؟“ تڏهن سيڪو طوطي وانگر چئي ويندو آهي تہ ”سائين، چار مُندون: سيارو، بهار، اونهارو ۽ سرءُ.“ وري جي پڇبو آهي تہ ”چئن مُندن ۾ چڱي مُند ڪهڙي آهي؟“ تہ نڪ ورندي ڏيندا آهن تہ ”سائين، بهار.“ پر هن ٿر جي سادي سودي ٻار کان جڏهن پڇيم تہ ”پُٽ، سيني مُندن ۾ سٺي مُند ڪهڙي؟“ تڏهن سمجهو ٿا تہ ڪهڙو جواب ڏنو هوندائين! ٺڙ نپ چيائين تہ ”سائين! وسڪارو.“ ڪا گهڙي تہ ماٺ ۾ پئجي ويس، ڇڻ ڌَڪر اچي ويا. ڦُل مارڪون ڏنيونمانس. ڀلا، سندس جواب ڇو غلط سمجهان؟ جيڪڏهن ”بهار“ چوي تہ صحيح، نہ تہ هرويرو غلط ڏيانس! ويچاري ٿري ٻار لاءِ سچ پچ تہ وسڪاري، يعني سارنگ کان سواءِ ٻي ڪهڙي مُند چڱي چئي ٿي سگهجي؟ بهار جون ٻاتيون تہ اُهي ڪن، جي ڪشميري يا انگلستاني هجن، يا وري ٻين ٿڌن ملڪن جا رهاڪو هجن، جن مُندان- مُند بهار جا جوڀن اکئين ڏٺا هجن: وڻن ٻوٽن جو ڦوٽهڙو، ڦلواڙين ۾ رنگارنگي گلن ڦلن جي ٽڙڻ ۽ ڪِڙڻ جو درشن، پنهنجي نيٽين نهاري ڏٺو هجي، ۽ صبح شام چمنن ۽ باغن جو سَير ڪري ساهُ ورتو هجي.

ويچارو ٿري، ڇا ڄاڻي تہ ڌار ڌار سُڳنڌ وارا گل ٽيندا ڇا آهن، ۽ باغ ۽ بهار ڪهڙين بلائن جا نالا آهن. هن لاءِ تہ سموري خدا جي خدائيءَ ۾ وسڪاري کان وڌ ٻي ڪهڙي بهار آهي؟ هزارين بهار جون مُندون وسڪاري مٿان گهوري ڦٽيون ڪجن.

KARACHIEDU.COM

تر جي بهار تہ بيشڪ آهي ئي وسڪارو. چاڪاڻ تہ چندون يا وسڪارو ٿئي سارنگ سانوڻ ۾، تنهنڪري چوڪري ويچاري سارنگ کي نالو ئي ’وسڪارو‘ ڏيئي ڇڏيو.

کهڙو نہ سيئين پارئين پورو نالو! تري ويچارا چون تہ ”سائين، اسان جو ملڪ آهي ئي ڪکر تي.“ ٻين ملڪن جي ماڻهن جون اکيون زمين ۾ هونديون آهن، پر اسان جا نيڻ آسمان ۾ کُتل هوندا آهن تہ ڪڏهن تي ڪاري گهٽا ڪَر ڪڍي. وِڄ ڏسيو پيا وهسندا آهيون. نماڻا نيڻ کڻي، آڪاس ڏي لِيا پائي، لوچيندا آهيون، تہ ڪتان ڪا ڪڪرن جي ڪَس ڏسڻ ۾ اچي تي! جيڪڏهن ويچارن ترين کي موڳهون پسيون تہ چوندا تہ اڄهي چندون آئيون. جي بادلن ۾ ڪنوڻين کيل ڪيا تہ بس، ٻُود ۾ اچي ڏوئا ڏيندا ۽ ڪجليا، ٻيجليا ۽ يانت يانت جا گيت ڳائيندا ۽ شڪراني جون گهگهريون رڏي، گهر گهر ورهائيندا. جڏهن اگوندرو آب اُنو ۽ پَلر جي پالوت سان اچ ئي اچ ڏسڻ ۾ آئي، تڏهن وڃي سنگهارن کي سُک ٿيندو.

مطلب تہ مينهن وَسي اوڪاٽو تہ ٻئي ڏينهن هاري هر هلت سوڌو، ٻنيءَ ڏي ٻج جي ياني ڪڍي، راهي ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ مينهن جو کهڙو قدر آهي؟ هتي تہ مينهن، ڪڏهن ڪڏهن رحمت جي بدران قَري زحمت ٿيو پوي: گپ چِڪ لڳيو وڃي، جايون جڳهيون ڍهيو پون، فصل ٻُڏيو وڃن، واهن ۾ ڳارا پئجو وڃن، ڏهاڙيءَ جو ڪم ڪار روڪجو وڃي، ماٺهو ڪڪ ٿيو، ڪريم کي ڪُوڪارين تہ مينهن مانو ٿئي! پاڻيءَ جي نيڪال نہ هئڻ ڪري، پاڻي ڪِنو ٿئي، پوسل ڪري مچر مَهو ٿئي، اُبس ۽ ڏُپ ساڙي، روڳ وڏي ۽ اگهائي اُسري. مطلب تہ واڏي ڪان گهاٽو گهٽو ٿئي. پر، تر جي وارياسيءَ زمين ۾ قسمين قسمين گاهہ ڦُٽن: ڳنڍير، ڳَم ڇِيهو، چل، لُلر، لُنب، پُرت، مُرت، مانڌاٽو، مڪٽي، ٻُڪن، ينگري ۽ ٻيا انيڪ گاهہ اُيري پون، ۽ مال لاءِ مئو چارو موجود ٿيو پوي-

سُبحان الله! تر ويچارو آهي ٻہ سارنگ سان.

وسڪاري جي ٽاڻي تر کي اسان جي ملڪ جو ڪشمير چئجي تہ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي. ڪيئن نہ اُجايل خشڪ ريتيءَ تي مينهن پوڻ سان ساوا گاهہ اُڌمان ڏيئي اُٿندا آهن! سڄيون پِٽون، ماٿاريون، تڙڪول، گوچارون، ڏهرويئر، مڙها مڙهڪيون، دڙا، دڪيون، ڪيئن نہ ساوڪ سان سٽجي ويندا آهن! ساري ڌرتي جڻ تہ سائو وڳو ڍڪي، سوپياوان پيئي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

KARACHIEDU.COM

پلر جي پالوٽ سان ٽوپا، ترايون، ڇاڇرجي ۽ ڄُلڪي پوندا آهن. ڪڪن تي ريدارن جون رهاٽيون ۽ پَٽارين جون رنيون ۽ ٽاڏ هڪواريءَ ته هنئين کي هرکايو ونن. وري وٽندڙ هير به ته چِت چورايو وني! ڪهڙا به سخت جُوها اچن يا اوهيڙا اُٿن، ته به ٿر جي اُجايل واري، پاٽي پيئو وجي. نه گپ ٿئي نه گارو، روڳ نه مچرن جو مارو. جهولن ۽ لُڪن جي سَڙيل ۽ تتل واري، نريو ٺِپ ٿيو پوي. پڪيون عمارتون ڪونه هجن جي ڍهي پون. هِتي ته رڳو چؤنرا ۽ چونڪيون، ڇَنا ۽ لانديون هجن ٿيون، جي ڊوپي اوجل ٿيو پون. 'مينهن وسي به ڏينهن، ڇَنا ٿمن ڇهه ڏينهن.' ڪڪائڻ گهر ٿڌا ۽ ٿانئرا ٿي، سرڳ سمان ٿيو پون.

مطلب ته شاعرن جي سرتاج، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ٿر ۾ ڪي خوبيون ڏٺيون هيون، جن هِن قدرت جي سچي عاشق کي ٿر جي ڪک پن تي موهت ڪري وڌو هو، ۽ سُر سارنگ ۾ بيدڙڪ چئي ڏنائين ته:

سـارنگ سـار لـهيـج، الله لـڳ اُجيـن جـي،
پـاٽي پُـوج پـَٽـن ۾، ارزان انّ ڪـريـج،
وطـن وسـائـيج، تـه سـڱهارن سُـڪ ٿئـي.

(نياريون وٿون' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. وسڪاري وقت، ٿر ۾ ڪهڙا ڪهڙا نظارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن؟
2. "بين جون اکيون زمين ۾ هونديون آهن، پر اسان جون اکيون آسمان ۾ هونديون آهن." ٿرين جي انهيءَ چوٽيءَ مان ڇا مراد آهي؟
3. ٿر جي ڪن ڳاهن جا نالا لکو.
4. "مينهن وسي به ڏينهن، ڇَنا ٿمن ڇهه ڏينهن" مان ڇا مراد آهي؟
5. ٿري ماڻهو پلر جي پاڻيءَ کي ڪيئن ڪم ۾ آڻيندا آهن؟
6. وسڪاري کان پوءِ ٿر واسي خوشي جو اظهار ڪيئن ڪندا آهن؟

KARACHIEDU.COM

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

وسڪارو    چاچر    پلر    پالوٽ    ڪُتل    ڪُپ    ياڻت ياڻت    وِڄُ    اَڄَ

(ج) لفظن جو اهڙو فقرو يا اهڙي فعلي صورت، جيڪا سِڌي معنيٰ رکي ته ان کي محاورو چئبو آهي. هيٺين محاورن جي سمجهاڻي ڏيو:

* وڄ ڏِسي وهسڻ    * ڏِکر اچڻ    * ڪُپُ ورندي ڏيڻ
* بت ڪان بيزار ٿيڻ    * نڪي نوڪي ونڻ

(د) جملي کي چيد ڪرڻ لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائبو آهي. هڪ ’مبتدا‘ ۽ ٻيو ’خبر‘.

جيئن: 1. خليل خط لکي ٿو. 2. هو ڪتاب پڙهندو آهي.

| جملو | مبتدا | خبر |
|---|---|---|
| خليل خط لکي ٿو. | خليل | خط لکي ٿو. |
| هو ڪتاب پڙهندو آهي. | هُو | ڪتاب پڙهندو آهي. |

اوهان هيٺ ڏنل جملن جو چيد ڪريو:

1- گهوڙو ڊوڙي ٿو.
2- ٻار راند ڪيڏن ٿا.
3- پکي اڏامي رهيا آهن.

سرگرمي:

☜ شاگرد شهر جي ناظم ڏانهن پنهنجي علائقي جي صفائيءَ جي باري ۾ درخواست لکن.
☜ مينهن وسڻ کان پوءِ جو منظر پنهنجن لفظن ۾ لکو.

# ليکراج ڪشنچند عزيز



جنم: 1897ع

لاڏاڻو: 1972ع

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سندس سڃاڻپ شاعري، مضمون نگاري ۽ ناٽڪ نويسي آهي. ليکراج ڪشنچند ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون لکيا، جن ۾ ادبي، تهذيبي، اخلاقي ۽ سماجي وغيره اچي وڃن ٿا. ’ڪلياتِ عزيز‘ سندس شاعريءَ جو ڪتاب آهي. جڏهن ته ’ادبي آئينو‘ سندس مضمونن جو ڪتاب آهي. ليکراج ڪشنچند عزيز 1972ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# ساڻيھ جي سِڪ

**سکيا جي حاصلات**

- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فکري ۽ فني خوبين کان آگاھ ٿي سگهي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي.
- حوالن بابت ڄاڻي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- ڪنهن به ادبي، علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻڌندڙن آڏو درست اُچار ۽ لب لهجي سان پنج ڇھ منٽ زباني تقرير ڪري سگهي.
- ڪنهن به مضمون لکڻ وقت پنجن کان مٿي پيراگرافن ۾ پنهنجي مشاهدن ، ڄاڻ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.
- ڪنهن واقعي جو اطلاع، رپورٽ جي صورت ۾ تيار ڪري سگهي.

جهڙيءَ طرح، هڪ مصيبت زده ئي ڄاڻي ٿو ته مصيبت ڇا آهي ۽ وِرهَ جي واڍوڙئي کي خبر آهي ته وڇوڙو ڪهڙي بَلا آهي، تهڙيءَ طرح، ساڻيھ جي سِڪ جو به انهيءَ کي ئي پَرو هوندو، جنهن گهر کان پري گهاريو هوندو. ساڻيھ جي سِڪ يا وطن جي حب اهڙي آهي، جو ڏيساورن ۾ هزار دولتون مِلن، بي انتها نعمتون هجن، طرحين طرحين جا عيش ۽ آرام ميسر ٿين، تڏهن به وطن جي ٻڪن، ڏکن ۽ ڏاکڙن سان مَٽ ٿي نٿا سگهن. ٻيو ته بجاءِ خود رهيو، پر وطن ۾ سيني کان وڌيڪ اها گهٽي ۽ اهو پاڙو پيارو لڳندو، جتي پنهنجو گهر هوندو. مڙني گهرن کان اهو گهر وڻندو، جتي ماڻهو پلجي وڏو ٿيو هوندو ۽ ڪُلي ماڳَن کان اهي ماڳ پسند ايندا، جن سان نسبتون رهيون هونديون. ولايتن ۾ ڪهڙيون به خوشيون حاصل ٿين، ۽ ڪهڙيون به شگفتگيون صحبتون ملن، ته به وطن جي سَڪٽين سنگتُن ۽ غريباڻي گذران جي تُل نه تُري سگهنديون. ڄڻ ته قدرت وطن جي خاڪ ۽ پاڻيءَ کي ڳوهي، هي قالب ناهيو آهي، جو پرديس ۾ ڪيترن سُکن هوندي به، ساڻيهَ جي سِڪ دل تي داغ ٻڌجي ٿي پوي، ۽ وطن کان ٻاهر، جڏهن ڪڏهن به وطن جو ذڪر ٿئي ٿو، يا يادگيري پوي ٿي، يا وطن جي ڪا شيءِ ڏسجي ٿي، ته اهو داغ چِت ۾ اهڙو زور سان چٽڪي ٿو، جو سندس تاب کان ٻيون سڀ فرحتون، ائين غائب ٿيو وڃن، جيئن سج جي روشنائيءَ کان سايو.

قدرتي طرح جسم لاءِ وطن جي هر شيءِ مفيد آهي. آبهوا، کاڌو پيتو، ويندي دوا درمل تائين سندس اثر رهي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ماڻهو ڏيهه ڏوري وطن ورندو آهي، تڏهن جيئن جيئن وطن کي ويجهو پوندو ويندو آهي، تيئن تيئن سندس دل جي درياءَ ۾

KARACHIEDU.COM

اُهي اُمنگن جون چوليون اُٿنديون آهن، جو ڪيترو به ڳهرو ڳنڀير سياءُ وارو انسان هوندو، تڏهن به هڪ واريءَ اهي نظارا، جن سان آشنا هوندو، سي جڏهن نظر چڙهندس، تڏهن بي اختيار دل مان نڪري ويندس: بيشڪ هيءُ اهو ٿلهو آهي، جتي پنڌ کان ٿڪجي ساهي پٽيندا هئاسون، يا هوءَ اها ندي آهي، جتي سانوڻ ۾ ترڻ جون موجون ونندا هئاسون وغيره وغيره ۽ جيئن اصلي ماڳن کي ويجهو پوندو ويندو، تيئن هڪ قسم جي فرحت بخش بيقراري طاري رهندس، جيستائين گهر رسي، ڪجهه وقت پنهنجن سان وچي رلي ملي. ڪيترين حالتن ۾ ائين ٿيو آهي ته جي زماني جي گردش کان پنهنجي وطن جو فقط گهر ڇڏي ٻيءَ جاءِ تي رهڻو پيو آهي، ۽ پوءِ جي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي بخت ياوري ڪئي آهي، ته جيسين پنهنجا اباڻا ڪک موٽي خريد نه ڪيا هوندائين، تيسين سک نه سُتو هوندو.

البت وطن کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ئي هر ڪنهن شيءِ جو قدر ۽ قيمت ٿئي ٿي. فقط موتيءَ جو مثال وٺو ته اُهو سمنڊ جي تري ۾ سپ جي پيٽ ۾ رهي ٿو، پر جڏهن سپ کي غواص ٻاهر ڪڍي، سندس پيٽ چيري موتي ڪڍن ٿا، تڏهن ئي موتيءَ جو اگهه پار ٿئي ٿو، ۽ محبوبن جي ڳچيءَ جو سينگار بڻجي ٿو. ڪيترين حالتن ۾ آزمايو اٿن ته موتيءَ جو رفتي رفتي آب تاب جهڪو ٿيو وڃي ۽ وري به سمنڊ جي پاڻيءَ اندر رکڻ سان منجهس ساڳي چمڪ دمڪ پيدا ٿيو پوي. هيءُ ته ٿيو موتيءَ جو مثال.

اسان جي ملڪ ۾ ماروئيءَ جي ڪهاڻي ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. مارو ماڻهو ڌُت تي گذران ڪندڙ، پيٽ بکيا هئا، ته به جڏهن ماروئيءَ کي عمرَ زوريءَ آڻي ڪوٽ ۾ قابو ڪيو، تڏهن ائين پئي چيائين ته تنهنجي پُلائن کان، منهنجي اباڻي رَبِ چڱي آهي؛ تنهنجي ڪٽوريءَ کان ساٿيهه جي ڪِهه سرس تي پانيان؛ پنهنجي لاک رتل لوئيءَ سان تنهنجا پَٽ پٽيهر ڪين پاڙينديس، هي تنهنجا بنگلا پنهنجين پونگين جي برابر ڪِينَ ڪنديس ۽ تنهنجي گلابي شربتن کان منهنجو اباڻو ٻاڙو پاڻي هزار ڀيرا مِٺو ۽ وٺندڙ آهي. مطلب ته ساٿيهه جي سِڪ اهڙي آگ لاتس، جو ڪائڻ- پيئڻ وِهُ تي آيس. عمر جون بادشاهي آڇون، ناز ۽ نعمتون، دولتون ۽ سينگار هن وطن جي خاڪ برابر به ڪونه ڄاتا. ملير جي ڄارين کي، ڪِٻرن ۽ گولاڙن کي، اباڻن جي لسيءَ ۽ مهيءَ کي

KARACHIEDU.COM

سارينديءِ ”ساٽيھہ ساٽيھہ“ پُڪارينديءِ ڏينھن راتيون ھڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ وطن جي ورونهن، پيار ۽ محبت تي ڪوبہ حرف رکڻ ڪونہ ڏنائين.

پڇاڙيءَ ۾ عمر کي هيئن بہ چيائين تہ ”جيڪڏهن هتي ڪوٺن ۾ مري ويس ۽ منهنجو لاش ملير جي پاڪ زمين ۾ دفنايو ويو تہ جيڏيءَ مهل مون تي تر جي ٿڌي مٽي پوندي، تيڏيءَ مهل مُئي بہ جيئري ٿي پونديس!“

”واجھائي وطن ڪي، آءٌ جي هِتِ مُياسِ،
تہ گورَ منهنجي سومرا، کڻج پنهوارن پاسِ،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيھہ جي، منجهان ولڙين واسِ،
مُيائي جِياسِ، جي وڃي مَڙُھہ ملير ڏي.“

(شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ)

(’ادبي آئينو‘ تان ورتل)

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1 مارئيءَ پنهنجي اَباڻي ڪکن جي ڪِين کي تشبيھہ ڪيئن ڏني آهي؟
2 مارئيءَ کي پنهنجي وطن لاءِ جو محبت هئي ۽ ان مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
3 مارئيءَ جو ڪردار ڇا جي ڪري مشهور آهي؟
4 شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ مارئيءَ جي زباني ساٽيھہ جي سِڪ کي ڪيئن بيان ڪيو آهي؟
5 پرڏيھہ ۾ رهڻ دوران ساٽيھہ جي سِڪ جو تيندي آهي؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اُهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

پَرو ڏيساور ڏُٺ وِرھ کِھ سياءُ ڪتوري سَرسُ

## (ج) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 ليڪراج ڪشنچند عزيز ڄائو:
(1) ڪراچيءَ ۾ (2) حيدرآباد ۾ (3) نوشهري ۾ (4) سيوهڻ ۾

2 ’ساٽيھہ جي سِڪ‘ ۾ ذڪر آهي:
(1) مارئيءَ جو (2) سسئيءَ جو (3) لِيلا جو (4) سُهڻيءَ جو

WWW.KARACHIEDU.COM

3 ليکراج ڪشنچند عزيز وفات ڪئي:

(1) 1972ع ۾ (2) 1978ع ۾ (3) 1979ع ۾ (4) 1980ع ۾

4 ليکراج ڪشنچند عزيز جي مضمونن جو ڪتاب آهي:

(1) ڦلن مُٺ (2) بهار نثر (3) ادبي آئينو (4) ڪُليات عزيز

## (د) هيٺين حوالن جي سمجهاڻي ڏيو:

1- ”تنهنجي ٻُلائڻ ڪان، منهنجي اَباڻي رب چڱي آهي.“

2- ”ساٿيهه ساٿيهه پُڪاريندي راتيون هڪ ڪري ڇڏيائين.“

## (هه)

تشبيهه مان مراد آهي ’ڪنهن جهڙو هجڻ‘. تشبيهه واري جملي يا فقري ۾ ’جهڙو‘، ’وانگر‘، ’جيان‘، ’جيئن‘، جهڙا لفظ ۽ ان جي صفت به ڪم آندي ويندي آهي.

مثال طور: ساجن شينهن جهڙو بهادر آهي. (هن ۾ ’ساجن‘ کي شينهن سان تشبيهه ڏنل آهي ۽ ان ۾ بهادريءَ جي صفت پڻ ڄاڻايل آهي.)

توهان هن سبق مان مارئيءَ جي اَباڻن ڪکن سان تشبيهه ڏنل جُملا چونڊي لکو.

## (و) ’ساٿيهه جي سِڪ‘ بابت پنهنجن لفظن ۾ هڪ مضمون لکو.

## (ز) ’ذات پات‘، ’پيد ياءُ‘ ٻٽا لفظ آهن، توهين اهڙا ٻيا ڪجهه لفظ لکي ڏيکاريو.

## (ح) ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي مختلف واقعن جون خبرون هلنديون آهن، اوهان جي ڳوٺ ۽ شهر ۾ ڪو واقعو ٿيو هجي ته ان کي رپورٽ جي صورت ۾ ناهي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

### استاد لاءِ هدايت:

’وطن جي حب‘ جي موضوع تي ڪلاس ۾ شاگردَن کان ٽن کان ڇهن منٽن جي تقرير ڪرائي ۽ انهن جي اچار، لهجي ۽ انداز جو مشاهدو ڪري ۽ سندن همت افزائي ڪري.

# پرمانند ميوارام



ڄنم: 1856ع

لاڏاڻو: 1938ع

KARACHIEDU.COM

پرمانند ميوارام رامچنداڻي 1856ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو، سنڌي ٻولي ۽ ادب توڙي صحافت جو ناميارو اديب هو. حيدرآباد مان هر پندرهين ڏينهن هڪ اخبار ’جوت‘ جي نالي سان شايع ڪندو هو، جا گهڻي مقبول هئي. ان ئي اخبار ۾ پاڻ ٻہ پيو مضمون لکندو هو. اهي مضمون گڏ ڪري ’گل ڦل‘ جي نالي پهريون ڀاڱو نومبر 1925ع ۾ تہ ٻيو ڀاڱو ڊسمبر 1935ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيائين. هو لغت نويس پڻ هو. پاڻ 1938ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين. حيدرآباد سنڌ جي گورا قبرستان ۾ سندس قبر موجود آهي.

مرضي آهي ته اسين هڪبئي جو بار کڻڻ سکون،جو ته عيبن کان ڪو به آجو نه آهي، تڪليف کان ڪو به ڇٽل نه آهي، ڪو به پاڻ لاءِ پورو نه آهي، ۽ ڪو به پاڻ لاءِ سياڻو نه آهي پر اسان کي هڪبئي جي پنيرائي ڪرڻ،هڪبئي کي ڏِڍ ڏيڻ، واهر ڪرڻ، صلاح ڏيڻ ۽ جهٽڪڻ ضرور آهي. پر فلاڻو ڪيتري قدر نيڪ آهي، تنهن جي ڪل پوري پوري تڏهن تي پوي، جڏهن مشڪل جي گهڙي تي اچي. جو ته اهڙا وقت اڳلي کي ڪمزور نٿا ڪن، پر ڏيکارين ٿا ته منجهس ڪيتري وت آهي.

(’گل ڦل‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1 اسان کي پنهنجا عيب ڇو نظر نه ٿا اچن؟

2 صبر ۽ ڏيرج ڪهڙين ڳالهين ۾ ڪرڻ ضروري آهي؟

3 اسان کي هڪبئي لاءِ ڪهڙي سوچ رکڻ گهرجي؟

4 هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو:

پرک ڏيرج رنڊڪ عيب جهٽڪڻ ساهمي ڏِڍُ واهر مِهر

### (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

* اکين تي رکڻ * باغ باغ ٿيڻ * گوشمالي ملڻ * چوهه چنڊ

### (د) ’ڀتريءَ جي شروعات ڀريائين پاڻ کان ڪجي‘ جي موضوع تي پنج کان ڇهه منٽ تقرير ڪريو.

### (هه) ڪلاس ۾ ٻه ٽوليون ناهي، ڪو به هڪ مضمون يا ڪهاڻي ڪٺو ۽ ان کي واري واري سان پڙهو. ٻيرين ٽوليءَ پاران پڙهيل ڪهاڻي يا مضمون جي ادائگي، احساس ، جذبي ۽ تاثر کي ٻي ٽوليءَ مشاهدو ڪري ۽ راءِ ڏئي.

KARACHIEDU.COM

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



ولادت: 1917ع وفات: 2011ع

KARACHIEDU.COM

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ 16 ڊسمبر 1917ع ۾ پيدا ٿيو. هُو نامور محقق، تاريخدان، تعليم، ٻولي،لغت، موسيقي جو ماهر، ثقافت، لوڪ ادب جو پارکو، عالم ۽ اديب هو. پاڻ ڪيترين ئي ٻولين جو ماهر هو. سندس ڪيترائي تحقيقي مقالا، مضمون ۽ ڪتاب سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڇپيل آهن.جامع سنڌي لغت، سنڌي لوڪ ادب جا ڪتاب، شاهه جي رسالي تي تحقيق، سنڌي ٻولي، ادب، موسيقي ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي سندس ڪيل ڪم وڏي اهميت رکي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ مختلف ادارن جو باني ۽ سربراهه رهيو. کيس مختلف اعليٰ اعزازن سان نوازيو ويو. هُن 6 اپريل 2011ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي پاسي ۾، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو ۾ آهي.

# شاھ جي ٻوليءَ جو معيار

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فن پاري جي ادبي مرتبي جي تعين ڪري سگهي.
- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاھ ٿي سگهي.
- لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- تخيل جي اُڏام (پرواز) وسيلي پنج سؤ کان وڌيڪ لفظن تي آڌاريل مضمون، تخليقي سطح تي عمدن مثالن، منظر نگاري شعرن وغيره سان سينگاري پيش ڪري سگهي.
- ٻٽي معنيٰ وارن لفظن کي ڪتب آڻي سگهي ۽ انهن کي چوندي ڌار ڪري سگهي.
- اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي مدد سان نوان لفظ ٺاهي سگهي.

ٻال ڄَتيءَ کان وٺي شاھ عبداللطيف رح جيڪا ٻولي ڳالهائي، ۽ جيڪا ٻولي سندس مادري زبان هئي، سا مقامي لحاظ سان 'پٽ شاھ جي ٽَر واري عام سنڌي ٻولي' هئي، وڌيڪ وسعت جي لحاظ کان اها 'وچولي سنڌ'، جي ڏاکڻي پاڱي جي مرڪزي ٻولي هئي، ۽ انهيءَ لحاظ سان اها وچولي سنڌ جي ڏاکڻي پاڱي واري معياري ٻولي هئي. مقامي طور، شاھ جي پنهنجي ٻولي جو معيار 'پٽ شاھ جي تر واري ٻولي' آهي. جيڪا لکيت ۾، انهن قلمي رسالن ۾ وڌيڪ نمايان آهي. جن جا لکائيندڙ ۽ لکندڙ يا تہ پٽ، هالا ۽ نصرپور واري پسگردائي جا هئا يا گهڻو وقت اتي گذاريو هئائون. انهيءَ لحاظ سان، اهڙن رسالن ۾ شامل بيتن ۽ واين جي لفظي ۽ اصطلاحي سٽاءَ توڙي بياني صورت کي نسبتًا وڌيڪ ترجيح ڏيئي سگهجي ٿي: سنڌ جي ڪن ٻين پاڱن جي ڪاتبن ۽ خاص طرح ڪڇ جي فقيرن جي لکيل رسالن ۾ ڪٿي ڪٿي بيتن ۽ واين جي پڙهڻين تي البت سندن پنهنجي زبان جو رنگ چڙهيل آهي.

ٻئي طرف شاھ جي بيتن ۽ واين جي اسلوب بيان ۾ وڏي وسعت آهي. جنهن ۾ عام سنڌي ٻولي جي مختلف محاورن سان گڏ، علمي لفظن ۽ ادبي عبارتن توڙي تصوف ۽ طريقت جي اصطلاحن ۽ ڪناين جي آميزش جو معياري مثال موجود آهي. شاھ صاحب سنڌ جي سيني پاڱن- وچولي، اُتر، لاڙ، ٿر، ڪوهستان، دريائي ڪڇي، ساموندي ڪناري ۽ ڪاري توڙي سنڌ کان ٻاهر لس ٻيلي ۽ ڪڇ طرف ويو، ۽ اتي جي عام ماڻهن سان گهڻو وقت گذاريائين. انهيءَ ڪري، انهن سيني پاڱن جا

KARACHIEDU.COM

لفظ، اصطلاح ۽ محاورا سندس ذهن نشين ٿيا: ٻئي طرف قرآن شريف، مولانا رومي جي مثنوي، ۽ ميين شاهه ڪريم جي بيان العارفين جا درس ۽ دور ٻُڌائين، ۽ پڻ ٻين وڏي ڄاڻ واري عالمن ۽ درويشن سان صحبتون ڪيائين، جنهن ڪري قرآن شريف جون آيتون، علمي ادبي الفاظ ۽ عبارتون، ۽ طريقت جا اصطلاح ۽ اشارتون سندس فهم ۽ فڪر جا جُز بنيا. ان ڪان سواءِ، پنهنجي دور جي وڏي سالڪ شاعر ميين شاهه عنات توڙي اڳين عارفن شاعرن (ميين شاهه ڪريم، قاضي قادن ۽ ٻين) جي ڪلام جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي، جنهن ڪري 'اعليٰ سنڌي شاعري' جي روايت توڙي ان شاعريءَ جي ٻولي ۽ عبارت کان باخبر هو. انهيءَ ڪري، ٻوليءَ جي لحاظ سان، شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل بالغانه فڪر جو 'بياني انداز' هڪ وڏي معيار وارو آهي.

جنهن ۾ سندس پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ٺَر ۽ ٻَر ۾ وڏا رنگ پريل آهن: ان ۾ وڏي وسيع عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن، اڳين سالڪن شاعرن جي ڪلام ۾ آيل اصطلاحن، عربي ۽ فارسي جي سنڌ ۾ رائج لفظن ، قرآني آيتن ، تصوف ۽ طريقت جي ڪناين ۽ اشارن وارا جڙاءُ فطري توازن سان آهن. شاهه جي پنهنجي ڪلام جو اهو 'جامع بيان معيار' آهي جنهن تي سندس بيتن ۽ واين کي پرکي سگهجي ٿو.معنويت جي لحاظ سان، شاهه جي ڪلام جي ٻولي جڻ سنڌي ٻوليءَ جي اندروني فطري مزاج سان همڪنار آهي: وسعت جي لحاظ سان، شاهه جي ڪلام جي ٻولي ساڳئي وقت عوامي توڙي علمي ٻولي آهي: ۽ عام مقبوليت جي لحاظ سان، اها اڻپڙهيلن توڙي پڙهيلن، سيني جي آهي ۽ سيني لاءِ آهي.

اڳين توڙي پوئين شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ ، شاهه جي بيتن ۽ واين جي ٻولي وڌيڪ عام فهم آهي. ان ۾ ڪا به اٽڪ ۽ هٻڪ ڪانهي. ان جي 'بيان' ۾ وڏي سلاست ۽ رواني آهي. ان ۾ نڪي صرف نحو جي اوٽائي نه نڪي مفهوم جي پيچيدگي آهي. شاهه جو بيت پاڻ ڳالهائي ٿو، ۽ شاهه جي وائي پاڻ ڳائي ٿي. اجوڪي پڙهندڙ کي ڪا ڏکيائي آهي نه اها سندس پنهنجي آهي، جو سندس ٻوليءَ واري ڄاڻ سندس پنهنجي ٺَرَ جي آبائي ۽ مقامي ٻوليءَ تائين محدود آهي جنهن کي ئي هو مڪمل 'سنڌي ٻولي' سمجهي ٿو. شاهه جي ٻولي ۾ وڏ ۾وڏ عام فهم انهيءَ ڪري آهي جو اُها تڪلف ۽ تَصنع واري 'لغوي' ٻولي ڪانهي. اها روايتي شعر جي روايتي ٻولي ڪانهي، پر وڏي وسيع ۽ عام اصطلاحي ٻولي آهي. شاهه پنهنجي بيتن ۽

KARACHIEDU.COM

واين ۾ جنهن معنيٰ ۽ مفهوم ۾ الفاظ ۽ اصطلاح آندا آهن تن کي سمجهڻ لاءِ ’علم لغات‘ وارا ڪتاب ڪماحقون ڪم نہ ڏيندا. انهيءَ ڪري شاھ جي آندل لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ’لغوي اشتقاقن‘ ڏانهن ڇڪڻ بي سود ۽ بي نتيجي آهي: شاھ جي ٻوليءَ کي صحيح طور تي سمجهڻ لاءِ جيڪڏهن ڪا ڪارگر ’ڊڪشنري‘ آهي تہ اها فقط وڏي وسيع عام اصطلاحي سنڌي ٻولي آهي.

شاھ آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ توڙي شاعريءَ جي روايت کان با خبر هو. شاھ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هڪڙا اُهي آهن جيڪي ڪانئس اڳ جي اعليٰ شاعرن جي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، ۽ ٻيا اهي جيڪي سندس دور ۾ ’سنڌ جي معياري زبان‘ ۾ موجود هئا ۽ جن مان گهڻا اجا تائين سنڌ (ڪڇ ۽ لس ٻيلي) جي ڪنهن نہ ڪنهن ڀاڱي جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائجن ٿا.

(’شاھ جو رسالو‘ جُلد پهريون تان ورتل)

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ قرآن پاڪ سان گڏ ٻيا ڪهڙا ڪتاب ساڻ رکندو هو؟
2. شاھ صاحب جي بيتن ۽ واين جي اسلوب بيان ۾ ڪيتري وسعت آهي؟
3. شاھ صاحب کان اڳ جي ڪن بہ ٽن سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن جا نالا ٻڌايو.
4. شاھ صاحب جي ٻوليءَ کي نہ سمجهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟
5. شاھ صاحب سنڌ جي ڪهڙن علائقن جو سير ۽ سفر ڪيو؟
6. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مضمون ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪيون آهن؟

KARACHIEDU.COM

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

وسعت پسگردائي ترجيح فهم سالِڪَ همڪنار مزاج اوٽائي
تصنع ڪارگر آڳاٽو معياري

(ج) سبق ۾ ’نشوونما‘ ۽ ’باغ بستان‘ ٻٽا لفظ استعمال ٿيل آهن. اوهين سبق مان ڪي ٻيا اهڙا ٻٽا لفظ چونڊي لکو:

(د) اوهان کي شاهه لطيف جا جيڪي ٻه بيت ياد آهن انهن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻن جي سمجهاڻي لکو.

(هه) ’شاهوڪار‘ ۽ ’قلمڪار‘ لفظن ۾ ’ڪار‘ پڇاڙي لفظ آهي. اوهان پڇاڙيءَ واري لفظ ’ڪار‘ سان ڪي ٻيا لفظ ٺاهيو ۽ انهن جي معنيٰ لکو.

(و) اوهان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان سواءِ ٻين ڪهڙن شاعرن جي شاعري پڙهي آهي، تن جا نالا لکو.

### استاد لاءِ هدايت:

شاگردن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لطيف شناسيءَ تي ڪيل تحقيقي ڪم بابت ٻڌائي.

# جمشيد نسروانجي ـ هڪ نيڪ دل انسان

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- ڪنهن مضمون کي لکڻ وقت پنجن کان مٿي پيراگرافن ۾ پنهنجن مشاهدن، ڄاڻ ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.
- ٻڌي ڳالهه جي تت جو پورو ادراڪ ۽ تجزيو ڪري سگهي.
- ٻٽن لفظن بابت ڄاڻي سگهي.
- لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- اخبارن، رسالن، مخزنن ۾ ڇپيل خبرن، فيچرن، ايڊيٽوريل، رپورٽن، اشتهارن، خطن،ڪالمن ۽ ايڊيٽر ڏانهن خطن ۽ علامتن، اصطلاحن ۽ وصفن کي سمجهي، ڪنهن تحرير کي پڙهي سگهي.

هي منهنجي من جا جَرَ قل آهن، جن کي لفظن ۾ پوئي پڙهندڙن آڏو پيش ٿي ڪريان. ڪي يادگيريون آهن، جيڪي وِير واڳر ورنديون ٿيون اچن. يادگيريون ساريءَ سنڌ ۽ سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جون، جن ۾ جمشيد جو ساهه پَساهه هو.

ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اڄ جا لکين انسان شايد ئي اُن اَمُلهه ۽ يگاني ورثي کان واقف هجن. جيڪو ڪُجھ سال اڳ، جمشيد اسان کان موڪلائيندي، اسان جي حوالي ڪري ويو هو. ايترن ورهين کان پوءِ ڪراچي وڏي ويجهي آهي، ڏيگهه ۽ ويڪر ۾ ۽ پڻ پنهنجي مُنهن مُهانڊي ۾ بدلجي بي ٿي پئي آهي پر جمشيد کي ڪراچيءَ جي آئيندي جي ڄاڻ هئي. انهن ڏينهن ۾ جڏهن ڪراچي پنهنجي وزن ۽ قد ۾ اجا اسري رهي هئي ۽ ان جا شهري ٿي لک مس هئا: تڏهن جمشيد ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽ طور شهر جي ويڪرن رستن جون رٿائون جوڙيون. ان جي تفريح گاهن، اسڪولن، ڪاليجن، اسپتالن، آمدورفت، پاڻيءَ جي رسائيءَ ۽ نيڪال لاءِ سوچيو ۽ اهڙي پيش بندي ڪئي.

جمشيد جي ڪيترن ساٿين هن جي انهن نهرائن، رٿائن ۽ انهن لاءِ گهربل ڳرن خرچن ۾ ساڻس اختلاف ڪيو. هنن اهو ٿي سوچيو ته سٺ سٺ بلڪ سو سو فٽ ويڪرن رستن جي هڙي ننڍي شهر لاءِ ڪاهه ضرورت ڪانه هئي! پر جمشيد، ڪين سدائين اهو ئي چوندو هو ته ڪراچي وڏي آهي ۽ دنيا جي وڏن ساموندي بندرن ۽ هوائي اڏن جي قطار ۾ اچڻي آهي.

جمشيد پنهنجي رٿا بندين ۾ پورو پورو عملي، وڏي حوصلي وارو ۽ عقلمندُ ڪاروباري ماڻهو هو. هن جي هڪ ئي دلي تانگهه هوندي هئي ته ڪراچيءَ جي رهواسين کي اهي سمورا موقعا ملن، جيئن هو صحتمند رهن، سُکي زندگي گذارين ۽ سندن ٻارن

KARACHIEDU.COM

کي صحيح تعليم ملي سگهي ۽ هو پنهنجي صلاحيتن پٽاندر وڌن ويجهن، ترقي ڪن ۽ خوش رهن.

اڄ ڪراچي هڪ شاهه شهر آهي ۽ ان جي رهواسين جو انگ ڪروڙن تائين وڃي رسيو آهي. اڄ ڪراچي پاڪستان جو سيني کان وڏو، شاهوڪار ۽ اهم شهر آهي. پر افسوس جو تعليمي ، رهائشي، آمدورفت، خوراڪ، پاڻي ، صحت ۽ صفائيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اڄ اتي جمشيد ڪونهي. اڄ ڪراچي رڳو گوڙ ۽ شور جو شهر آهي، دونهين ۾ ويڙهيل، ڪن ڪچري جي ڍپ ۾ ورتل، پيئڻ جي پاڻي جو ڪجهه ڪجهه سڪايل ۽ آمدورفت جي سهولتن کان ڪافي ڪجهه وانجهيل. ان ۾ ماڻهن جي دل تي اڄ موقعي شناسيءَ بدران موقعي پرستيءَ جو راڄ آهي. ماڻهوءَ ڏانهن جوابدهيءَ جو احساس ڪنهن جي من ۾ ڪونهي. سادگي ، پاڻ ارپڻ واري جذبي جي جاءِ تي سهل پسندي، سُک جي تلاش، اقتدار جي ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ بک وڃي بچي آهي. ڪراچي قرب ۽ پنهنجائپ جي شهر بدران رڳو رُڪائپ ۽ دوريءَ جو شهر بڻجي پيو آهي.

جمشيد اسان کي نه وسرڻ جهڙا سبق ڏنا آهن. غريبن ۽ پٺ ۾ پيل انسانن لاءِ بيمارن ، هيڻن، پنگلن لاءِ، زالن ۽ ٻارن لاءِ ۽ پڻ گُگدام حيوانن لا ۽ کهل،قياس، اُلڪي، ۽ اون جا سبق! جمشيد جي دَور ۾ اُڃايل جانورن لاءِ پاڻيءَ جا حوض هوندا هئا ۽ جانورن کي ظلم کان بچائيندڙ جماعت پنهنجي ڪم تي چست هوندي هئي: ۽ جمشيد ان جي پوري پوري سنڀال ۽ سهائتا ڪندو هو. سوَن غريبن ۽ بيروزگارن کي مالي مدد ملندي هئي: پر اهو سڀڪجهه اهڙي ته ماٺ ميٺ ۽ لِڪ ۾ ٿيندو هو، جو ڪنهن کي به خبر نه پوندي هئي، ته ڪنهن کي ڪيترو مليو! اها سٽس سا هوندي هئي، ته هر سال ويهه لک رپيا ائين خرچ ٿيندا هئا. ڪٽنبن جا ڪٽنب ائين پلبا ۽ آباد ٿيندا هئا.

جمشيد هڪ فقير منش ۽ صوفي برابر هو، پر سجاڳ ۽ عملي ماڻهو هو. هن کي ماڻهن ۽ حالتن جو هڪدم پورو اندازو ٿي ويندو هو. هن جي تيز نگاهي سچ پچ حيرتناڪ هوندي هئي. جمشيد جي عادت هوندي هئي ته وقت بوقت ميونسپل انتظاميه جي الڳ الڳ کاتن جي ڪم جي نگهباني ۽ چڪاس پاڻ ڪندو هو. خاص طرح ڪٿي ڪو باهه لڳڻ جو واقعو ٿيندو هو ۽ هو خطري جو گهگهو ٻڌندو هو، ته هڪدم فاير برگيڊ کي ٽيليفون ڪندو هو ۽ باهه لڳڻ جو هنڌ معلوم ڪندو هو. پوءِ

KARACHIEDU.COM

کھڙو بہ وقت هجي، ڏينهن هجي يا رات هو پنهنجي موٽر ۾ چڙهي اتي پهچندو هو ۽ باهہ وسائيندڙ عملي جي نظرداري ڪندو هو.

هڪ ڀيري اڌ رات جو ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾، جنهن ڪي هاڻي زيب النساءِ اسٽريٽ چون ٿا. باهہ لڳڻ جو هڪ وڏو حادثو پيش آيو. فاير برگيڊ اتي پهچي چڪي هئي. پر جمشيد ڏٺو تہ باهہ وسائڻ واري عملي جو بالا عملدار ڪجھ غلط ۽ منجهيل حڪم ۽ هدايتون ڏئي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ائين ڇڏيو ويو تہ باهہ سڄي پاڙي کي وڪوڙي ويندي. جمشيد هڪدم سمجهي ويو تہ ڇا ڳالھ هئي. دراصل اهو عملدار نشي ۾ ورتل هو. ان ڪري اُبتا سُبتا حڪم ڏئي رهيو هو.جمشيد انهيءَ مهل ئي ان عملدار کي اتان هٽائي، چارج ان جي نائب جي حوالي ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن عملدار کي نوڪريءَ تان خارج ڪري ڇڏيائين. هن ويچاري جو عيال هو، جنهن جي پيٽ قوت جو مدار هن جي نوڪريءَ تي هو. هن معافيءَ جي درخواست ڪئي ۽ پڪا پختا واعدا ڪيائين تہ اڳتي نشو پتو نہ ڪندو. جمشيد دل جو نرم ۽ طبع جو مهربان هو. پر هن جي هڪ بہ نہ ٻُڌائين ۽ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو. پوءِ هن جي عيال کي پنهنجي کيسي مان ايستائين معقول الائونس ڏيندو رهيو، جيستائين ان عملدار پنهنجي روزگار جو ٻيو ڪو خانگي بندو بست نہ ڪري ورتو! ۽ ان ڏس ۾ بہ جمشيد سندس مدد ڪئي، پر عوام جي خدمت واري ملازمت ۾ ان ماڻهوءَ جي غفلت ۽ لاپرواهي ڪانئس برداشت نہ ٿي سگهي.

جمشيد جا ڪيترائي دوست هوندا هئا. انهن مان کي سندس قياس واري سياءَ جي آسري تي هن جي دوستيءَ مان ڪڏهن ڪڏهن غلط فائدي وٺڻ جي ڪوشش بہ ڪندا هئا. اهڙي ڳالھ شهر جي هڪڙي ڪو آپريٽو بئنڪ جي ڏيوالي جي موقعي تي ٿي هئي. جمشيد ان ناڪام بئنڪ جي حصيدارن کي بئنڪ جي رهتو رقم مان حصي رسيءَ سان سندن مُوڙي واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. انهن مان ڪيترن ئي ڪوشش ڪئي تہ جمشيد جي دوستيءَ جي ناتي ڪين وڌيڪ رقم واپس ملي، پر ڪابہ ڳالھ ڪابہ سوچ جمشيد کي پوري انصاف ، ديانت ۽ حقداريءَ جي اصول کان ترِ بہ هٽائي نہ سگهي! هن جو هڪڙو ئي جواب هو تہ آءٌ بئنڪ پاران هتي هن ڪرسيءَ تي ويٺل آهيان ۽ اڄ منهنجي وفاداري هن ڪرسيءَ ۽ ان جي ڪارج سان آهي. اڄ آءٌ اهو ئي ٿو ڪري سگهان تہ سڀني واسطيدارن سان واجبي ۽ صداقت وارو

KARACHIEDU.COM

سلوڪ ڪريان. ذاتي دوستين يا ٻيا ڪي ناتا هن ڪم ۾ آڏو نٿا آڻي سگهجن. انساني عمل جو هيءُ ڪهڙو نه عمدو مثال آهي.

جيڪڏهن جمشيد جي شخصيت ۽ ڪردار هڪ ئي لفظ ۾ بيان ٿي سگهي ته اهو لفظ آهي ’پاڻ ارپڻ‘ يا ’سر سيتائي‘. هن پنهنجي هر فرض ۽ ذميواريءَ ڪي پليءَ پت سمجهيو ٿي ۽ ان کي پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ادا ڪرڻ گهريو ٿي. ان ڏس ۾ ڪيس سخت ۽ لاڳيتو ڪم ڪرڻو پوندو هو ۽ ڪافي قرباني ڏيڻي پوندي هيس؛ پر ان راهه ۾ هو نه ڪڏهن پوئتي هٽيو نه ئي ڪڏهن هار ڪاڌائين. هن جي زندگي عظيم آدرشن جي حاصلات لاءِ وقف ٿيل هئي. جمشيد لاءِ زندگي جو ٻيو ڪو مقصد هوئي ڪونه؛ سر سيتائي ۽ پاڻ ارپڻ ئي هن جي سچي زندگي هئي.

سچ ۽ نيڪيءَ جا هھڙا خدمتگار انسان روز روز پيدا ڪونه ٿيندا آهن؛ پر اسين پنهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ نيڪي ۽ سچ جي اعليٰ انساني آدرشن سان ڪافي ڪجهه وڌيڪ سر سيتائي ڏيکاري سگهون ٿا ۽ ائين جمشيد جهڙن عظيم انسانن جي نقش قدم تي هلي سگهون ٿا.

(مسز گل-ڪي مينوالا)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ جڏهن باهه لڳي ته باهه وسائيندڙ عملي جي بالا عملدار کي جمشيد اتان ڇو هٽايو؟
2. جمشيد جي شخصيت ۽ ڪردار کي ڪهڙي هڪ لفظ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو؟
3. جمشيد نسروانجيءَ جي شخصيت بابت اوهان جي ذهن ۾ ڪهڙو تاثر اڀري ٿو؟ ان کي بيان ڪريو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

يگاني تانگهه وانجهيل سهائتا سُٽس اٽل معقول سياءُ رهتو ڪارج

### (ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

سُکي آباد پنهنجائپ خانگي ڏوري ناڪام چست هارَ

KARACHIEDU.COM

(د) ظرف اهو لفظ آهي جو فعل صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿئي ٿو ۽ منجهانئس وقت، جاءِ ، ريت ، قدر ، هاڪار ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي: هو ’هينئر‘ اچي پيو. ’هينئر‘ وقت ڏيکاري ٿو. جيڪو ظرف، وقت ڏيکاري، تنهن کي ’ظرف زمان‘ چئجي ٿو. اڄ، سڀاڻ، پوءِ، اڳهرو ،هميشه يا سدائين ـ ظرف زمان آهن.

توهين انهن کي پنهنجن جملن ۾ ڪتب آڻيو.

(هه) ”منهن مهاندي“ هڪ ٻٽو لفظ آهي. توهين هن سبق مان اهڙا ٻيا ٻٽا لفظ لکي ڏيکاريو.


جمشيد نسروانجي

(و) جمشيد نسروانجي جي ڪيل خدمتن کي پنهنجي لفظن ۾ لکو.

(ز) هيٺ ڏنل سماجي شخصيتن جي خدمتن بابت انٽرنيٽ وسيلي ڄاڻ حاصل ڪري لکو ۽ ٻڌايو:


عبدالستار ايڌي


ڊاڪٽر رٿ فاؤ


ڊاڪٽراديب الحسن رضوي

(ح) 1. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اخبار کڻو. ان ۾ لڳل ڪا اهم سماجي مسئلي بابت خبر پڙهو ۽ ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪريو.

2. اخبار ۾ ڇپيل ڪالمن ۽ ايڊيٽر ڏانهن لکيل خطن کي پڙهو. پنهنجي علائقي جي ڪنهن به اهم مسئلي بابت اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن خط لکو.

# پِير حسام الدين راشدي



ولادت: 1911ع

وفات: 1982ع

پير حسام الدين راشدي 20 سيپٽمبر 1911ع ۾، ڳوٺ بهمڻ تعلقي رتيديري ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو حامد شاهه راشدي هو. هو سنڌ جو ناميارو محقق، تاريخدان، عالم، مترجم ۽ اديب هو. پاڻ ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو. هُن ڪيترائي ڪتاب، تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا. جن ۾ 'ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون'، 'تاريخ مظهر شاهجاني'، 'مڪلي نامو' ۽ سندس آتم ڪٿا 'هُو ڏوٿي هُو ڏينهن' ۽ ٻيا مشهور آهن. پير حسام الدين راشدي پهرين اپريل 1982ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر مڪليءَ تي آهي.

KARACHIEDU.COM

# ڪڇي جو سير

**سکيا جي حاصلات**

تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. تخيل جي اڏام وسيلي پنج سؤ کان وڌيڪ لفظن تي آڌاريل مضمون تخليقي سطح تي عمدن مثالن، منظر نگاري ، مڪالمي نگاري ۽ شعرن وسيلي سينگاري پيش ڪري سگهي. محاورن جي سمجهاڻي لکي سگهي. سڌ سماءُ جي ذريعن، ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر کي سنڌيءَ ۾ استعمال ڪري سگهي. بحث مباحثن ۽ مذاڪرن ۾ حصو وٺي سگهي.

درياهه جي ٻنهي ڪپن واريءَ زمين کي 'ڪڇو' چئبو آهي ۽ اتي جي رهاڪن کي 'ڪڇي جا ماڻهو' ڪري سڏبو آهي. ڪڇي ۾ گهاٽا گهاٽا جهنگ ۽ ٻيلا آهن، جن ۾ ٻٻر، ٻاهڻ ۽ ڪانهن ڪثرت سان هوندا آهن. زمين سيڪ واري ٿيندي آهي، جنهن تي چٻر هميشه ڇاول هوندي آهي. ڪانهن کي ڪڇي جي ماڻهن جون پياريون ۽ دل گهريون مينهون ۽ وڇون خوشيءَ وچان دل پري ڪائينديون آهن. ڪانهن ڪائڻ ڪري اُهي کير ۽ مکڻ جام ڏينديون آهن.ساوڻ ۾ سڄو ڪڇو پاڻي هوندو آهي. وري سرءُ جو، جڏهن پاڻيءَ جي مُند ختم ٿيندي آهي، تڏهن ڪڇو بہ سڪندو آهي. ساوڻ ۾ اُتي جا پاڪيا پنهنجون مينهون، ڏاند، ڳئون هڙئي پڪي تي ڪڍي ايندا آهن، جتي پاڻي ڪونہ هوندو آهي. پاڪين کي پنهنجي مال جي سُک جو گهڻو خيال هوندو آهي،سندن مال خوش تہ پاڻ بہ خوش.

ڪڇي ۾ درياهه جي پرسان تمام سنا ۽ موهيندڙ نظارا ٿيندا آهن، جن کي ڏسيو دل گهُري تہ ساري ڄمار انهن کي ڏسندي پوري ڪجي. ٻاهڻ ۽ ٻٻرن جا وڏا وڏا وڻ، چنار جي درختن وانگر، ڪپن سان هوندا آهن، تن جي هيٺان پاڪين جون مينهون ۽ وڇُون ڪيرن ۾ چرنديون نظر اينديون آهن. انهن جي چڙن جو آواز ساري جهنگ ۾ ٻڌي ڏنارن جون دليون ڀڪنديون آهن. پاڪيا، جن کي ڏنار بہ چئبو آهي، سي درياهه جي ڪپن تي چٻر جي سبزي تي وينا پنهنجين مينهن جي تعريف ۾ يا مارن جا راڳ پيا ڳائيندا آهن. هنن جون دليون، غم ڳوندر کان بي خبر، هميشه خوشيءَ ۾ هونديون آهن. درياهه جي ٻيٽارن تي ڪڙمي ڪنڙي، جا سرنهه جي نموني ٿيندي آهي، پوکيندا آهن. جنهن وقت اُها گل ڪندي آهي، تنهن وقت جاڏي نظر ڪريو

KARACHIEDU.COM

تاڏي ڦڪاڻ ئي ڦڪاڻ نظر ايندي آهي. سوين جريب پوکيل هوندا آهن. وري هوا تي جا اُن جي خوشبو اچي، سا تہ دماغ ۾ نشو پيدا ڪيو ڇڏي. جنهن وقت ڪنڙي جاڏي ڪاڏي ڳل ڪري بيهندي آهي، تنهن وقت درياهہ ڪنوار جي نموني سينگاريل نظر ايندو آهي.

ڪڇي جي ماڻهن جا گهر باهڻ ۽ ڪانهن جا نهيل هوندا آهن. ڪن ڪن ۾ تہ بنگلن کان بہ وڌيڪ ويهڻ ۾ مزو ايندو آهي، ۽ سندن رهاڪو بہ پنهنجن ۽ اُنهن ڪکائن جهوپڙين کي بنگلن ۽ محلن ۽ ماڙين کان وڌيڪ سمجهندا آهن، ۽ انهن ۾ خوشيءَ ۽ مزي سان گذاريندا آهن. ڇت ۽ پٽيون جيڪي ڪانهن سان نهيل هونديون آهن، سي تمام پڪيون ۽ ڄٽادار ٿينديون آهن. اُنهن کي مينهن واءُ جو خطرو مُور نہ ٿيندو آهي. گهرن کان وڌيڪ هو پنهنجن مينهن جا مَنهہ، جن کي واڙا بہ سڏيندا آهن، سنا، مضبوط، ۽ ڪشادا ناهيندا آهن. هنن کي ساهہ کان بہ وڌيڪ سندن مينهون ۽ مَنهہ پيارا هوندا آهن. ڪڇي ۾ غريب کي بہ ٻہ چار مينهون ضرور هونديون، نہ تہ بدبخت سڏيو ويندو. وڏ ڀاڳين کي سؤ ڏيڍ ڪن مينهون ۽ ڳئون ٿينديون آهن.

ڪڇي ۾ ڏهن ٻارهن گهرن جو ڳوٺڙو ٿيندو آهي، جو انهن جي وڏي ڀاڳئي جي نالي جي پٺيان سڏبو آهي. جي ڪنهن زميندار جو هوندو آهي، تہ فلاڻي جي ’ڪيٽي‘ ڪري ڇئبو آهي. ڳوٺڙي جا رستا تمام سوڙها، چارن جي نموني ٿيندا آهن، جي گهرن جي اڳٺن ۾ وچي ڪٺندا آهن. چارن جي ٻنهي پاسي ڀاڻ پيل هوندو آهي، وچ مان رستو ٿيندو آهي. ڀاڻ ڀاڳين کي سانوڻ جو دونهن جي ڪم ۾ ايندو آهي، سياري جو ڪنو ڪندا ويندا آهن. هر هڪ گهر ۽ واڙي جي چوڌاري ڪنڊن جو ڀيهو هوندو آهي، جو ست اٺ فوٽ وڏو ٿيندو آهي ۽ ’در‘جنهن کي ’ڳلي‘ ڪري سڏيندا آهن، سو رات جو ڊنگر سان بند ڪري ڇڏيندا آهن.

(’ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون‘ تان ورتل)

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ڪَڇو ڇاکي چئبو آهي؟ اتان جا نظارا ڪيئن تيندا آهن؟
2. ڪيٽي ڇا کي چئبو آهي؟
3. ڪڇي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت اوهان ڇا ڄاڻو؟
4. سانوڻ جي مُند ۾ ڪڇو ڪيئن نظر ايندو آهي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو:

ڄڙو گوندر پاڳيو ڏنگر پيهو

### (ج) هيٺين جا ضد لکو:

ڪڇو بدبخت ڪشادا مضبوط خوشي

### (د) لفظن جو اهڙو فقرو يا اهڙي فعلي صورت، جيڪا سِڌي معنيٰ رکي نہ ان کي محاورو چئبو آهي. هيٺين محاورن جي سمجهاڻي ڏيو:

* آئي ويل ڪم اچڻ * اپرندي تاءُ ڪرڻ * اجاگر ڪرڻ
* پاڳ کُلڻ * کير کنڊ ٿيڻ

### (هہ) زمان ماضي متشڪي:

’مون لکيو هوندو‘ اهڙو جملو آهي، جيڪو زمان ماضيءَ واري ڳالهہ کي ’مشڪوڪ صورت‘ ۾ بيان ڪري ٿو. هيٺ ، مختصر زمان ماضيءَ جي اهم صورتن جو وچور ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| * زمان ماضي: | مون لکيو. |
| * زمان ماضي استمراري: | مون لکيو پئي. |
| * زمان ماضي قريب: | مون لکيو آهي. |
| * زمان ماضي بعيد: | مون لکيو هو. |
| * زمان ماضي متشڪي: | مون لکيو هوندو. |



PAKCITY.COM

’زمان ماضي متشڪي‘ ۾ فعل جي ماضي صورت ۽ مددي فعل ’هوندو/ هوندي/ هوندا/ هونديون‘ ڪم آندل هوندو آهي.

توهان پڙهيل سبق مان ’زمان ماضي متشڪي‘ جا جملا چوندي لکو ۽ انهن جهڙو هڪ پنهنجو جملو لکو.

## (و) ’ڪچي جي سير‘ بابت مضمون لکو:

### سرگرمي:

ڪچو، ماحوليات لاءِ ڇو ضروري آهي؟ اوهان ڪلاس ۾ انهيءَ موضوع تي بحث مباحثو ڪرايو.

### استاد لاءِ هدايت:

شاگردن کي انٽرنيٽ ذريعي ڪچي جي مختصر دستاويزي فلم ڏيکاري، ان بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

KARACHIEDU.COM

# شخصيت ۽ لباس

## سکيا جي حاصلات

روزاني زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن توڙي علمي، ادبي مطالعي کي عملي زندگيءَ جو حصو بنائي سگهي. مختلف رسالن مان ڪهاڻيون ۽ مضمون پڙهي، انهن مان نتيجو ڪڍي سگهي. سُٺ سماء جي ذريعن، ٽيڪنالاجي/ ڪمپيوٽر کي سنڌيءَ ۾ استعمال ڪري سگهي. تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. بحث مباحثن ۽ مذاڪرات ۾ حصو وٺي سگهي. ٻٽن لفظن بابت ڄاڻي سگهي. ضمير استفهام بابت ڄاڻي سگهي.

فاريہ هڪ وڏ گهراڻي ڇوڪري هئي، مائٽن جي اڪيلي ۽ سڪيلڌي ڌيءَ. هڪ ڀيري هن ڪنهن رسالي ۾ اها چوڻي پڙهي تہ: ” هڪ ويسو انسان، سو ويسو لباس.“ پوءِ تہ اهو فيصلو ڪري ورتائين تہ هوءَ پنهنجي شخصيت کي نت نون لباسن سان اُجاگر ڪندي.

فاريہ کي پنهنجي سرتيءَ سسئيءَ جي جنم تي وڃڻو هو. هونئن تہ سندس ڪٻٽ اُچن لباسن سان پريا پيا هئا، پر هن وري بہ بازار جو رخ ڪيو. اتان هڪ نهيل نڪيل ڀِيڪيدار ۽ مهانگو وڳو ورتائين ۽ هڪ قيمتي تحفو بہ.

شام ٿي تہ فاريہ نهي جُڙي، ڪار ۾ چڙهي پارٽيءَ ۾ پهچي وئي. اتي هن ڏٺو تہ ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کي نہ تہ ڪو مهانگو لباس پاتل هو، نہ ئي ڪنهن کي زيور پاتل هئا. ڪيڪ ڪٽجڻ کان پوءِ سڀ ڇوڪريون ٽولين ۾ ورهائجي ويون. ۽ پاڻ ۾ رلي مِلي ويون. فاريہ ڏٺو تہ گهڻيون ڇوڪريون هڪڙي ڇوڪريءَ کي گهيرو ويٺيون هيون ۽ سندن ڪچهري متي پئي هئي. فاريہ بہ اوڏانهن هلي وئي. هن کي ايندو ڏسي اها ڇوڪري اُٿي بيٺي.سسئيءَ بنهي جو پاڻ ۾ تعارف ڪرايو. اُنهي ڇوڪريءَ جو نالو مارئي هو. ۽ سسئي جي پاڙي ۾ رهندي هئي. پارٽيءَ مان موٽندي فاريہ کي احساس ٿيو تہ بيون ڇوڪريون عام لباس پائي بہ خوش هيون ۽ هوءَ ايڏو مهانگو لباس پهري بہ اُداس هئي.

ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ فاريہ، سسئيءَ کي چيو تہ ”تنهنجي پارٽيءَ ۾ ڏاڍو مزو آيو. خاص ڪري مارئي مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هن جو بنا ميڪ اَپ چهرو، ڳالهائڻ جو ڍنگ، لباس جي سادگي، مان هن سان ملڻ ٿي چاهيان.“ پوءِ هڪڙي ڏينهن فاريہ ۽ سسئي مارئيءَ جي گهر ويون. مارئيءَ وڏي دل سان سندن آجيان ڪئي. مارئيءَ فاريہ

KARACHIEDU.COM

کي پنهنجي ماءُ سان ملايو. جنهن پاڙي جي نينگرين کي پرت پرڻ جي سکيا پئي ڏني . فاريہ ڏٺو تہ مارئيءَ جو گهر ننڍو، پر صاف سٿرو هو. مارئيءَ کين پنهنجي ڪمري ۾ آڻي ويهاريو. ڪمري ۾ هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيل هئي. ڪٽ تي رليءَ جو پُڙ وڇايل هو، ڪرسيين تي ٽِڪن ٽاڪيل ڪشن رکيل هئا. درن ۽ درين تي چُر جا پڙدا ٽنگيل هئا.

مارئي چانهہ ناهي آئي، تہ سندس ماءُ بہ اچي انهن سان ويٺي. حال احوال ڏيڻ وٺڻ کان پوءِ فاريہ اصل موضوع ڇيڙيو.

**فاريہ:** مارئي، توهان جي ڪپڙن جي ڊزائين ۽ فٽنگ تہ واهہ جي آهي! توهان اهي ڪٿان سبرايا آهن؟

**مارئي:** انهن ڪپڙن جي ڊزائين مون پاڻ ڪئي آهي ۽ سبيا بہ مون پاڻ آهن.

**فاريہ:** انهن تي جيڪو پرٽ پريل آهي، اهو ڪنهن پريو آهي؟

**مارئي:** انهن تي جيڪو پرٽ پريل آهي اهو بہ مون پاڻ پريو آهي.

**فاريہ:** مان تہ بازار مان نهيل ڪپڙا وٺندي آهيان. اهي مهانگا تہ ڏاڍا هوندا آهن پر انهن ۾ اها سونهن ۽ نفاست نہ هوندي آهي.

**ماريہ :** ادي، سُونهن اُجن ۽ مهانگن ڪپڙن ۾ ٿوروئي هوندي آهي!سونهن تہ سادگيءَ ۾ هوندي آهي

**سسئي:** پر توهين بہ تہ نِت نئين فئشن جا لباس پائيندیون آهيو. منهنجي جنم ڏينهن تي بہ توهان کي نئون وڳو پهريل هو.

**مارئي:** نہ ادي، اهو تہ منهنجو گذريل سال وارو لسو وڳو هو، جنهن تي مون ڪچ هٽي جڙيو هو.

**فاريہ:** پر گذريل سال وارو وڳو تہ سوڙهو ٿي ويو هوندو!

**مارئي:** انهيءَ مسئلي جو حل اهو آهي، تہ ڪٽنگ ڪرڻ ۽ سبڻ مهل اهڙي گنجائش رکجي، جيئن ڪهرج پٽاندر ان کي کولي وڏو ڪري سگهجي.

**سسئي:** لباس جي معاملي ۾ بيون ڪهڙيون ڳالهيون آڏو رکجن؟

**مارئي:** لباس لاءِ بنيادي ڳالهہ تہ اها آهي، تہ لباس توهان جي شخصيت کي اجاگر ڪري، نہ ڪِي توهان جي شخصيت کي لڪائي ڇڏي . بيو تہ ڪپڙو اهڙو وٺجي، جنهن مان گهٽ خرچ ۾ سُهڻو لباس ٺاهي سگهجي. اِن ڏس ۾ عُمر، موقعو، مهل ۽ موسم کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

KARACHIEDU.COM

**فاريه:** لباس سادو به هجي ۽ سهڻو به هجي، ائين ڪيئن تو ٿي سگهي؟

**مارئي:** مثال طور اسين لسي يا پلين سُوٽ تي ٽِڪون يا ٿوئر ٽاڪي سگهون ٿيون. پرت پري سگهون ٿيون.

**فاريه :** پر مون کي ته پرت ايندو ئي نه آهي!

**ماءُ:** اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! ماڻهو جيڪڏهن سکڻ چاهي ته سيکجهه سِکي سگهي ٿو.هونئن به ڇوڪرين کي ته سبڻ ، پرڻ، مَڙهڻ يا رڌ پچاءُ ته لازمي طور تي سِکڻ گهرجي.

**فاريه:** پر چاچي، ڪو سيکارڻ وارو به ته هجي نه!

**ماءُ:** ڏيءُ، آءٌ جا ويٺي آهيان سيکارڻ واري!

مارئيءَ جي ماءُ اها ڳالهه اڃان ته پنهنجائپ ۽ پيار مان چئي هئي، جو فاريه خوش ٿي وئي: ”سچ چاچي! پوءِ مان توهان کان پرت پرڻ ضرور سکنديس“.

**ماءُ:** ڏيءَ پرت سان گڏو گڏ توهان کي ڪپڙا وهِڻ ۽ سِبڻ به سيکاريندس. چو ته فاريه ڏيءَ، پنهنجي هٿ سان سِبيل لباس، پهرڻ سان ئي سچي خوشي ملندي آهي.
فاريه ۽ سسئيءَ جڏهن وجڻ لاءِ ڪاٺئن موڪلايو، تڏهن مارئي جي ماءُ هُرمُچ پرت پريل روا فاريه ۽ سسئي کي اوڍايا ۽ ڪين چيائين، اچ کان پوءِ توهين به مارئي وانگي منهنجيون ڌيئرون آهيو“.

(شهناز خالد)

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. فاريه ڪنهن رسالي ۾ ڪهڙي چوٽي پڙهي هئي؟
2. فاريه پنهنجي شخصيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
3. هن سسئي جي جنم ڏينهن تي بازار مان ڇا خريد ڪيو؟
4. فاريه کي مارئيءَ جي ڪهڙي ڳالهه متاثر ڪيو؟
5. مارئيءَ جي ماءُ پاڙي جي نينگرين کي ڇا جي سکيا ڏئي رهي هئي؟
6. لباس جي معاملي ۾ ڪهڙيون ڳالهيون آڏو رکڻ گهرجن؟

KARACHIEDU.COM

7 مارئي جي ماءُ، فاريہ ۽ سسئي کي جيکي روا اوڍايا، انهن تي ڪهڙو پرت پريل هو؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اُهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

وڏ گهراڻي سِڪيلڌي پيڪيدار تعارف آجيان سِڪيا نفاست اجاگر ڪائنڻ

## (ج) ’نَهيل ٽُڪيل‘ ٻٽو لفظ آهي، توهين هن سبق مان ٻيا اهڙا ٻٽا لفظ لکي ڏيکاريو.

## (د) هيٺيان خال ڀريو:

1 هڪ ويسو انسان ۽ سو ويسو ..............................

2 اڄ فاريہ جي ساهيڙيءَ جو ............................هو.

3 مارئي سنڌن وڏيءَ دل سان ...........................ڪئي.

4 مارئيءَ جو گهر ننڍو پر.........................هو.

5 ڪٽ تي رليءَ جو .....................وڇايل هو.

## (هه) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

وڏو جنم اُڃ سوڙهو سادو مهانگو

## (و) هيٺين سٽن مان ’ضمير استفهام‘ چونڊيو:

1 گلاب کي ٻاهر ڪير پيو سڏي؟

2 توکي ڇا کپي؟

3 هنن رانديڪن مان توکي ڪهڙو تو وڻي؟

## (ز) پنهنجي دوست / ساهيڙيءَ ڏانهن سنڌيءَ ۾ ڪمپيوٽر تان اي ـ ميل ذريعي رابطو ڪريو، جنهن ۾ اوهان ڪيس پنهنجي سالگرهہ جي دعوت ڏيو.

## (ح) اوهان ڪنهن رسالي مان لِباس جي نئين ڊزائين بابت ڪنهن فيملي مئگزين يا رسالي جي چُونڊ ڪريو ۽ ان تي بحث مباحثو ڪريو.

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي شخصيت سازي متعلق ٻڌايو وڃي.

KARACHIEDU.COM

# امر جليل



ولادت: 1936ع

امر جليل جو اصلي نالو عبدالجليل ولد عبدالغني قاضي آهي. هُو 8 نومبر 1936ع تي روهڙي شهر ۾ ڄائو. امرجليل ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ ڪالم نگار آهي. هن جون سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ تحريرون موجود آهن. سنڌس ڪهاڻين جي ڪتابن جا ڪيترائي ڇاپا وري ڇپجندا رهيا آهن. سندس ڪهاڻين ۾ خاص ڳالهه ڪردارن جي گفتگو آهي. هُن جو لکيل هڪ ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ پڻ ڇپجي چڪو آهي. هن وقت پاڻ سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

KARACHIEDU.COM

# چريائي

**سکيا جي حاصلات**

- ڪهاڻيءَ ۽ ٺهڻ جي ادبي مرتبي جو تعين ڪري سگهي.
- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- حوالا ڏيئي سمجهاڻي لکي سگهي.
- لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- اصطلاح يا محاوري بابت ڄاڻي سگهي.
- سني ٻڌنڌڙ طور تيز سماعت جو (تبصري، ڪمينٽري وغيره جي صورت ۾) مظاهرو ڪري سگهي.
- لائبريريءَ جو استعمال ڪري سگهي.

ڪالهه مون پنهنجي ننڍڙي ياءُ چيني کي عجيب حرڪت ڪندي ڏٺو. هُو ادب سان ٻيرن آڏو بيٺو هو.

چيني کان پڇيم، ”ڇا پيو ڪرين؟“

جواب ڏنائين، ”ٻيرن کان بير پيو گهران.“

”ڇا!“ مان حيران ٿيس. چيم، ”چيني، ٻيرن کان بير پيو گهرين!“

وراڻيائين، ”ها. ٻيرن کان بير پيو گهران.“

پڇيو مانس، ”چريو ته نه ٿي پيو آهين؟“

ڪليو. جواب ڏنائين، ” ٻيرن کان بير گهرڻ ڪو عيب آهي ڇا !“

”عيب ته ڪونهي.“ چيم، ”پر، ڪجهه عجيب پيو لڳي.“

”عجيب توکي لڳندو هوندو.“ چيني چيو، ”تون پوڙهو ٿيندو پيو وڃين، تنهنڪري جديد دور جي رواجن کي سمجهي نه ٿو سگهين.“

”تون سچ پيو چوين.“ چيم، ”مان پوڙهو ٿي ويو آهيان.“

چيني چيو، ”اڄڪلهه بير فقط ٻيرن کان گهربا آهن.“

پڇيم، ”ڇو؟“

جواب ڏنائين، ”ڇو جو ٻيرن جي وڻن بير ڏيڻ ڇڏي ڏنا آهن.“

”پر ان جو مطلب اهو ته ناهي، ته پوءِ وڃي ٻيرن کان بير گهرجن!“

مون چيني کان پڇيو، ”تون بير ڪائڻ ڇڏي ڇو نه ٿو ڏئين؟“

چيني چيو، ”بير ڪائڻ ڇڏي ڏيندس ته پوءِ ٻيرن کان بير گهرڻ جي نوبت ڪيئن ايندي!“

حيران ٿيم. ڪائنس پڇيم، ”ان جو مطلب آهي، ته تون ڄاڻي ٻُجهي ٻيرن کان بير پيو گهرين؟“

وراڻيائين، ”ها.“

KARACHIEDU.COM

پڇيم، ”ڇو؟“
جواب ڏنائين، ”اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ٻهرو ٻير نه ڏيندا آهن.“
چيم، ”ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! سڄي دنيا کي خبر آهي ته ٻهرن کان ٻير گهرڻ چريائي آهي.“
چيني وڏو ٺهڪ ڏنو، چيائين ”پر، تنهن هوندي به ماڻهو ٻهرن کان ٻير گهرندا آهن.“
(’سِنڌُو منهنجي ساهه ۾‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. اوهان کي ڪهاڻيءَ جو ڪهڙو ڪردار پسند آيو ءِ ڇو؟
2. چيني جي ڪردار مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
3. امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي ڪهڙي انداز ۾ لکيل آهي؟
4. ’ٻهرن کان ٻير گهرڻ‘ مان ڇا مراد آهي؟
5. چينو ڪهڙي چريائي ڪري رهيو هو؟
6. ڪهاڻي ’چريائي‘ پڙهڻ کان پوءِ اوهان جي ذهن ۾ جيڪو تاثر اُڀري ٿو، ان کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ءِ اهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

چريائي    ڄاڻي ٻجهي    نوبت    عجيب    جديد

### (ج) هيٺين حوالن جي سمجهاڻي لکو:

1. ”تون پوڙهو ٿيندو پيو وڃين، تنهن ڪري جديد دور جي رواجن کي سمجهي نه ٿو سگهين.“
2. ٻير ڪائڻ ڇڏي ڏيندس، ته پوءِ ٻهرن کان ٻير گهرڻ جي نوبت ڪيئن ايندي!“
3. ”پر تنهن هوندي به ماڻهو ٻهرن کان ٻير گهُرندا آهن.“

### (د) اوهان ٽيليويزن تي ڪرڪيٽ يا هاڪي راند بابت ڪمينٽري ٻڌندا آهيو، اها ڪمينٽري اوهان کي ڪيتري وڻندي آهي ءِ ڇو؟

**سرگرمي:**

اوهان لائبريريءَ مان ڪهاڻين جو ڪو به ڪتاب ڪڍي پڙهو ءِ ان بابت پنهنجي راءِ لکو.

KAPRASHIEDU.COM

# ماهتاب محبوب



ولادت: 1949 ع

ماهتاب محبوب 14 جولاءِ 1949ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائي. هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ ليکي وڃي ٿي. هوءَ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ سفر نامہ نويس آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا، ناولن، خاڪن، سفرنامن ۽ مضمونن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس مشهور ڪتابن ۾ 'چانديءَ جون تارون'، 'مِني مراد' ۽ ٻيا شامل آهن. سندس ڪتاب 'چانديءَ جون تارون' کي پاڪستان رائٽرز گلڊ جي طرفان انعام ڏنو ويو. ماهتاب محبوب جا ٻہ ناول 'خواب ،خوشبو ۽ ڇوڪري' ۽ 'پيار، پناهون، چانورا' ڇپيل آهن. 'هِي حَسن' بہ سندس ڇپيل ڪتاب آهي.

KARACHIEDU.COM

# موڪلاڻي

**سکيا جي حاصلات**
ڪنهن به فنپاري جي ادبي مرتبي جو تعين ڪري سگهي. تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. ضمير جواب موصول بابت ڄاڻي سگهي. مختلف رسالن مان ڪهاڻيون ۽ مضمون پڙهي، انهن مان نتيجوڪڍي سگهي ۽ پاڻ به عام موضوعن تي ڪهاڻي لکي سگهي.

ڪمري کان ٻاهر ايندي ئي هن جي نظر پيءُ تي پئي، جيڪو الائي ڪيتري دير کان ائين ئي ورانڊي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي گلن جي ڪونڊين کي ڏسي رهيو هو. هن جي ماٺ ٻڌائي رهي هئي ته هو ڪنهن گهري سوچ ۾ غرق هو. هلڻ جو آواز ٻڌي هن جو ڌيان اوڏانهن ويو، هن ڌيءَ کي نماڻائيءَ سان مسڪرائي ڏٺو، هن جي چپن تي به بي معنيٰ مرڪ پکڙجي وئي... هوءَ وڏيڪ اتي نه ترسي سگهي ائين ئي پر ۾ پيل ميز تي رسالن کي اُٿلائڻ پٿلائڻ لڳي... هوءَ سوچي رهي هئي... جن نظرن سان هن جي پيءُ هن کي نهاريو، اُهي هميشه جي نظرن کان ڪيتريون نه مختلف هيون! انهن ۾ خلوص ۽ شفقت نمايان هوندي هئي... پر اڄ نماڻائي به گڏ هئي انهيءَ نماڻائي هن کي بيتاب ڪري ڇڏيو... هوءَ انهيءَ نماڻائيءَ جو راز سمجهي چڪي هئي جڏهن ئي ته هو انهن کي محسوس به ڪري رهي هئي... هوءَ انهن جو تاب نه سهي سگهي ۽ وري واپس ڪمري ۾ اچي وئي.

هوءَ ويٺي رهي ته ڇا ڪري...؟ ڪجهه سمجهي نٿي سگهي... اطمينان جڻ هن کان موڪلائي ويو هو اهو احساس هن کي ڪجهه ڏينهن کان گهٽو ڏئي رهيو هو، ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه سڀني جي توجهه جو مرڪز هوءَ هئي. گهر جا ڀاتي هن سان اهڙو ورتاءُ ڪرڻ لڳا هئا جيئن نهايت ئي پيارو مهمان ڪجهه ڏينهن رهي رخصت جي تياري ڪندو هجي.

هوءَ آرسيءَ وٽ اچي ڦٽي ڏيڻ لڳي، ڪنهن جي قدمن جو آواز ٿيو، هن ڪنڌ ورائي اچڻ واري ڏانهن نهاريو اهو هن جو ننڍو ڀاءُ هو.

KARACHIEDU.COM

’سومرو اڳارو‘ پنهنجين ٻن اکرين کي سامهون جهلي هن مسڪرائيندي چيو ۽ ڪمري مان ٻي معنيٰ چڪر ڏيئي هليو ويو... ڪيترو نه احساس هو ڪيس انهن ٻن ڏينهن جو... سندس ٻي جان مرڪ ٻڌائي رهي هئي. ڦٽي ڏيندي هن جا هٿ رڪجي ويا... يڪدم هن کي احساس ٿيو ته پنهنجي گهر ۾ صرف هوءَ ٻه ڏينهن ئي آهي. اهو گهر، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا ارڙهن سال گذاريا، هاڻ ان ۾ ڪيس ٻه ڏينهن رهڻو هو... صرف ٻه ڏينهن... بس ٻه ڏينهن! ٻه ڏينهن هن جي دماغ ۾ ڄڻ سمائجي ويا هئا.

هوءَ غير ارادي طور رڌڻي ڏانهن وئي، هميشه وانگر اتي ڪچهري متل هئي... هرڪو چانهه پي رهيو هو، هوءَ چانهه ته نه پيئندي هئي پر ڪچهريءَ ۾حصو وٺڻ لاءِ رڌڻي ۾ضرور ويندي هئي... هن ياجائيءَ سان ذهني پريشاني جو ذڪر ڪندي چيو، ”هاڻ ته هٿ رکو ٻن ڏينهن جي مهمان آهيان ياجائي!“

”ائين ته نه چئو، منهنجو هنيانءُ ٿو ڦاٽي!“

هن جي ماءُ ڏانهن ڪندي چيو ۽ هوءَ نماڻائيءَ سان مسڪرائڻ لڳي، چوگرد نظر وڌائين: سيني جون اکيون لڙڪن سان ٽمٽار هيون... هن پاڻ کي ٻين تي ظاهر نه ڪرڻ جي خيال کان بظاهر کِلندي چيو:

”وڃان ٿي، وڃان ٿي!! توهان ته اجايو روئڻ شروع ڪيو آهي.“

”ها، وڃ، وڃ!“ هن جي ماءُ ڏک ۽ روئڻ لڪائڻ لاءِ ظاهري سختيءَ سان چيو، مگر انهيءَ ظاهري سختيءَ ۾ هوءَ ماءَ جي پُرخلوص دل ۾ لڪل جدائيءَ جي غم کي سڃاڻي وئي هئي...

ڪمري ۾ آئي ته دريءَ مان ٿڌڙي هير هن جي پسيل ڳلن کي لڳي، هن کي ڏاڍي فرحت محسوس ٿي. هن جي دل ۽ دماغ ٻه انهيءَ فرحت کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو...

پر واري هال ۾ ٻارن جي گوڙ کان هن جي اک کلي وئي: هن کي ڪاوڙ کان پيشانيءَ تي گهنڊ پئجي ويو هن چاهيو ته وڃي ٻارن کي خوب دڙڪا ڏي، پر اوچتو ئي هن کي ڪجهه ياد اچي ويو هوءَ ائين نه ڪري سگهي، هن کي ڏک ٿيڻ لڳو ته ٻارن کي دڙڪن ڏيڻ لاءِ سوچيوئي ڇو!

هن پنهنجي ڪمري جي هر شيءِ تي نظر وڌي. انهن سيني جو هاڻ ڇا ٿيندو...؟

KARACHIEDU.COM

۽ پوءِ ڪجھ سوچي هن پنهنجي سيني شين کي مضبوطيءَ سان تالي ۾ بند ڪري ڇڏيو. هن کي ڪجھ ڏينهن اڳ پائرن جو تنگ ڪرڻ ياد اچي ويو:

”هاڻي هن ڪمري تي تنهنجو حق نہ رهندو.“

”چو ڪونہ رهندو!“

”ڇاڪاڻ تہ هاڻي هيءُ اسان جو آهي، هي ڪبٽ بہ اسان جو، ميز بہ اسان جي، ڪتاب بہ اسان جا، سڀ شيءِ اسان جي!“

”هون، چو پلا، اهي سڀ شيون منهنجون ئي رهنديون آئون اينديس بہ تہ پيئي نہ آخر.“ هن پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني.

”اوهون، اهي قبضا ڪونہ هلندا، هاڻي اسين مالڪ آهيون، ڪيئن ڇينا؟“ وڏي ياءُ نندي کي هُشي ڏني.

”منهنجي ٻچڙيءَ جو هنيانءُ جو تا ڪيو.“ ماءُ ٻارن کي دڙڪا ڏيندي ڌيءَ جو پاسو ڪنيو.

”امان ڏس نہ، اجا بہ پيا ستائين.“

”نہ ڌيءَ توسان پوڳ تا ڪن، ڪير بہ تنهنجي شيءِ کي هٿ نہ لائيندو تون ڪوبہ خيال نہ ڪر.“

ڪيس وري اطمينان ٿيو، پلا مذاق تہ ڪونہ هئي جو پنهنجي سالن جي ساهہ سان سانديل نندڙي دنيا ٻارن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ اهو بہ جيئري! مگر ڪاش هن کي ڪنهن شيءِ سان بہ محبت نہ هجي ها! هن سوچيو، نہ گهر سان نہ ماءُ پيءُ سان، نہ ياءُ ڀيڻ سان... نہ تہ انهن سيني کي ڇڏي وڃڻ جو هن کي بلڪل ڏک نہ ٿئي ها. هوءَ پنهنجي نئين منزل ڏانهن، اکين ۾ انهن جي ياد جا لڙڪ پرڻ ڪان سواءِ ئي رخصت ٿي وڃي ها.

اڄ مٿس الوداعي نظرون پئجي رهيون هيون، هن جي زندگيءَ جو هڪ دؤر ختم ٿي رهيو هو... هن تي گهبراهٽ طاري ٿيڻ لڳي... هن جو ذهن ڄڻ تہ مائوف ٿي ويو ۽ پوءِ اها شام بہ اچي وئي جنهن ۾ هن کي چادر ۾ لڪايو ويو... الائجي چادر ۾ ڪهڙو اثر هو، جنهن جي پوڻ سان هو خاموش ٿي وئي هئي... هوءَ ڪجھ نہ سوچي رهي هئي... ڪجھ نہ ڳالهائي رهي هئي، هن جون سڀ قوتون ڄڻ ختم ٿي ويون

KARACHIEDU.COM

هيون. هن پنهنجو جهڪيل سر ٿورو مٿي ڪنيو... اوچتو هن جي نظر سامهون وئي... اُف! اها ڪهڙي ناقابل فراموش گهڙي هئي...!

هن ڏٺو، هن جو ننڍو پاءُ بند ٿيل دروازي جي شفاف شيشي مان معصوميت سان ڏسي رهيو هو... سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ چهري تي مرڪ! مگر اهڙي مرڪ جنهن ۾ لڙڪن کان به گهڻو درد هو... تمام گهڻو درد هو...!

هن جي دل تي زور سان ڌڪ لڳو، ڳلي ۾ جهڙا وڏ پوڻ لڳس ۽ هن هڪ وڏي اوچنگار سان پنهنجو سِر وري جُهڪائي ڇڏيو!

('چانديءَ جون تارون' تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1 هن ڪهاڻيءَ جي عنوان 'موڪلاڻي' مان ڇا مراد آهي؟
2 ڪهاڻيءَ ۾ جوڪري سيٺي جي ڌيان جو مرڪز ڇو هئي؟
3 ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟
4 ڪهاڻي پڙهي اوهان جي ذهن ۾ جيڪو تاثر اُڀري ٿو، ان کي بيان ڪريو؟
5 ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال لکو، ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙو اهم نُڪتو بيان ڪيوويو آهي؟
6 ڪهاڻيءَ کي پڙهي، انهن جي ڪردارن جي سامهون انهن جون گهٽ ۾ گهٽ ٽي خوبيون ۽ خاميون لکو:

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پوڳ  الوداعي  نمايان  رخصت  تمتار  بظاهر  چاهت  شفاف  مسرت

### (ج) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 ماهتاب محبوب جي ڪهڙي ڪتاب کي پاڪستان رائٽرز گلڊ طرفان ايوارڊ مليو.

(1) سُرهي سُرهي سار  (2) مِٺي مراد
(3) تو جنين جي تات  (4) چانديءَ جون تارون



KARACHIEDU.COM

2 ماھتاب محبوب جو جنم ٿيو:

(1) 14 جولاءِ 1948ع تي
(2) 14 جولاءِ 1949ع تي
(3) 14 جولاءِ 1950ع تي
(4) 14 جولاءِ 1951ع تي

3 ماھتاب محبوب جائي.

(1) لاڙڪاڻي ۾
(2) ڪراچيءَ ۾
(3) حيدرآباد ۾
(4) چام شوري ۾

(د) ’جو بئي لاءِ ڪڏ ڪٽندو، سو پاڻ ڪڏ ۾ ڪِرندو:‘ ھتي ’سو‘ لفظ جو لاڳاپو ’جو‘ لفظ سان آھي. يعني ان جي جواب ۾ ڪم آيو آھي. ان ڪري انھيءَ کي ’ضمير جواب موصول‘ چئبو آھي. توھين اھڙا ڪجھ ٻيا مثال ڏيو.

سرگرمي:

اوھان مختلف رسالن ۽ ڪتابن مان جيڪي ڪھاڻيون پڙھيون آھن، انھن مان پنھنجي پسند جي ڪنھن ھڪ عنوان تي ڪھاڻي لکو ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

استاد لاءِ ھدايت:

استاد شاگردن کي ڪھاڻيءَ جي مختلف نمونن کان آگاھ ڪري ۽ ڪھاڻي لکڻ ۾ انھن جي رھنمائي ڪري.

KARACHIEDU.COM

# جمال ابڙو



ولادت: 1924ع                وفات: 2004ع

KARACHIEDU.COM

جمال الدين ولد علي خان ابڙو 2 مئي 1924ع تي ڳوٺ سانگي، تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس والد علي خان ابڙو ناميارو عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر هو. جمال ابڙي قانون جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ وڪالت شروع ڪئي ۽ بعد ۾ جج مقرر ٿيو. هن جيتوڻيڪ ٿوريون ڪهاڻيون لکيون، پر اهي سنڌي ادب جون شاهڪار ڪهاڻيون ليکجن ٿيون. سندس شمار سنڌي ادب جي انهن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جدت بخشي. سندس بهترين ڪهاڻين جو مجموعو ’پشو پاشا‘ تمام گهڻو مشهور ٿيو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا ترجما اردو، انگريزي، جرمن ۽ ٻين ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. سندس آتم ڪٿا جا پنج جلد ڇپيل آهن. هن خوبصورت ٻوليءَ ۽ وڻندڙ انداز وسيلي سماجي نابرابري ۽ ظلم خلاف ڪهاڻيون لکيون. جمال ابڙو 30 جون 2004ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه ڪراچيءَ جي ڳِزري قبرستان ۾ آهي.

مريض ڪُنڊ ۾ ڏنو پيو هو. اٽيي ڏاڙهي، اٽيا وار، اکيون پينل، وحشت پريل منهن جي روءِ ڏونهاٽيل. جڻ ته حياتيءَ هٿ پير هٽي ڏنگ ڪيو هو. موت جي هڏائين پڃري جا ٽڏا چنبا جڻ ته وڏندا، وڏا ٿيندا، هن جي ڪمزور جسم کي وڪوڙيندا، نپوڙيندا ٿي ويا... سندس ننڍڙو پٽ ريڙهيون پائيندو، سڌو اچي ٿي نڪ ڪان جهليائينس. ماڻس ڪٽي ٿي پري ڪيس.

ڊاڪٽر سندس پيٽ کي لُٺاڙيندي چيو، ”ڇا ٿيو آهي؟“

”ڏهون ڏينهن ٿيو آ، هنيانءَ ۾ چڪ...“ چپ چباڙيندي، مُنُ پڪوڙيندي، انتهائي ايذاءُ جو اظهار ڪندي، مريض چيو، ”اهڙي ڪا دوا ڏي، هنيانءُ ٺري پوي!“

”سُئي هڻان، سُئي هڻان؟“ ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو، ”چار رپيا لڳندا.“

بيمار ۽ سندس زال وري هڪ ٻئي کي ڏٺو. ٻئي چپ رهيا. ڊاڪٽر کي جواب ملي ويو.

نسخو لکڻ شروع ڪيائين. عينڪ جي مٿان نهاريندي پڇيائين، ”گهڻن ڏينهن جي دوا کپي، ستن ڏينهن جي ڪيان؟“ ڊاڪٽر گگهي واري ننڍڙي کيسي جي ٻاڙائي چڱيءَ طرح تاڙي ويو هو.

”چئن ڏينهن جي ڪرينس!“ مريض پاڻ چيو. ڊاڪٽر نسخي تي ڪجهه تِرڪيو ۽ ڪمپائونڊر ڏانهن اُماٽيائين.

مائيءَ دوا ورتي، پيسا ڳڻي، وري ڳڻيائين. ڪليل هٿ ڪٽي ڪمپائونڊر ڏانهن ڪيائين. ذري گهٽ هڙئي پيسا ميڙي ويس. مائيءَ جي منهن تي اعتراض، پوءِ منٿ ۽ آخر ۾ روئڻ جهڙا اهڃاڻ اچي ويا. سُئي نه لڳي ته به...

”ڊاڪٽر، کائي ڇا؟“

”کير، ڪشمش، نارنگيءَ جو رس.“

مائي ويچاري چپ ٿي ويئي، ”ڊاڪٽر پَت ڪائي!“

ڊاڪٽر ٻاهر ٿي ويو، ”جيڪي وٽيس سو کائي. توهان نه مڙنڊؤ مري ته مري پر پَت ضرور ڪائو!“

مائيءَ مڙس کي ٽيڪ ڏني؛ سَهڪندو، ڪِنجهندو وڃي پلال تي ڪِريو. سئي کانه لڳي، ۽ ڪائڻ لاءِ ڪنگڻيءَ جا داڻا پاٽيءَ ۾ ٽِچڪندا نظر آيا.

KARACHIEDU.COM

گاڏي ڇيڪٽ ڪندي رواني ٿي. مني ۽ سوڊا ۽ نارنگي ۽ جي رس ڪان پري. مائي ۽ جو سرتاج، ابهم جو پيءُ، هن ننڍڙي نظام شمسي ۽ جو مرڪز، اونده ۾ غائب ٿيندو ويو.

ڊاڪٽر مون سان گڏجي هليو. ننڍڙي ۽ کي تپاسيائين، آڌ - مُنو ڪلاڪ ويٺو. سُئي هنيائين، دوائون ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو.

مان ساڻس گڏجي ٽانگي تائين آيس، ڏهين رپين جو نوٽ ڪڍي هٿ ۾ ڏنومانس. ڪِلي واپس ڪيائين، "واهه صاحب، مان اهڙو بدتميز آهيان!"

ٽانگو روانو ٿي ويو. ڦيٿا ڦِرندا ويا، سنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي کڙکڙ ۽ بيل گاڏي ۽ جا چيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا.... "بدتميز..... بدتميز... بدتميز......"

(پِشُوپاشا' تان ورتل')

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. هن ڪهاڻي ۽ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟
2. ڊاڪٽر جو مريض سان روَيو ڪهڙو هو؟
3. 'اٽيا وار' ۽ 'اڪيون پينل' مان ڇا مراد آهي؟
4. هن ڪهاڻي ۽ مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
5. جمال ابڙي جي هن ڪهاڻي ۽ ۾ ڪهڙا ڪهڙا سماجي مسئلا بيان ڪيل آهن؟
6. اسان کي مريض سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟
7. هن ڪهاڻي ۽ جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

اڏڙوت سخاوت پِڪوڙڻ اُڪلايو نُسخو ڪِنجهندو بدتميز ڪنگٽي



KARACHIDU.COM

## (ج) هينين اصطلاحن جي سمجهاڻي لکو:

* هٿ پير هڻڻ
* منيون پکوڙڻ
* نرڙ ۾ گهنج پوڻ
* هِنياںَ ۾ چڪ پوڻ

## (د) هينين حوالن جي سمجهاڻي ڏيو:

* ”اهڙي کا دوا ڏي، هنيانءُ نري پوي.“
* ”جيڪي وٽيس سو کائي، توهان نہ مڙندؤ، مري تہ مري پر پت ضرور کائو.“

## (هہ) ’اسان جا رَوَيا کهڙا هئڻ گهرجن‘ جي موضوع تي پنج کان ڇهہ منٽ جي تقرير ڪريو.

### سرگرمي:

جيڪڏهن توهان ڊاڪٽر هجو ها تہ مريض سان کهڙو ورتاءُ ڪريو ها؟

KARACHIEDU

# سورٺ ۽ راءِ ڏياچ

**سکيا جي حاصلات**

تحريري جي حاصل مطلب، لفظي، فکري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. اشارن، تصويرن وغيره جي مدد سان ڪهاڻي لکي سگهي. لوڪ ادب جي اهميت بابت ڄاڻي سگهي. ٻٽي معنيٰ وارن لفظن کي ڪتب آڻي سگهي ۽ انهن کي عبارت مان چونڊي ڌار ڪري سگهي. اصطلاحن جي معنيٰ ڄاڻي ۽ لکي سگهي. پنهنجي گفتگو ۾ ظاهري (مجازي) مفهوم کي آڏو رکي ڊرامائي ڪيفيتون ادا ڪري سگهي. اخبار تان معلومات حاصل ڪري، موجوده حالتن، معاشي ۽ سياسي مسئلن تي پنهنجو نقطهٔ نظر لکي ۽ پيش ڪري سگهي.

ڪنهن سمي راءِ ڏياچ نالي هڪڙو راجا جهونا ڳڙهه تي راڄ ڪندو هو. ڪيس هڪ ڀيڻ هئي، جيڪا اولاد لاءِ سڪايل هئي. هڪ لڳا ڪنهن فقير دعا ڪيس ته ”پٽڙو سو ملندئي پر اهو ياڻهين جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪندو.“ اهو ٻڌي راجڪماريءَ کان رڙ نڪري وئي.”اهڙو پٽ ئي گهوريو!“ پر،’جو لکيو منجهه نراڙ سو قلم ڪياڙيءَ نه وهي‘ وانگر،لکيو ڪين ٽريو! راجڪماريءَ کي پٽ ڄائو. راجڪماريءَ کي فقير جي ڳالهه ياد هئي، سو هن ٻار کي صندوق ۾ بند ڪري درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. اها ڀيتي لڙهندي اچي راجا انيراءِ جي ملڪ مان نڪتي. هڪڙو چارڻ ۽ ان جي زال درياءَ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ آيا هئا. انهن جي نظر وچي صندوق تي پئي. صندوق پاڻيءَ مان ڪڍي جان ڪڻي ڏسن، ته اُن ۾ هڪ ملوڪ ٻار پيو آهي.

چارڻ ۽ ان جي زال ٻار کي گهر کڻي آيا ۽ ڪيس پُٽ ڪري پاليائون. سندس نالو ٻيجل رکيائون. ٻيجل اڃ ننڍو، سيان وڏو، تان جو اچي جوان ٿيو ۽ جهنگ ۾ مائٽن جا ڳڏهه ۽ گهوڙا چارڻ لڳو. جهنگ ۾ ڪنهن شڪاريءَ هرڻ جو شڪار ڪري، ان جا آنڊا ڪڍي ڪرڙ تي ڦٽا ڪيا هئا. جڏهن ڏکڻ جو واءُ گهلندو هو، تڏهن انهن آنڊن مان اهڙو ته سُريلو ۽ من موهيندڙ آواز ايندو هو، جو اُن تي پکي پکڻ ۽ جانور به موهت ٿي اچي مِڙندا هئا. هڪڙي ڏينهن ٻيجل جي ڪنن تائين به اهو آواز پهتو. نيٺ هن اها پرولي سَلي ورتي، اهو آواز انهن آنڊن مان ئي اچي ٿو. ٻيجل اهي آنڊا پنهنجي چنگ (سُرندي) تي چاڙهي،گز سان وينو وڄائڻ، ته پکي پکڻ ۽

KARACHIEDU.CO

جانور سڀ مست ٿي موهجي ويا. پوءِ ته سندس سُرندي جي هاڪ هنڌين ماڳين پکڙجي ويئي.

جڏهن ٻيجل ڄائو هو، تڏهن راجا انيراءِ کي به هڪ ڌيءَ ڄائي هئي. ڪيس اڳيئي گهٽيون ڏيئرون هيون، سو هن ڀيري به جڏهن ڌيءَ ڄايس، ته ان کي صندوق ۾ وجهي، درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائين. اُها صندوق لڙهندي اچي راءِ ڏياچ جي ڏيهه ڪان نڪتي، جيڪا رتني ڪنيار کي هٿ آئي. رتنو به هو اولاد لاءِ سڪايل سو ههڙو ملوڪ ٻار ڏسي ڏاڍو سَرهو ٿيو. هن کي پنهنجي گهر کڻي آيو. ۽ چوڄ سان پاليائينس ۽ نالو رکيائينس سورٺ. جڏهن سورٺ ساماڻي، تڏهن سندس سُونهن جي سُرهاڻ هنڌين ماڳين پکڙجي ويئي. انيراءِ کي به سورٺ جي سُونهن جي سُڌ پئجي وئي. تنهن رتني ڪنيار کان سورٺ جو سَڱُ گهريو ۽ هن وڏي خوشيءَ سان سڱ ڏيڻ قبوليو. رتنو مقرر ڏينهن تي دهلن دمامن سان جڃ سنيرائي جڏهن شهر مان نڪتو. تڏهن راءِ ڏياچ کي خبر پئجي وئي، ته سندس ئي ملڪ جي هڪ اپسرا پاڙيسري بادشاهه سان پرڻجڻ پئي وڃي. پوءِ ته سورٺ کي کڻائي پنهنجي محل ۾ آيو ۽ اُن سان وهانءُ ڪيائين.

اها خبر جڏهن انيراءَ تائين پهتي ته هو وڏو لشڪر سنيرائي جهونا ڳڙهه تي ڪاهي آيو. ٻارهن مهينا جهونا ڳڙهه کي گهيرو ڪري ويٺو رهيو. هٿ حاصل ڪجهه ڪين ٿيس. هٿين خالي موٽي پنهنجي ماڳ پهتو ۽ ويڙهه وڻ جي ٻاهه ۾ ويتر پڄرڻ لڳو. پوءِ ته رتن ٽڪن جو ٿالهه پري سڄي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريائين ته ” جيڪو راءِ ڏياچ جي سِسِي وڍي ايندو، تنهن کي رتن ٽڪن جو هي ٿالهه ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه گهرندو سو ملندو.“ٻيجل جي زال هئي لوڀي، تنهن اهو ٿالهه وٺي رکيو ۽ چيائين ته ”منهنجو مڙس راجا جي منشا پوري ڪندو“ ٻيجل جڏهن گهر موٽيو تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو، پر هاڻي ڇا ٿي ٿِي سگهيو! هن جي زال ته وچن ڏئي چڪي هئي. هاڻي جي وچن نٿو پاڙي ته راجا سندن ’جڻ ٻچو تو رُلائي!‘ سو ٻي ڪا به واهه نه ڏسي، ٻيجل سُرندو سينگاري، جهونا ڳڙهه روانو ٿيو.

جهونا ڳڙهه پهچي، ٻيجل رنگ رتول ٻاهران ويهي تند تنوارڻ لڳو. هن جي سرندي جي سُرن جي سرهاڻ چوڌاري پکڙجي ويئي. راءِ ڏياچ تائين اها به تند تنوار پهتي. هن رنگ رتول جي دري کولي مڱڻي کان پڇيو” مڱڻهار! گهر

جيڪي گهرٽو هجئي!“ ٻيجل وراڻيو ته ”راجا! مون کي تو سان ڳجهه ڳرهٽو آهي.“ راجا جي حڪم تي راڳيءَ کي چوڏول ۾ چاڙهي رنگ رتول ۾ آندو ويو. اتي ٻيجل وري به اهڙو ته چنگ چوريو ۽ سازَ مان اهڙا ته سوز پريا سر پلٽيا، جو راجا جو روح ريجهي پيو. راءِ ڏياچ مڱتي تي ماڻڪن جو مينهن وسائي ڇڏيو. پر ڏياچ جي ڏنل ڏاڻ تي ٻيجل جي اک ئي نه ٻڌي! راجا، راڳيءَ جي اهڙي روش تي اچرج ۾ پئجي ويو. ٻيجل جي تند بند ئي نه ٿئي! سُرندي جي سُرن راجا کي اهڙو ته سرور بخشيو، جو ٻيجل کي چيائين ” گُهر جيڪي گهرٽو هجئي!“ ان تي ٻيجل ٻولايو ته ” مال متاع جي مون وٽ ڪا به ڪمي ڪانهي، تنهنجي سِر جو گهورو آهيان، اهو ملي ته هن مڱتي کي ڪو مانُ ملي!“ ٻيجل جي اهڙيءَ گُهرَ تي راءِ ڏياچ کي ڏاڍي حيرت ٿي. هن ٻيجل کي گهٽو ئي سمجهايو ته هن مٽي جو مُلهه ئي ڪهڙو آهي؟ توکي اهڙا ته دهرا دانَ ڏيندس، جو تنهنجون ست پيڙهيون ڪائينديون، تڏهن به نه کٽندا! پر هو ته سر جو ئي سيڪڙُو هو ، سو ڪنهن به ڳالهه تي ڪونه ريجهيو. راءِ ڏياچ مڱتي کي مانُ ڏنو ۽ ڪناري سان ڪنڌ ڪَپي ڪٽي ٻيجل آڏو اچلايائين:

وَڍِ سِرُ تي سَرهو، مَ ڪي آڱَرَ ڪي ڳاءِ.
جاچِڪ! تو مٿاءِ، مُلڪ مِڙوئي گهوريان.

ٻيجل ، راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي انيراءِ ڏانهن اسهيو. انهيءَ حادثي جو هُل هنڌين ماڳين هُلي ويو. اها ڳالهه انيراءَ تائين به پهچي چڪي هئي. ٻيجل، راءِ ڏياچ جو سِرُ ڪٽي جڏهن انيراءِ وٽ پهتو، تڏهن هن پريان ئي هڪل ڪئي.”هيڏي وڏي سخي سردار جو سِرُ لٽي آيو آهين، سو اسان جو وري ڪهڙو سجڻ ٿيندين! هاٽي ڏيهه نيڪالي اٿئي. جيڏانهن جو آهين تيڏانهن هليو وڃ!“ ٻيجل جا ته ڇهه ئي ڇجي پيا ۽ پڻ ورِيڪ جا وڍ پوڻ لڳس. پوءِ چرين وانگر جهونا ڳڙهه ڏي ڊوڙندو ويو. جڏهن شهر جي ويجهو پهتو، تڏهن ڏٺائين ته باهه جا آڙاهه پيا ٻرن ۽ سورٺ ڏاگهه تي چڙهي رهي هئي. پاڻ به ڏوڪيندو اُنهي آڙاهه ۾ ڪاهي پيو ۽ سڙي پسم ٿي ويو.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. راجڪماريءَ کي فقير ڇا چيو؟
2. راجڪماريءَ جنهن صندوق ۾ وجهي ٻار کي لوڙهيو هو، اها صندوق ڪنهن کي هٿ آئي؟
3. انيراءِ جهونا ڳڙهه تي ڇو ڪاهي آيو؟
4. راءِ ڏياچ جو روح ڇا تي ريجهي پيو؟
5. بيجل، راءِ ڏياچ کان ڪهڙي گهُر ڪئي؟
6. بيجل، راءِ ڏياچ جو سِر ڪٽي جڏهن انيراءِ وٽ پهتو، تڏهن هن ڇا چيس؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

لڱا ملوڪ پرولي سرهو سمي چوڄ سُڌ اپسرا وهاڻ پڄرڻ

منشا وچن رنگ رتول ورهيه پسڻ

### (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو:

* پرولي سلڻ * چنگ چورڻ * هٿ حاصل نہ ٿيڻ
* ڇهه ڇڄڻ * تند تنوارڻ * ماڻڪن مينهن وسڻ

### (د) هيٺين لفظن ضد جا لکو:

راجا ڏيهه سَرهو مانُ پاڻي سڄڻ

### (هه) هن سبق مان مرڪب لفظ چونڊي لکو: جيئن 'مال متاع'.

### (و)

هر ٻوليءَ ۾ اهڙا ساڳيا لفظ هوندا آهن، جن جون استعمال جي لحاظ کان مختلف معنائون بيهنديون آهن، جيئن:

- آرسي = 'سست- ڪاهل' ۽ 'درسني - آئينو'
- ڦُٽي = 'مکڻ جو ذرو' ۽ 'ونئڻ يا ڪپهه جو پُوٽو'.

اوهين ڪي بہ اهڙا ٻِٽي معنيٰ وارا بہ لفظ لکي ڏيکاريو:



KARACHIEDU.COM

(ز) ’ظرف‘ اهو لفظ آهي، جو فعل يا صفت يا ٻئي ظرف سان تو لڳي، ظرف وقت يا هنڌ يا دستور يا انداز يا انڪار تو ڏيکاري، جڏهن ظرف وقت تو ڏيکاري تڏهن انهيءَ کي ظرف زمان تا چون، جيئن اڄ سڀاڻي، هاڻي، پوءِ، هميشه ۽ جڏهن هنڌ تو ڏيکاري تڏهن ان کي ظرف مڪان تو چئجي، جيئن تہ هُتي، هِتي، هيٺ، مٿي،اڳيان پٺيان.

توهين ’ظرف زمان‘ ۽ ’ظرف مڪان‘ ۾ ڇاڻايل لفظ پنهنجن جملن ۾ ڪتب آڻي ڏيکاريو.

## ياد رکو تہ :

لوڪ ادب مان مراد آهي ’عام ماڻهن جو ادب‘ جنهن ۾ نثر توڙي نظم شامل هوندو آهي. لوڪ ادب ۾ لوڪ ڪهاڻيون، آکاڻيون، پروليون، ڳجهارتون، هنر،ڏور، مولود، مداح، ڳيچ وغيره جهڙيون صنفون اچي وڃن ٿيون. سنڌي لوڪ ادب سنڌ جي ثقافت ۽ ڏاهپ جو آئينو آهي.

## سرگرمي:

- شاگردَ اخبارن جو مطالعو ڪن ۽ ڪنهن ڪالم تي پنهنجي راءِ لکن.

## استاد لاءِ هدايت:

لوڪ ڪهاڻي، ڊرامائي انداز ۾ ٻارن کي ٻڌائي وڃي.

# آغا سليم



وفات: 2016ع

ولادت: 1935ع

آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. آغا سليم ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، ناول نگار، شاعر ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پارکو هو. هن جا لکيل ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘، ’همه اوست‘ ۽ ’اڻ پورو انسان‘ گهڻا مشهور آهن.

آغا سليم جي شعري مجموعي جو نالو ’پن ڇڻ ۽ چنڊ‘ آهي، ’چنڊ جا تمنائي‘ سندس ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. پاڻ ڪامياب اسٽيج ناٽڪ لکيا اٿس، جيئن ’گل چنو گرنار جو‘ وغيره.

آغا سليم، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت لکڻ کان سواءِ شاهه جي رسالي جو اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو. هن 12 اپريل 2016ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر شاهه عبد اللطيفؒ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ تمر فقير جي مزار جي سامهون آهي.

KARACHIEDU.COM

# اونداهي ڌرتي روشن هٿ

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنھن بہ فنپاري جي ادبي مرتبي جو تعين ڪري سگھي.
- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهہ ٿي سگھي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگھي.
- سوالن جا جواب ڏئي سگھي.
- نون لفظن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻي سگھي.
- عبارت ۾ تشبيھ وارن لفظن کي سڃاڻي سگھي.
- ناول جي باري ۾ ڄاڻي سگھي.
- لائبريريءَ جو استعمال ڪري سگھي.

سنڌ ۾ هن کي ريزيڊينسي ۾ رکيو ويو هو. هن سفر جي تياري ڪئي، سنڌ جي باري ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو پراڻو ريڪارڊ ۽ انگريز سياحن جا لکيل سفرناما پڙهيائين ۽ هڪڙي ڏينهن وري سمنڊ جهاڳيندو، هُو سنڌ روانو ٿي ويو ۽ ڪراچيءَ پهتو. منهوڙي ۾ ميرن جو قلعو هو. مهاڻن جا ڪارا ڪارا ۽ پنن اُگهاڙا ٻار لُڏڻ جيان پاڻيءَ ۾ ترڳي رهيا هئا ۽ اڇرج وچان هنن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي گورنر هنن جو آڌرڀاءُ ڪيو. ڪپرتي هو پالڪيءَ ۾ چڙهيو. پالڪيءَ کي انن حمالن کنيو. پالڪي ڪِرمچي رنگ جي بخمل جي نهيل هئي ۽ ٻاهران نهايت قيمتي جهالر ۽ جُهوبا لڳل هئس. گورنر هن کي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ زور ڀريو، پر هن رام باغ وٽ ڪئمپ هنئي. شام جو ڪراچيءَ جو مشهور سيٺ ناؤنمل، مصريءَ جا ٿالهہ ڀرائي هن جي آڌرڀاءُ لاءِ آيو. مِرڪندڙ تارا، عيار مرڪ. جيترو دير وينو، انگريزن جي تعريف ڪندو رهيو. وڏا ڪشادا ميدان، سمنڊ جون ڪِھميل ۽ ٿڌيون هوائون. رات جو بستري تي ليٽيو تہ ننڊ ڪٽي ويس. ٻئي ڏينهن صبح جو هو ڪراچيءَ جو شهر گهمڻ لاءِ نڪتو. هر طرف ويراني، تمر ۽ ٿوهر کان سواءِ نہ وڻ نہ ٽڻ. چاليهن ايڪڙن جي ايراضيءَ تي هڪڙو ڪچو قلعو هو، جنهن جي چئني بُرجن تي توبون رکيل هيون. قلعي کي بہ دروازا هئا. هڪڙو دروازو لياري نديءَ ڏانهن کُلندو هو ۽ ٻيو سمنڊ ڏانهن. لياري واري دروازي کي منو در ۽ سمنڊ واري دروازي کي کارو در سڏيو ويندو هو. لياريءَ جي پيٽ ۾ کوهہ هئا، جتان ماڇهو پاڻي ڀريندا هئا. انهن کوهن وٽ هن هندو عورتون ڏٺيون، جيڪي ململ جي پوتين جا گهونگهٽ ڪڍي پاڻي ڀري رهيون هيون. ململ جي گهونگهٽ ۾ هنن جا جرڪندڙ چهرا جهڙا هلڪي هلڪي جُهڙ ۾ چنڊ! پيشانيءَ تي تلڪ، ڄڻ ڏياٽيون تي ٻريون! شام جو هو منگهو پير گهمڻ ويو.

KARACHIEDU.COM

پاسي ڪان گهاٽو ٻيلو. ٽڪر تي مجاور جي جهوپڙي ۽ سنهڙو ڏگهو مجاور، جيڪو هن کي تلاش ۾ رهندڙ واڳون ڏيکاري رهيو هو. اُتي ئي هن هنگلاج جا نانگا ڏٺا. ڪهڙو نه عجيب ديس آهي!

ٻئي ڏينهن هو گهوڙي تي حيدرآباد روانو ٿيو. جمعدار جي لانڊي، پيري، گهاري ۽ گُجي ۾ منزلون ڪندو هو ٺٽي پهتو. ٺٽي ۾ هو ڪمپنيءَ جي اڳوڻي نمائندي جي جاءِ ۾ رهيو، جنهن کي مقامي ماڻهو 'انگريزن جي ماڙي' سڏيندا هئا. شاهجهاني مسجد ۽ مڪليءَ جا مقبرا ڏسي حيران ٿي ويو. سوچيائين: شايد هي ملڪ به ڪنهن زماني ۾ ڏاڍو تهذيب يافته هوندو. شايد اهو شهر ئي اهو پٽيالا بندر هو، جتان سڪندر اعظم جو اميرالبحر نيرڪوس فنيقي، مصري ۽ يوناني ملاحن سان ٻيڙين تي چڙهيو هو. دراعظم جي يوناني اميرالبحر 'سائيڪلاس' سنڌوءَ مان ٻيڙا ڪاهي شايد هن شهر جي ماڻهن ڪان ڏن اوڳاڙيو هو. عظيم يوناني تاريخ نويس 'هيروڊوٽس' هن ملڪ جي تاريخ لکي هئي. پرتگالين هن شهر کي لٽيو هو ۽ هنن کي هن شهر مان ايترو ته لُٽ جو مال مليو هو، جيڪو ڪين ايشيا جي ڪنهن ملڪ مان نه مليو هو. هن شهر جي ويجهو 'لاهري بندر' هو، جتي 1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نمائندي 'فريم لين جو جهاز' لهرن ۽ ونجهن جي مدد سان پهتو هو. هتان جي واپاري مال جي باري ۾ ان ساڳي فريم لين لکيو هو ته ٻاهرين ملڪن ۾ جيتري سنڌ جي سامان جي گهر آهي، اوتري هندستان جي ڪنهن به حصي جي سامان جي گُهر ڪانهي. جيڪو سامان هتي نهي ٿو، اهڙو هندستان ۾ ڪٿي به نٿو نهي. هتان جو چمڙي جو سامان دنيا ۾ مشهور هو. ڪپڙي اُڻڻ وارن جا ٽي هزار گهراڻا آباد هئا. چار سؤ مدرسا هئا. لاهري بندر تي پرتگالي ۽ انگريزي جهاز بيٺا هئا، جيڪي چمڙي جو سامان، سوٽي ڪپڙو، نير، قلمي شورو، چوپايو مال ۽ ٻيو واپاري سامان ڏورانهن ملڪن ڏانهن نيندا هئا. اهي سڀ جهاز ڪهڙن سمنڊن ۾ غرق ٿي ويا. هن شهر جي عظمت کي ڪنهن لٽيو. ٺٽي ۾ هن هڪڙي گمنام ڪئپٽن "ڪُڪ" جي قبر ڏٺي، جنهن جي باري ۾ ڪنهن کي خبر ڪا نه هئي ته ڪير هو ۽ هتي ڪيئن دفن ٿيو. شايد هو به ائين ئي هتي مرندو ۽ هن جي به هتي گمنام قبر نهندي.... هي مان ڪهڙيون ڳالهيون پيو سوچان. شايد گرميءَ جو اثر آهي. الاءِ ڪيڏي نه گرمي آهي. هن رومال ڪڍي مُنهن

KARACHIEDU.COM

تان پگهر اُگهيو ۽ سندس نوڪر پڪو تڪو هلائڻ لڳو. ٻئي ڏينهن هو ٻيڙين رستي حيدرآباد پهتو.

حيدرآباد جو شهر چڱو آباد شهر هو. شهر جون جايون گهڻو ڪري سڀ ڪچيون هيون، رڳو مسجدون ۽ مقبرا پڪا هئا. جاين جي ڇتن تي منگهه هئا. ريزيڊينسي جي عمارت شهر ڪان چار پنج ميل پري درياهه کان ٿوري فاصلي تي هئي. اوير ۾ حيدرآباد تائين ۽ اولهه ۾ درياهه تائين واڪا ميدان. پويان وڏن وڏن گهاٽن وڻن جو باغ، وڏو احاطو، جنهن ۾ پالتو هرڻ ۽ ننڍي قد جا سانبر هئا. ريزيڊينسي جي عمارت چڱي نهيل هئي. هن اچڻ سان ڪتابن جي پيتي کولي، ڊائري لکيائين ۽ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيائين.

هينئر هو درياهه جي ڪپ تي اچي بيٺو هو. هن جي پيرن ۾ سِنڌُو وهي رهيو هو. ٿورو پريرو، ڪناري سان ٻيڙيون بيٺيون هيون. ڪنهن ڪنهن ٻيڙيءَ ۾ ڏيئو ٽمڪي رهيو هو. درياهه جي پرينءَ پر ڪجين جا وڻ هئا. چانڊاڻ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي جهڙو پگهريل سون. سنڌو هن کي هميشه پراسرار درياهه لڳندو هو. پورالي ندي. پُور پويس ته ويرانيون آباد ڪري ۽ پُور پويس ته آباديون ويران ڪري. سرمست ۽ شهزور! آرين جڏهن پهرين پهرين سنڌوءَ کي ڏٺو، ته حيران ٿي ويا. سڪندر دجلا ۽ فرات ڏٺا هئا، پر سنڌو ڏسي هو به ضرور حيران ٿيو هوندو. شايد کو پنهنجي مارگريٽ جي محبت جو ماريل آريه رشي، چانڊوڪيءَ ۾ هن وانگر سنڌوءَ جي ڪپر تي اچي بيٺو هوندو ۽ هن جيان ئي سنڌوءَ ۾ وهندڙ پگهريل چانڊوڪيءَ جي سونهن جي جادوءَ ۾ جڪڙجي، سنڌوءَ جي عظمت جو گيت لکيو هوندائين. هن ڪيترن هندن کي ڏٺو هو، جيڪي سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي جل ديوتا ڪري پوڄيندا هئا ۽ مسلمان سنڌوءَ کي درياهه شاهه ولي ڪري سڏيندا هئا. هن جو يورپي ذهن اهڙن وهمن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، پر ڪڏهن ڪڏهن سنڌوءَ کي ڏسي هو به سوچيندو هو، ته شايد هندو ۽ مسلمان ٻئي صحيح آهن.

شروع شروع ۾ فلپ جڏهن سنڌ ۾ آيو هو، ته سنڌ هن کي صفا ڪانه وڻي هئي. سنڌ کي ڏسي ڪيس ويرانيءَ جو احساس ٿيو هو. ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جا اُگهاڙا ڪنارا، وارياسا ميدان ۽ ڊڙا، ڪراچيءَ کان وني ٺٽي تائين پٽريلا پٽ. ڪٿي ڪٿي ٻڪرين جا ڌڻ چري رهيا هئا، ڪنهن ٽڪريءَ تي ڪکاوان گهر هئا، نه ته هر طرف

KARACHIEDU.COM

ويراني ئي ويراني هئي. هن سوچيو هو، ته هن ديس جي ڌرتي پنهنجن ٻچڙن تي ڪيتري نه نامهربان آهي. نه سندس سيني تي وڻ آهن، جيڪي اُس ۾ سڙي چانوَ ڏين، پتر ڪائي ميوا ڏين ۽ نه ئي سندس ڪُڪ ۾ گل ۽ سنگ آهن. پر پوءِ آهستي آهستي سنڌ هن تي پنهنجي سونهن ظاهر ڪئي. هينئر هن کي سنڌ جي تصور سان 'ٽينيسن' جو هڪڙو نظم 'لوٽس ايٽرس' ياد ايندو هو. 'يوليسيئن' جڏهن 'ٽراءِ' جي جنگ تان موٽيو، ته سمنڊ جهاڳيندو، طوفانن سان ٽڪرائيندو، لهرين سان لڙندو، ٿڪجي، ٽٽجي، ساڻو ٿي هڪڙي اهڙي ٻيٽ ۾ اچي پهتو، جتان جي رهواسين جهول ۾ ڪنول جا گُل آڻي سندس ساٿين کي آڇيا. ڪنول جا اهي گل کائڻ کان پوءِ، سندس ساٿين جو سارو ٿڪ لهي ويو ۽ ننڊ جا اهڙا ڪيپ چڙهين، جو جنگين ۽ طوفانن کي وساري، ان ٻيٽ جي ماڪَ پنل گاهه تي ليٽي، ڪنولن جهڙا ڪومل خواب ڏسڻ لڳا...... سنڌ به ڪنولن جو ديس آهي ۽ مان زندگيءَ جي طوفانن سان ٽڪرائيندو هتي اچي پهتو آهيان ۽ هتان جي ماڻهن جهولين ۾ محبت جا ڪنول آڻي مون کي آڇيا آهن. محبت جيڪا ازلي ۽ ابدي حقيقت آهي.

('اوڏاهين ڌرتي روشن هٿ' ناول تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. هن ناول ۾ سنڌو درياهه بابت ڪهڙي منظر نگاري ڪيل آهي؟
2. فلپ ڪراچيءَ کي ڪيئن ڏٺو؟
3. سنڌ جي تهذيب جا بنيادي گُڻ ڪهڙا آهن؟
4. منگهو پير جا جي ڪري مشهور آهي؟
5. آغا سليم جي ناول جي ٻولي ۽ منظر نگاريءَ بابت پنهنجي راءِ لکو؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پالڪي جمال تهذيب يافته ڏن عظمت تصور شهزور ڪومل



KARACHIEDU.COM

## (ج) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 ’اڻ پورو انسان‘ ناول آهي.

(1) سراج الحق جو (2) آغا سليم جو
(3) مرزا قليچ بيگ جو (4) محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو.

2 آغا سليم ڄائو:

(1) حيدرآباد ۾ (2) شڪارپور ۾ (3) ڪراچيءَ ۾ (4) خيرپور ۾

3 آغا سليم، شاهه جي رسالي جو ترجمو ڪيو.

(1) فارسيءَ ۾ (2) اردوءَ ۾ (3) عربيءَ ۾ (4)سرائڪيءَ ۾

## (د) هيٺ ڏنل جملن ۾ تشبيهن جي وضاحت ڪريو:

* ململ جي گهونگهٽ ۾ هنن جا جرڪندڙ چهرا ڄڻ هلڪي هلڪي جُهڙ ۾ چَنڊ!
* چانڊاڻ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ڄڻ پگهريل سون.

## (هـ)

اهڙا لفظ جيڪي ٻن لفظن، يا ٻن جملن يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي مِلائين، تن کي ’حرف جملو‘ چئبو آهي.

مثال: * باغ ۾ گلاب ۽ چنبيلي جا گل آهن.
* جيڪڏهن محنت ڪندين ته ڪامياب ٿيندين.

اهڙيءَ ريت ’۽‘، ’ته‘، ’يا‘، ’پر‘، ’جيتوڻيڪ‘، ’ڇاڪاڻ‘ وغيره حرف جملي جا مثال آهن.

اوهان اهڙا ڪي به پنج جملا لکو، جن ۾ ’حرف جملي‘ جو استعمال ٿيل هجي.

## سرگرمي:

استاد پنهنجي نگرانيءَ ۾ اسڪول جي لائبريريءَ ۾ شاگردن کان ناول پڙهائڻ جي سرگرمي ڪرائي.

## استاد لاءِ هدايت:

استاد شاگردن کي ناول جي بنيادي ۽ فني نُڪتن، ڪهاڻيءَ ۽ ڪردار نگاريءَ بابت آگاهه ڪري سگهي.

## ياد رکو ته:

لفظ 'ناول' اطالوي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'نئين يا عجيب شيءِ'. ادبي لحاظ کان ناول نثر جي اها ڪهاڻي آهي،جيڪا افساني کان وسيع هجي، جنهن ۾ ڪو مقصد رکي پُوري زندگيءَ جو حقيقي نقشو چِٽيو وڃي.

KARACHI

# علي بابا



وفات: 2016 ع

ولادت:1940 ع

علي بابا جو اصل نالو علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ آهي. هو ڪوٽڙي،ضلعي دادو (هاڻي ضلعو ڄامشورو) 1940 ع ۾ ڄائو.

علي بابا ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊراما نگار جي حيثيت سان مشهور آهي.

علي بابا جي ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا محسوس ٿيندا آهن.وٽس ٻولي، تاريخ، تهذيب ۽ سياسي سماجي حالتن جو ڀُوڙهو اپياس آهي. سندس ڪهاڻين جا اڪثر ڪردار غربت جي گهاڻي ۾ پيسجندڙ، هيسيل ۽ مظلوم آهن.

علي بابا ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ ’موهن جو دڙو‘، ’سنڌ باد جو سفر‘، ’ڌرتيءَ ڌڪاڻا‘، ’آيل ڙي اولاڻا‘ ۽ ٻيا مشهور آهن.

علي بابا جي ٽي.وي ناٽڪ ’دنگي منجهه درياءُ‘ ڪي جرمني ۾ ٽيون نمبر ايوارڊ مليو. علي بابا 8 آگسٽ 2016ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه ڪوٽڙيءَ ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# چنڊ ۽ ماني

**سکيا جي حاصلات**

ڪنهن به فنپاري جي ادبي مرتبي جو تعين ڪري سگهي. تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. ڪنهن به فنپاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي. ڊرامي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. مختلف رانديون، موسيقي، مصوري، ڊرامي ۽ ناٽڪ وغيره ۾ حصو وٺي سگهي. بحث مباحثن ۾ حصو وٺي سگهي. ڪنهن به علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ بدنذڙن آڏو درست لب لهجي سان پنج کان ڇهه منٽ تقرير ڪري سگهي. پنهنجي گفتگو ۾ ظاهري (مجازي) مفهوم کي آڏو رکي ڊرامائي ڪيفيتون ادا ڪري سگهي.

**ماءُ:** توبهه.... اڄ پيا ٿين هن خانصاحب اجا منهن به نه ڌوتو آهي، (آواز ڏيندي) سليم، هيڏي دير ٿي وئي آهي اسڪول ڪونه وڃڻو اٿئي ڇا؟

**سليم:** آيس امان! بس رڳو منهن تان صابڻ صاف ڪري وٺان.

**ماءُ:** مون کي اڄ ته تنهنجي نيت ۾ خلل ٿو لڳي.

**سليم:** هائي گهوڙا مري ويس.

**ماءُ:** ڇو، هاٿي وري ڇا ٿيئي!

**سليم:** امان اکيون سڙي ويون. هي ڪپڙن جو صابڻ اکيون ٿو ساڙي.

**ماءُ:** اڄ پيسا ايندا ته مان تنهنجي لاءِ سُرهو صابڻ گهرائي ونديس. تون جلدي اکين تي چنڊا هٽي وٺ.

**سليم:** پر امان، آئون توکي لکي ٿو ڏيان ته بابي کي پيسا موڪلڻ وسري ويا اٿئي

**ماءُ:** چڱو چڱو، توکي انهيءَ جي جو اڃي ڳڻتي لڳي آهي.

**سليم:** واهه، مون کي ڳڻتي ڇو نه ٿيندي، جڻ مون کي اسڪول جي ڦِي ڏيٺي ئي ڪانهي. ماستر ڪالهه به چيو هو ته جي سياٽي فيءَ جا پيسا نه آٿين ته اسڪول نه اڇجان....

**ماءُ:** پر پٽ، تون ماستر کي چئين جو نٿو ته اجا اسان جا پيسا ڪونهن آيا.

**سليم:** پر امان، ٻن مهينن کان ته ٽاريندو آيو آهيانس، اڳئين مهيني جي ڦِي به ته ڪانه ڏني هيم، روز مون کي ٻين ٻارن جي سامهون لڄي ٽيٽو پوندو آهي.

KARACHIEDU.C

**ماءُ:** ”پُٽ رات پئجي وئي آهي. هاڻ اڄ نہ توکي ننڊ ولايت جي ڪهاڻي ٻڌايان.“

پوءِ سليم ۽ سندس ماءُ پنهنجي کٽ تي اچي ليٽيا. ماءُ پنهنجي ٻانهن سليم جي سيرانديءَ ڏيئي کيس ننڊ ولايت جي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي، جتي ماڻهو ڇهہ مهينا سمهندا ۽ ڇهہ مهينا جاڳندا هئا.

**سليم:** ”امان! اهي ماڻهو ڇهہ مهينا ڪيئن سمهي سگهندا هئا، ڇا کين بک ڪانہ لڳندي هئي؟“

امان مون ڏانهن غور سان نهاريو ۽ مُرڪي چيائين، ها! انهن کي بک ڪانہ هئي. تون ماٺ ڪري ٻُڌ.“

**سليم:** مون کي بک لڳي آهي.

امڙ جون اکيون اونداهي آسمان ڏانهن کڄي ويون، ڄڻ هن جون نظرون ڪجهہ تلاش ڪري رهيون هجن ۽ هن انتهائي پريل آواز سان چيو، ”ڏس پُٽ سليم! اڄ چنڊ ڪٿي نڪتو آهي؟ پاڻ غريب آهيون. پنهنجي مانيءَ جو حساب چنڊ وانگي آهي. ڪڏهن چوٿو، ڪڏهن اڌ، ڪڏهن سڄي تہ ڪڏهن آهي ئي ڪونہ.“

سليم اونداهي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ماءُ جي ڪُڇ ۾ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويو.

(’چنڊ ۽ ماني‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ’چنڊ ۽ ماني‘ ڊرامو ڪنهن جو لکيل آهي؟
2. هن ڊرامي جي ڪردارن مان توهان کي ڪهڙو ڪردار پسند آهي ۽ ڇو؟
3. هن ڊرامي جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟ بيان ڪريو.
4. علي بابا جي ڪهڙي ناٽڪ کي عالمي ايوارڊ مليو؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

سرهو   رُوپ   اگهور   تارُڻ   خلل

KARACHIEDU.COM

(ج) ڊرامي جي ڪهاڻيءَ جو تَتُ ڪَڍي پنهنجي لفظن ۾ لکو.

(د) هيٺين حوالن جي سمجهاڻي ڏيو:

* ”چڱو، چڱو، توکي انهيءَ جي چو ڳٽتي لڳي آهي.“
* ”واه! هاڻ ته تُون ڳالهيون ڪرڻ سکي ويون آهين، ڏاڍي ڳٽتي اٿئي.“

(هه) ”واهَ! هاڻ ته تُون ڏاڍيون ڳالهيون ڪرڻ سکي ويو آهين، ڏاڍي ڳٽتي اٿئي“ ان جملي ۾ ليڪ ڏنل لفظ کي گرامر ۾ ’حرف ندا‘ چئبو آهي. ان لفظ سان اهڙا ٻيا جملا ناهي ڏيکاريو.

(و) اوهان جيڪي ڊراما ڏٺا آهن، تن جي ڪردارن جي باري ۾ گفتگو ڪريو ۽ ڏنل ڪنهن ڊرامي جو ڪردار ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

(ز) ڊرامي ’چند ۽ ماني‘ ۾ بنيادي ڪردار ڪهڙا آهن ۽ انهن وچ ۾ اِختلاف يا اتفاق ڪهڙين ڳالهين جي ڪري آهي؟ ٻن ٽولن جي صورت ۾ ان تي بحث مباحثو ڪريو.

(ح) ’غربت جا ڪارڻ‘ جي موضوع تي پنج - ڇهه منٽ تقرير ڪريو.

### ياد رکو ته:

ڊرامو يوناني ٻولي جي لفظ ’Drama‘ مان ورتل آهي. ڊرامو ادب جي نثري صنف مان هڪ آهي، ناول يا افسانو صرف لکت ۾ هوندو آهي، جڏهن ته ڊرامو ڪردار کي عملي طور پيش ڪري ٿو. ڊرامي جي شروعات يونان کان ٿي.ڊرامي جا بنيادي طور ٻه قسم آهن: هڪ الميه (Tragedy)، ٻيو طنزيه (Comedy).

# شمس العلماء ڊاڪٽر عمربِن محمد دائود پوٽو



ولادت: 1896ع وفات: 1958ع

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 25 مارچ 1896ع تي ٿلتي، تعلقي سيوهڻ ۾ جنم ورتو. هو تعليمي ماهر ۽ عالم هو. 1940ع ۾ کيس اعليٰ تعليمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور ’شمس العلماء‘ جو خطاب ڏنو ويو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي توڙي عربيءَ ۾ ڪيترا اهم ڪتاب تحقيق جي بنياد تي لکيا ۽ ايڊٽ ڪيا. حيدرآباد ۾ سنڌس نالي تي ’شمس العلماء دائودپوٽو لائبريري‘ قائم ٿيل آهي.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي 22 نومبر 1958ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرام گاهه ٽِٽ شاهه ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# مُنهنجي آتم ڪهاڻي

**سکيا جي حاصلات**

تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪريءَ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. روزاني زندگيءَ جي حوالي سان روئداد ۽ آتم ڪٿا لکي سگهي. آتم ڪهاڻيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. مختلف ادبي صنفن ۾ فرق کي سمجهي سگهي ۽ ان فرق جي روشنيءَ ۾ معيارن کي سمجهي سگهي. ڪنهن به علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻڌندڙن آڏو درست لب لهجي سان پنج کان ڇهه منٽ تقرير ڪري سگهي.

لکان ٿو سَچَ سان آتم ڪهاڻي،
رهي منهنجي مگر هي ياد ٻاڻي.

هن ٻندي جو دنيا ۾ اچڻ تاريخ 9 شوال 1313 هجري ڏينهن اربع (25 مارچ 1896ع) ڌاري ٿيو. اگرچ سرڪاري دفتر ۾ ولادت جو سن 1 جون 1897ع آهي. منهنجي تولد ڪري عزيزن کي نهايت خوشي ٿي، ڇاڪاڻ جو ابي امان کي ڀھرين ٻار نياڻي هئي. راڄ جي پريي مڙس جو گهر هو ۽ ڏاڏو عبدالمطلب سڪيو ستابو ۽ ڀاڳيو آدمي هو، آسپاس ۾ چڱي هلندي هيس. تنهن پنهنجي فرزند (حاجي) ميان محمد کي ڀھرئين پُٽ ڄمڻ تي وڏا شادمانا ڪيا، خيرات ڪيائين ۽ مُستيءَ جون گُنديون ورهايائين. اجا ننڍو ئي هوس ته ڏاڏي صاحب رضا ڪئي. مون کي پوري يادگيري آهي ته ڪھڙيءَ طرح ان مون کي پنهنجي پوين پساهن وقت پر ۾ وهاريو هئو ۽ ڪيئن نه نهايت آرام ۽ اطمينان سان پنهنجي جان، جان آفرين کي سپرد ڪئي هئائين. سندس وفات منهنجي معصوم دل کي سخت صدمو پهچايو. ڏاڏي مرحوم جي وفات بعد واڻين وڪالن اچي اسان جو در ورتو ۽ جيڪي گُڻون ۽ ڏڳا هوا، سي قرض ۾ ڪاهي سلهاڙي ويا ۽ پريل ڀاڻ خالي ڪري ڇڏيائون.

هن حادثي بعد اسين ڪنگال ۽ بي حال ٿي پياسين. ڪيترا ئي سال بابا جان پوڪ راهه ڪئي، پر بخت نه پڙايو. امان جان جند پيهي گذران ڪندي هئي، هڪ بهادر جوڌي عورت هئي، ڇهه فوٽ ته قد هوس. ڀاڻس حاجي موسو جو پنهنجي پهلوانيءَ ڪري ساري پسگردائيءَ ۾ مشهور هو، تنهن جيترو ٻار مٿي تي کڻي ويندي هئي. جيڪڏهن هن ضعيف ۾ ڪا استقامت ۽ ذهانت آهي ته اها 'تري شناس' جي چوڻ

KARACHIEDU.COM

صورت خطي لکايائين. جڏهن مان پنهنجي سليٽ وٽس کٽي ويس، تڏهن مُشکي چيائين تہ ”اکر لکيا اٿئي يا ٿنڀي ماڪوڙن جون ٽنگون؟“ انهيءَ طعني تمام ڪري ڇڏيو. پوءِ اندن پرڻ ۾ مشق پچائڻ رستي پنهنجا اکر سڌاري ورتم. اهو تربيت جو اثر اجا هليو اچي ۽ هميشہ پنهنجن شاگردن کي سنن اکرن لکڻ جي ترغيب ڏيندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ منهنجو عقيدو آهي تہ اکر اخلاق تي وڏو اثر وجهن ٿا.

ٽئين درجي سنڌي تائين (1905ع) منهنجي ارڏائي ۽ گوسڙپائي هلندي آئي، پر والد صاحب جي هڪ سخت مار کان پوءِ جڻ کُتيءَ کن وڃايا. هونءَ تہ ٻين گوسڙو ڇوڪرن کي ماسترن جي حڪم موجب ٽنگوٽالي ڪري وٺي ويندا هئاسين، اگرچہ مون کي اهڙو واقعو پيش ڪو نہ آيو، پر بعضي بعضي رَڏي ڪري گهر ويهي رهندو هوس يا ڪٿي وڃي لڪندو هوس، يا ڏاڏي هاشم جي نار تي گوهي ڪري ويندو هوس. هڪ دفعي ضد ڪري اسڪول کان گسايم. مڃاڻ بابي کي خبر پئجي وئي، سو زلهلي ڪري مون تي وري آيو. امڙ ۽ ناني جيٽب (زينب) ڇڏائڻ تي ۽ ابو مارڻ تي. نيٺ بيزار ٿي، کُلهي تي چاڙهي، اسڪول ڏي کٽي ويو. مون بہ واٺ تي ڪڙين سان خوب پير ڪٽيومانس، پر منهنجي پچر نہ ڇڏيائين ۽ ڏوڪيندي وڃي ماستر پيسومل وٽ سٽيائينم. هي ماستر ڳوٺ جو وينل هو ۽ اسان جي گهران ڏڌ مکڻ گهرائيندو هو، تنهن بہ ڇتائي ڦيھ ڪڍيم ۽ سارو ڏينهن بينچ تي بيهاري ڇڏيائينم.

انهيءَ سزا کان پوءِ اهڙو تہ سُڌري پيس، جو جڏهن بہ مسڪينيءَ سبب بابو چوندو هوم تہ پڙهڻ ڇڏي اچي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿينم، تڏهن نابري واريندو هوس. علم اهڙي تہ چاشني چکائي، جو وري اسڪول کان ڪڏهين ڪونہ گسايم. بابا کي مدد ڏيڻ خاطر هنري ۽ جنڊي اسڪول ۾ داخلا ورتم، ۽ واڍڪي ۽ جنڊيءَ جي ڪم ۾ ايتري تہ مهارت حاصل ڪيم جو ڪتون، منجيون، ويلڻ ۽ ڇِڪلا ٺاهي ويندو هوس، ۽ اهي شهر جي هندن کي وڪڻي پيسا بابي کي پهچائيندو هوس، جنهن ڪري مون کي پڙهڻ کان ڪڏهن بہ نہ روڪيائين.

بابا ان وقت ڪاشتگريءَ جو ڌنڌو ڇڏي، ڊڪاٽڪي ڪرڻ لڳو ۽ هارين جا نار آهت تي چاڙهيندو هو. مان بہ ڪيس ارڙين ٽڪڻ، مالهڻ وٺڻ ۽ ڏينگن نوڪڻ ۾ مدد ڪندو هوس. پاڻ جڏهن پوک پوکيندو هو، تڏهن مهل سر وڃي ڳاڏي هڪليندو هوس. هر ڪاهيندو هوس، ڪُتر هٽندو هوس ۽ پاٽي ورائيندو هوس. هڪ ڀيري ڪتر هٽندي

KARACHIEDU.COM

ڪابي هٿ جي آڱوٺي جو اڌ ننهن ڪپي وڌم. بعضي ته ڏاند به چارڻ ويندو هوس. هڪ ڀيري ادي وڏي جمال خاتون (جمڻ) ۽ آئون گڏجي ڍڳا چارڻ ويا هئاسون، ته ڪي چور وَجُهه وٺي، اسان کي لپاٽون هڻي، ٻن پلن ڏاندن جو جوڙو زوري ڪاهي ويا، جو پوءِ بابو بلاولپور جي وڏيرن جي واهر سان پُنگ ڏيئي ڇڏائي آيو. پڻ لغڙن ناهڻ، ڪتولن واٽڻ ۽ جُلد بندي جو ڪم سکي پيس، جنهن مان گهڻو اپراسو ٿيندو هوم.بعضي وري ڪمي به ڪمائيندو هوس، تغاريون ڍوئيندو هوس ۽ مَهتن جو پاڻي ڀريندو هوس.

مطلب ته ننڍي هوندي کان وٺي خود ياوري جو سبق پيٽ ۾ پيو، جو وڏي هوندي گهڻو مفيد ثابت ٿيو. پيسي ڪارڻ ڪنهن جي به ڪاڻ ڪا نه ڪيم، ۽ نڪي ڪنهن جي اڳيان سوال جو هٿ ٽنگيم. هڪ دفعي دهليءَ کان 'غياث اللغات' جو ڪتاب ٻارهين رپين گهرايو هوم، جنهن جي قيمت مامي عبدالڪريم ڏيڻي ڪئي هئي، پر پوءِ بابي کي مهڻا ڏيڻ ۽ ٿورا ٿڦڻ لڳو. مون کان اها ڳالهه سَٺي نه ٿي، ڪمائي ڪري سڀ پئسا پري ڏناماس ۽ وري ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي محتاجي ڪا نه ڪيم.

سنڌي چوٿين درجي پاس ڪرڻ بعد (1906ع) مون کي پنهنجي هوشياري ڪري انگريزي اسڪول ۾ موڪليائون، جتي به پنهنجو جوهر ڏيکاريم، پر ٿوري وقت کان پوءِ امان جان وفات ڪئي (1908ع)، جنهن ڪري دل شڪستو ٿي وري وڃي سنڌي پڙهڻ لڳس. هيڊماستر صاحب،مسٽر مدنداس ڏاڍو مهربان هوندو هو، ۽ پنجين درجي جو ماستر ميان محمد سنجر هو، جو هڪ سُوٽيڊ بوٽيڊ جينٽلمين هو ۽ مون کي تمام گهڻو ڀائيندو هو ۽ بعضي ته ماني، ڏڌ، مکڻ اسان وٽان گُهرائيندو هو. اهڙن لائق فائقن شخصن جي نظر- شفقت هيٺ زندگيءَ جا سال سک سانت سان گذرڻ لڳا.

اسين به ماستر صاحبن جون ڏاڍيون خدمتون چاڪريون ڪندا هئاسين گرميءَ ۾ جَهليون ڇڪيندا هئاسين، سنڌن گهرن جو پاڻي ڀريندا هئاسين ۽ ٽڪبا هوا ته ڪين پيڙون به ڏيندا هئاسين. ٻيرن ۽ نمن مان سنڌن لاءِ ڏنڊڻ وڍيندا هئاسين. هڪ ڀيري ماستر مدنداس لاءِ ڏنڊڻ ڇلهيندي منهنجي ڪابي هٿ جي اشهد آڱر مٿين ڏوڏيءَ کان ڪپجي پئي. هي سڀ ڪم پنهنجي راءِ رضا ڪندا هئاسين، ماسترن جي شيوا ۾ اسان کي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ به نهايت مهربان ۽ جفاڪش هوندا هئا. صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين اسان کي پاڙهيندا هئا. مائٽن وانگر هئا ۽ ڪڏهن نه چاهيندا هئا ته

KARACHIEDU.COM

شاگردن جي حياتي اجائي وڃي. هر ڪنهن نموني ۾ ان کي سڦلي ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندا هئا. وڏي خوبي منجهن اها هئي ته هو اخلاق جا صاحب هوندا هئا ۽ شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر ڪري سمجهندا هئا.

(’منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. آتم ڪهاڻي جا ڪي چئبو آهي؟
2. شمس العلماء جي معنيٰ ڇا آهي؟ ۽ عمر بن محمد دائود پوٽي کي اهو خطاب ڇو مليو؟
3. ڊاڪٽر دائود پوٽو ڪهڙين راندين جو شوقين هو؟
4. ٻهراڙيءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خاص رانديون آهن؟
5. ڊاڪٽر دائود پوٽي شروعاتي زندگي ڪيئن گذاري؟
6. هيءَ آتم ڪهاڻي پڙهي اوهان جي ذهن ۾ جيڪو خيال اُڀري ٿو، تنهن کي بيان ڪريو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڀاڳيو ڪندڦهم پسگردائي استقامت ارڏائي نابري اپراسو سڦلي پيڙو

### (ج) ’منهنجو ننڍپڻ‘ جي موضوع تي پنج کان ڇهه منٽ تقرير ڪريو.

**سرگرمي:**

هڪ ڏينهن جي ڪيل ڪم ڪار کي لکو ۽ ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو.

**استاد لاءِ هدايت:**

استاد شاگردن کي آتم ڪهاڻيءَ ۽ سوانح حيات ۾ جيڪو فرق آهي اهو مثالن ذريعي سمجهائي.

KARACHIEDU.COM

# الطاف شيخ



ولادت: 1944ع

الطاف شيخ ولد گل محمد شيخ 14 نومبر 1944ع تي هالا نوان ۾ ڄائو. سنڌس سُڄاڻپ سفرنامہ نگار طور آهي. الطاف شيخ جا ڪيترائي سفرناما شايع ٿي چڪا آهن. مئرين انجنئيرنگ ڪرڻ کان پوءِ هن ساموندي جهازن ۾ نوڪري ڪئي ۽ سڄي دنيا گهمي پنهنجن سفرن کي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏني. هن مختلف ملڪن جي سماجي، معاشي ۽ ثقافتي زندگيءَ کي پنهنجن سفرنامن ۾ بيان ڪيو آهي. الطاف شيخ کي سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ملي چُڪا آهن. سندس سفرنامن جا ڪتابَ هڪ سَوکان مٿي ڇپيل آهن.

KARACHIEDU.COM

# سنگاپور ۾ ست ڏينھن

**سکيا جي حاصلات**

تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين ڪان آگاھ ٿي سگھي. تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پھچي سگھي. نئين متن ڪي سمجھي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگھي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگھي. روزاني زندگيءَ جي حوالي سان روئداد ۽ آب بيتي لکي سگھي. سفرنامي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.

ملايا جي بندرگاھ پورٽ ڪلانگ (Port Klang) ڪان سنگاپور فقط ڇھن ڪلاڪن جو سامونڊي سفر آھي. رات جو ٻِي وڳي اسان سنگاپور جي سامھون لنگر ڪيرايو. سامھون سنگاپور شھر جي رستن ۽ اوچين عمارتن جون بتيون چمڪي رھيون ھيون، جيئن شاديءَ تي ڪنھن عمارت کي بلبن سان سينگارجي. اسان جي چوڌاري ٻيا بہ ست ڪن جھاز مختلف ملڪن جا لنگر ڪيرايو بيٺا ھئا. سندن بتين ۽ پاڻيءَ ۾ پونڌڙ عڪس عجيب منظر پيش ڪيو ٿي ۽ ائين لڳو ٿي ڄڻ ھر ھڪ جھاز الڳ ننڍڙو بيٽ ھجي. سنگاپور جاگرافيءَ جي نقطہ نگاھ ڪان قدرتي طور ڪجھ اھڙي ھنڌ تي آھي، جو ھر جھاز پئسفڪ سمنڊ ڪان ھندي وڏي سمنڊ ڏي ايندي توڙي ويندي يا ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگھندي، سنگاپور وٽان ضرور لنگھي ٿو. ان ڪان علاوہ جھازن جي تيل جو پڻ وڏو مرڪز آھي. فري پورٽ تنھن ڪان سواءِ. ان ڪري سنگاپور ھڪ روشن ڏيئي مثل آھي، جنھن جي چوڌاري پتنگ: جھاز، ميڙ ڪيو بيٺا ھوندا آھن. ڪي تيل وٺڻ لاءِ، ڪي سامان لاھڻ لاءِ، ڪي چاڙھي ٻين ملڪن ڏي ڪٽي وڃڻ لاءِ. سنگاپور وڏو مرڪز آھي. مثال طور اسان ڪي ڪراچيءَ مان سامان آمريڪا لاءِ مليو آھي. جيتوڻيڪ اسان کي آمريڪا وڃڻو ناھي پر ان ھوندي بہ اسان مال وٺڻ ڪان انڪار نہ ڪيو. مال ورتوسين ۽ ھاڻ سنگاپور جھڙي بندرگاھ تي لاھي ڇڏينداسين جتي اسان جي آفيس وارا اھو سامان ڪنھن ٻئي ملڪ جي جھاز ذريعي، جيڪو آمريڪا ويندڙ ھوندو، موڪلي ڇڏيندا. اھڙيءَ طرح ان ڀاڙي ۾ اسان جي ڪمائي جو بہ حصو ٿي ويندو ۽ ڌارئين جھاز جو بہ. ساڳئي وقت سامان موڪليندڙ جو بہ ترت ڪم ٿي ويو. يا جيئن مثال طور: ھن وقت ھڪ آسٽريليا جو جھاز ھندستان ڪان ڪپھ ڪٽي، ھتي سنگاپور ڇڏي پاڻ آسٽريليا ھليو ويو آھي. اھا ڪپھ دراصل ھانگ ڪانگ لاءِ آھي. سو

KARACHIEDU.COM

هانگ ڪانگ تائين اها ڪپهه اسان پنهنجي جهاز ۾ پري رهيا آهيون. ان کان علاوه سنگاپور مان ربڙ کڻي رهيا آهيون، جو جپان تائين کڻي ويندا سين، اتان پوءِ هڪ ٻيو پاڪستاني جهاز، لاس اينجلس (آمريڪا) تائين کڻي ويندو.

سنگاپور جي بندرگاهه جي جيٽي ڪافي وڏي آهي. ڪيترا ئي جهاز هڪٻئي جي ويجهو ويجهو پاڻيءَ ۾ لنگر ڪيرائي بيهن. اسان جو جهاز به لنگر ڪيرايو بيٺو آهي، چوڌاري پاڻي آهي. سامان بارجز (Barges) (وڏيون ويڪريون ٻيڙيون بنا انجڻ جي) ذريعي پرجي اچي رهيو آهي. جيڪو جهازن جي ڪرينن (Derricks) ذريعي جهازن ۾ چڙهي رهيو آهي. ماڻهن کي ڪناري تائين پهچائڻ ۽ آڻڻ لاءِ لانچون ذري ذري ائين لنگهي رهيون آهن، جيئن شهر ۾ ٽئڪسيون يا رڪشائون هلن. انهن لانچن کي سڏين به ٽئڪسي، جهاز جي عرشي (Deck) تي بيهي انهن لانچن جو انتظار ڪبو آهي.

جيئن ئي ڪا لانچ لنگهندي آهي ته ’ٽئڪسي‘ پُڪاري سڏ ڪبو آهي. پوءِ مٿان ئي انگريزيءَ ۾ ڀاڙو طئي ڪبو آهي. گهٽو ڪري هڪ سنگاپوري ڊالر (چئن رپين ۾ راضي ٿي ويندا آهن. جهاز جي ڏاڪڻ ’Gangway‘ تان لهي ان ۾ اچي ويهبو آهي. لانچ ٻين جهازن تان به مسافر کڻي اچي بندرگاهه ۾ ڇڏيندي آهي. جيئن ته اسان جي سنگاپور ۾ به آفيس آهي، سو آفيس طرفان پڻ هڪ لانچ، سڄو ڏينهن رات، ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ اسان جي جهاز تي ڦيرا ڪندي آهي ۽ اها جهاز جا ماڻهو مفت ڍوئيندي آهي. بندرگاهه سنگاپور فقط نالي جو آهي، ڪو به ڪسٽم وارو نظر نه ايندو. بندرگاهه ٽئڪس کان آجو هجڻ ڪري ڪنهن به شيءِ آڻڻ يا کڻي وڃڻ جي جهل پل ڪانهي، سواءِ نشي جي شين جي، مثال طور: چرس، گانجو، ڏوڏي وغيره. هونءَ ڪا به شيءِ جهاز تان، شهر ڏي ڪنهن کي کڻي ويندي مون نه ڏٺو. هتي خالي بندرگاهه تي لهن ۽ واپسي تي سندن ٻنهي هٿن ۾ ٿيلها ۽ سامان سان ڀريل لفافا هوندا آهن. انهن لفافن ۽ ٿيلهين ۾ سڀيل اڻ سبيل ڪپڙا، ريڊيا، واچون، ڪئميرائون ۽ ٽرانسسٽر، سينٽ، پلاسٽڪ جا گُل، رانديڪا ۽ ٻيو سامان هوندو آهي، جو هتي تمام سستو آهي.

سنگاپور هڪ ننڍڙو ٻيٽ نما ملڪ آهي، جنهن جي وڏي ۾ وڏي ندي فقط نَوَ ميل ڊگهي آهي، جا وچ شهر مان ٿيندي اچيو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري. شهر وٽ اها ندي وڏين وڏين ٻيڙين ۽ بارجز سان ڀريل هوندي آهي. پري پري کان سامان ترڪن ۾

ڪجي، نديءَ تائين اچي، جتان ٻيڙين ذريعي جهازن تي موڪليو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح جهازن تان سامان سنگاپور اچي. انهن وڏين ٻيڙين/ بارجز کي پنهنجي انجڻ نہ ٿئي. جڏهن چار پنج بارجز ڀرجي وينديون آهن تہ پوءِ هڪ لانچ/ موٽر بوٽ، کين ڇڪيندي آهي. ڀري کان ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪو اُٺن جو قافلو پيو اچي. ڀرين بارج جي پُٺ، ٻيءَ جي اڳ سان، رسيءَ ذريعي ڳنڍيل هوندي آهي. اهڙي نموني سان هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين ئي هونديون آهن. هتي اهي بارجز گهٽو ڪري چينين جون آهن، جي ٻارن ٻچن سان انهن ۾ رهن ۽ رڌين پچائين بہ انهن ٻيڙين تي.

سنگاپور، انيڪ مذهبن ۽ قومن جو ملڪ آهي. گهڻائي مسلمانن جي آهي. انهن کان علاوه ٻڌ، هندو، عيسائي، سِک ۽ پراڻي جين- مت جا آهن. زبانون بہ ڪيترين ئي ڳالهايون وڃن ٿيون، قومي زبانون چار آهن: انگريزي، ملئي، چيني، تامل. جتي ڪٿي بورڊ انهن زبانن ۾ نظر ايندا. ٽي.وي ۽ ريڊيو تي پڻ سيني زبانن جو پروگرام اچي. سنگاپور ۾ ملايا، چين، پاڪستان، انڊونيشيا، ٿائلينڊ ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو رهيل آهن. سڀ کان گهڻا هندستان جا آهن. هندستان جي مٿئين حصي يو.پي ۽ سي.پي جو ماڻهو ڪو ورلي نظر ايندو، پر ڏکڻ هندستان جا تمام گهڻا آهن، جن جي مادري زبان تامل آهي. سنگاپور ڪنهن زماني ۾ هندستان جو حصو هو. انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪجهہ وقت هندستان جو وائسراءِ حڪومت ڪندو هو. هينئر سنگاپور آزاد ۽ خودمختيار ملڪ آهي.

(’بندر ۽ بازاريون‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. جاگرافيءَ جي حوالي سان سنگاپور جي ڪهڙي اهميت آهي؟
2. سنگاپور جو بندرگاهہ ڪيئن آهي؟
3. سنگاپور جي ندي شهر جي ڪهڙي پاسي کان آهيءَ ان تي ڪهڙو ڪاروبار ٿيندو آهي؟
4. 1830ع ۾ سنگاپور ڪنهن جي هٿ هيٺ رهيو؟
5. الطاف شيخ پنهنجي سفرنامي ۾ سنگاپور جي ڪهڙي منظرنگاري ڪئي آهي؟

KARACHIEDU.COM

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

عڪس    نقطئہ نگاھ    ورلي    ڌاڪو    ڪسٽم    قافلو    بندرگاھ

## (ج) هيٺيان خال پريو:

1. سنگاپور جي ندي ................................ ڏکڻي آهي.
2. سنگاپور جو بندرگاھ ................................ ڪان آجو آهي.
3. جڏهن چار، پنج بارجز پرجي ويندين آهن، تہ پوءِ هڪ........................ ڪين ڇڪيندي آهي.

## (د) 'ڪير'، 'ڪهڙو'، 'ڇا' – اهي سوال پڇڻ جا لفظ ڪن اسمن بدران ڪم اچن ٿا.تنهن ڪري اهي ضمير آهن. اهڙن ضميرن کي 'ضمير استفهام' چئبو آهي. 'فهم' معنيٰ 'سمجهہ يا ڄاڻ'.

توهين انهن استفهامي لفظن سان پنهنجا جملا ٺاهي ڏيکاريو.

### سرگرمي :

جيڪڏهن اوهان ڪو سفر ڪيو آهي تہ ان جو احوال پنهنجن لفظن ۾ لکو.

### ياد رکو تہ:

سفرنامو، سير سفر جي مشاهدن جي اها روئداد آهي جيڪا ليکڪ قلمبند ڪندو آهي. هڪ ادبي سفرنامي لاءِ انهن ماڳن مڪانن يا ملڪن جو سير ڪبو آهي. هڪ ليکڪ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي سان ان خاص خطي جي رهاڪن جي تهذيبي، تمدني، معاشرتي ۽ سياسي تاريخ وغيره لکندو آهي.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد شاگردن کي سفرنامي جي وصف مثالن ذريعي سمجهائي.

# علي احمد بروهي



ولادت: 1920ع

وفات: 2003ع

علي احمد بروهي ولد ڪريم بخش بروهي 11 نومبر 1920ع تي ڪنيڙا ڳوٺ، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. علي احمد بروهيءَ جو مزاحيه ادب ۾ وڏو نالو آهي. پر سنڌس سڃاڻپ مزاحيه، طنزيه ڪهاڻيون ۽ ڪالم آهن.سنڌس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ 'جام ، ڄاموٽ، ڄامڙا'، 'ڏيئا تيل قليل'، مشهور آهن. تحقيق جي موضوع تي به سنڌس ڪم ٿيل آهي. هن 1 ڊسمبر 2003ع تي وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

”مُلهه وارو عدو مري چڪو ۽ هاڻ هو راڳ سِڪندو. جنهن ۾ نه ڏک اچي نه عضوو ڪري ۽ نه وري ڪو طبيبن تائين پئجي“.

پوءِ عدوءَ اچي راڳ تي مارو ڪيو. راڳ به وائڙو سائڙو يا ڳوناٽي ’الوميان‘ نه، بلڪ نيٺ سڳداسي سنگيت. پڪي ڳاني تي طبع آزمائي فرمائيندي عدو جملي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. صبح سانجهي، رات، اڌ رات، هڪ ڪري ڏنائين. اٿئي ويني، ڪاڌي پيتي، عدوءَ جي ”سرگم پڌني سا“ ۽ ”دادا ڳڙ ڳڙ نا“، اهڙو اچي ممڻ مچايو، جو پاڙي وارن جي ننڊ آرام زهر ٿي پيو. ريزڪي نقصانن جو ته ڪو اندازو ئي نه هو. ڀهاول ناڙيوال جي واڙي ۾ ٽن مينهن کير ڏيڻ کان نابري واري ڀهاول کي راڳ ٻڌڻ شرط دل هول ٿي پيو ۽ هو عدوءَ جي راڳ کان بچڻ لاءِ پنهنجين ڪنن ۾ ٽاٽ جون ٻجيون وجهي، مٿان ڪٽڪ جو ڳوهيل اٿو ٿڦي ڇڏيندو هو. الاهي جان سبائي جي ننيڙي نينگر کي ديجڙو ٿي پيو ۽ سندس ڳچي ۾ ايترا ته تعويذ ۽ دعائون مڙهائي ٻڌيون ويون جو غريب ڇوڪرو اٿي ويهي ڳهمڻ بجاءِ بانبڙا پائي رڙهندو ٿي رهيو.

پاڙي وارن مجبور ٿي پنچات سڏائي، هِي فيصلو ڪيو ته عدوءَ کي ”گونڊا ايڪٽ“ ۾ اڙائڻ لاءِ ڪليڪٽر کي درخواست ڪئي وڃي يا وري عدوءَ جو حقو پاڻي بند ڪري ڪيس پَٽُ برادريءَ مان خارج ڪيو وڃي. عدوءَ کي اڳوات ڪڙڪ پئجي ويئي جنهن منٿون ڪري پنچات پرچائي ۽ لکت ۾ ايگريمينٽ ڪئي ته هو آئنده پاڙي ۾ شريف ٿي رهندو ۽ ڪڏهن به پنهنجو راڳ ڳائي پاڙي وارن جي ڪنن جو سور ثابت نه ٿيندو.

ٻئي ڏينهن عدو پنهنجو يڪتارو ڪُلهي تي کڻي وڃي خانصاحب ڳامڻ خان جا ڪونرا ڊوئڻ شروع ڪيا، جنهن فيض ۾ رڱي ڇڏيس. فن جي ڪمال جي حالت هيءَ هئي. جو عدوءَ جي مُرڪ ۽ مينڊ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاري رهندي هئي ۽ متس غشي ۽ غنودگي اهڙي طاري ٿيندي هئي، جو چتي ڪُتي جو ڏاڙهيل سمجهي متس سائي چادر وجهي ويندا هئا.

راڳ جي تحصيل ڪرڻ بعد عدوءَ، استاد جا قدم چُمي اجازت وٺي واپس اچي پنهنجي ڳوٺ وارد ٿيو. قضا الاهي جو ساڳئي ڏينهن شادي هئڻ ڪري ڪيس شام ڏاري راڳ ڳائڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس 25 رپيا پيشگي پڻ ڏني ويئي.



KARACHIEDU.COM

نيڪ وقت تي وارد ٿي، عدوءَ محفل جو معائنو ڪيو. حشام ماڻهن جا اچي ڪَٺا ٿيا هئا. آخر ۾ گامڻ خان جي خاص شاگرد جو راڳ هو ۽ ڪو ٻَڙ ٻِڳت يا اهڙي تهڙي جو گانو ٿورو ئي هو. عدوءَ گوڏا ٻيڄي استاد مرشد سنڀالي، ”دروازو دلبر جو، ممبر محراب آ“ ڳائڻ شروع ڪيو. استاد عدو دروازو اُڪري ممبر محراب تائين مس پهتو هو ته ڪنواريتن ۾ بي آرامي شروع ٿي. پڇا تي معلوم ٿيو ته ڪنوار ڪي، استاد عدوءَ جي پڙلاءُ پوڻ شرط ئي ”حساب“ تي پيو هو! ۽ هو لهر ڪرڻ ۾ مشغول هئي. عدوءَ پنهنجي پيدا ٿيل اثر ڪي متائڻ لاءِ پلٽو هنيو. پوءِ ته منتن جي صفائي هئي. ڪر ڪر ڪر ڪر ۽ گر گر گر گر جي غرڙاٽن اهڙو اچي غوغاءُ وڌو، جو سموري خلق ۾ ٻاڪر ڪُٿو مچي ويو. محسوس ائين ٿي ٿيو ڄڻ ته ڪا مال گاڏي، شنٽنگ ڪندي شاديءَ جي محفل ڏانهن ڊوڪي رهي هئي. ماسي بصران ته پنهنجو بيان هنن لفظن ۾ جاري ڪيو ته ”ابا آخري زماني جي تڏا ويڙهه“ شروع ٿي رهي آهي.

راڳ، جو عدوءَ جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو هو، سو ڪيئن ٿو ڪنٽرول ۾ اچي! عدوءَ جي ”شڪارپوري ٽوڙي“ تہ ان حد تائين مقبول ٿي چڪي هئي جو جڏهن ڪنهن مريض کي ٻئي ڪنهن ذريعي قئه (اُلٽي) ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر ناڪامياب ٿيندا هئا، ته عدوءَ جي ”شڪارپوري ٽوڙي“ ٻن منٽن ۾ مريض جو چار ڏينهن اڳ جو هضم ڪيل کاڌو به قئه ٻاهر ڪيڻ لاءِ هڪ ٽِڪ علاج ثابت ٿيندو هو. عدوءَ جي ”موچڪي پيروي“ به پنهنجو مَٽ پاڻ هئي ۽ ننڍن ٻارڙن جي ڊيڄڙي لاءِ اڪثر علاج هئي. هر روز سوين ڪراڙيون عورتون، پٽ پوٽڙا کڃن تي کڻي آڻي فيضياب ٿينديون هيون. ليڪن شفا لاءِ هي ضروري هو ته ٻار کي ڊيڄڙو ٿيندڙ هجي، ورنه چڱي ڀلي ٻار کي راڳ ٻڌڻ شرط وري ٻيٺو ڊيڄڙو ٿي پوندو هو.

عدوءَ جو ”مالڪوس“ به ڪو گهٽ اثر وارو راڳ نه هو. سموري تر جا ڪاسائي سندس مالڪوس ٻڌڻ لاءِ هر وقت شائق رهندا هئا. راڳ ٻڌڻ وقت محسوس ائين ٿيندو هو ڄڻ ڪنهن ڪوس گهر اندر چاليهارو ڪن ٻڪرن کي هڪ وقت تي تڪبير وڌي وئي آهي! ديس يعني سورٺ راڳڻيءَ تي ته عدوءَ کي ايترو عبور حاصل هو جو ”ها“ ڪرڻ شرط پاڙي جي ڪنيرن جا ڳڏهه عدو جي آواز سان آواز ملائي ايڏيون ته هينگون ڪندا هئا، جو ان ايراضيءَ ۾ لڏي آيل ماڻهن جاين الاٽ ڪرائڻ کان ئي توبهه ڪري ڇڏي. هڪ دفعي راشن ڪارڊ جي سلسلي ۾ عدوءَ هڪ عملدار جي



KARACHIEDU.COM

گهر اڳيان ”ميري عرض سنو سرڪار“ راڳ درٻاري سُر ۾ ڳايو. نتيجو هي نڪتو جو عملدار جي ڪنن جون دهلڙيون نڪاءُ ڏيئي قاتي پيون ۽ هو غريب اڄ ڏينهن تائين ڪنهن وڏيڪ عرض ٻڌڻ کان محروم ٿي ويو.

عدوءَ پبلڪ راڳ جي پڇر ڇڏي ڏني. هر روز چار پنج ميل پنڌ ڪري ير واري جهنگل جي ٻوٽن ۾ ويهي، راڳ جي ڪسرت ڪندو رهيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ روح رهاڻ ۾ مشغول رهندو هو. ڪنهن ماڻهوءَ وڃي ٻيلي کاتي جي عملدار کي شڪايت ڪئي ته سندس جانور ٻيلي مان ٿاهيا وڃن ٿا، ۽ اگر عدوءَ جو راڳ ٻه ڏينهن ٻيا جاري رهيو ته جهنگ جانورن کان خالي ٿي ويندو. عملدار انهيءَ شڪايت جو نوٽيس وٺندي، عدوءَ کي جهنگ مان گهرائي، خالي گُنديءَ ۾ بند ڪرائي، ٻاڙهن مرچن جو دونهون ڏياريو. ويچارو عدو اڌ مُئو ٿي پيو. جڏهن ڪيس ٻاهر ڪڍيو ويو ته ڪجھ ڏينهن ته کٽ تي ئي ڪنگهندو رهيو، جڻ ”ڪالنگڙو ۽ پوريا“ خيال گڏي ڳائي رهيو آهي. پنجن ريين جي دوا ۽ قودني کائڻ ۽ ٻه ٽي واري پنا ”ريگ مال“ رڙڪڻ بعد، عدوءَ جي نڙي مس مس وڃي راس ٿي ۽ ساڳي سطح تي پهتي.

هاڻ عدوءَ لاءِ باقي هڪ رستو هي کليل هو ته ريلوي اسٽيشن تي راڳ ڳائي پنهنجو پيٽ گذران ٻه ڪري ۽ پنهنجي خداداد ذات کي هر ماڻهوءَ جي ڪنن تي سهولت سان پهچائي. ان سلسلي ۾ عدوءَ کي ڪو گهڻو وقت انتظار ڪرڻو نه پيو. ڇاڪاڻ ته عدوءَ جي شهرت پنهنجو ملڪ ته درڪنار، پر ست سمنڊ پار پڻ پهچي چڪي هئي. آخر هڪ ڏينهن آيو جو استاد عدوءَ کي ريڊيو تي ڳائڻ لاءِ نيند ڏني ويئي، جا عدوءَ طرفان قبول فرمائي ويئي. پروگرام مطابق سنيري عدو ريڊيو اسٽيشن تي اچي وارد ٿيو ۽ مائڪرو فون کي مُنهن ڏيئي پنهنجو مشهور راڳ ”پِيلو“ شروع ڪيو. دراصل هن رنگا رنگي راڳ کي ”اندلٺ“ سڏيو ويندو آهي. پِيلو فقط شروعات ۾ آلاپيو ويندو آهي، بعد ۾ ڪاري، نيري، سائي، ٻاڙهي کان ٿيندو فيروزي ۽ طوطائي رنگ تائين هلندو آهي، جيستائين ٻڌندڙ ماڻهن جو اڇو مُنهن ٿي وڃي. ڪي ماڻهو هن کي اڌ رنگو ٻه چوندا آهن ۽ سندس خاص اثر هي آهي جو ويجهو ٻڌندڙ کي ”اڌ رنگو“ ضرور ٿيندو آهي. خيال جا ٻول هئا:

ڪونهي يار منهنجي جو، ڪو مَٽ ڙي ادا،
توڙي آءٌ هجان، چريو چريٽ ڙي ادا!


KARACHIEDU.COM

راڳ جي شڪل ناهي، منجهس رنگ پريندي، عدوءَ ”چربت“ تي اچي پلتو هنيو، ۽ پوءِ چر چر مان گر گر گر تي اچي، گور پٽ تي زور رکيو ۽ گورپٽ کان بربٽ ۽ بربٽ کان ارگٽ تائين ۽ ارگٽ کان نڙگهٽ تائين پهتو ته ملڪ جي حاڪم طرفان ريڊيو اسٽيشن کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

عدو غريب، جنهن کي ڪا خبر نه هئي ته دنيا اندر سندس راڳ باعث ڪهڙي قيامت برپا ٿي رهي هئي. سو گهبرائجي آهستگيءَ سان مائڪرو فون ڇڏي پنئين دروازي کان ديوار ٽپي روپوش ٿي ويو ۽ اهڙو غائب ٿيو جو اڄ ڏينهن تائين وري سندس پتو نه پيو. اڄ ڏينهن تائين هي ڪنهن کي به پتو نه آهي ته دنيا هڪ غير معمولي موسيقار جي جادوءَ پري آلاپ ٻڌڻ کان ڪيئن محروم رهجي ويئي.

(’ڪک پن‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. علي احمد بروهيءَ جي عدو موچيءَ بابت ڪهاڻي اوهان کي ڪيئن لڳي؟
2. هن سبق ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟
3. علي احمد بروهيءَ جي سنڌي ادب ۾ ڪهڙي سڃاڻپ آهي؟
4. اوهان ڪا ٻي مزاحيه لکڻي پڙهي هجي ته ان بابت ٻڌايو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪاپاري  مجال  پسيو  آزيون  مسين مسين

### (ج) هيٺين مان دُرست جواب چُونڊيو.

1. علي احمد بروهي سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ رکي ٿو:

(1) سفرناما نويس  (2) ناول نگار
(3) مزاح نگار  (4) شاعر

KARACHIEDU.COM

2 علي احمد بروهي ڄائو:

(1) 1925ع ۾ (2) 1947ع ۾
(3) 1920ع ۾ (4) 1955ع ۾

3 عدو موچيءَ جو ڪردار آهي:

(1) مزاحيه (2) سنجيده
(3) خوشامدي (4) لالچي

## (د) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

* تورو لاهڻ
* پاڻيءَ مان نڪرڻ
* ڄمندي ڄام هئڻ
* چوٽ کائڻ
* ممڻ مچائڻ

## (هه) هيٺين لفظن جا اشتقاق ڪريو ۽ معنيٰ لکو:

درخواست يڪتارو فيضياب دڪاندار عملدار

## (و) هيٺ ڏنل متن کي پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

سنڌي ٻوليءَ ۾ مزاحيه ادب کي پڻ تمام گهڻي اهميت آهي. ڏکن ۽ پريشانين ۾ ورتل ماڻهن کي تفريح پهچائڻ لاءِ مزاحيه ادب ضروري آهي.طنز و مزاح ۾ تفريح ۽ ونڊر سان گڏ ڪو نصيحت جو نُڪتو به ڏنو ويندو آهي؛جنهن سان ماڻهوءَ جي اصلاح وارو پهلُو به اُجاگر ٿئي ٿو.

سوال 1. مزاحيه ادب مان ڇا مراد آهي؟
سوال 2. مزاحيه ادب جو ضروري آهي؟
سوال 3. طنز و مزاح لکڻ وقت ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟

# شيخ اياز



ولادت: 1923ع

وفات: 1997ع

شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ ولد غلام حُسين شيخ آهي. هُن شڪارپور ۾ 2 مارچ 1923ع ۾جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. بي - اي ۽ ايم- اي، ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پڻ رهيو. شيخ اياز پنهنجي دور جو سرموڙ شاعر آهي. شيخ اياز سنڌي شاعريءَ کي نوان موضوع، فن جي نواڻ ۽ خيالن جي انفراديت، لفظن جو ترنم ۽ موسيقي بخشي. شيخ اياز شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس آتم ڪهاڻي 'ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر' ۽ ٻين عنوانن سان ڇپيل آهي. 'پنهل ڪان پوءِ' ۽ 'سفيد وحشي' سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن. خطن جو مجموعو 'جي ڪاڪَ ڪڪوريا ڪاپڙي' جي نالي سان ڇپيل آهي، هِي خط سندس انهيءَ مجموعي مان ڏنجي ٿو. جيڪو هُن محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيو هو. شيخ اياز 28 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي. سندس قبر ڀٽ شاهہ ۾ ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي آهي.

KARACHIEDU.COM

سکر 1955ع

# چانڊوڪي ۽ مان

## (ادبي خط)

**سکيا جي حاصلات**
تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. نئين متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏئي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. سنڌيءَ ۾ اِي- ميل ڪري سگهي. ڪنهن به ادبي، علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻُڌندڙ آڏو دُرست اُچار ۽ لب لهجي سان پنج کان ڇهه منٽ زباني تقرير ڪري سگهي.

ادا،

تو پنهنجي خط ۾ عجيب تقاضا ڪئي آهي ته مان توکي چانڊوڪيءَ ۾ ويهي خط لکان. توکي شايد خبر نه آهي ته مون کي چانڊوڪيءَ کان چڙ آهي. چانڊوڪي منهنجي نيڻن کان ننڊڙي ڪسي وٺندي آهي ۽ مان راتين جون راتيون چنڊ پنيان چارا رلندو وتندو آهيان. توکي شايد خبر نه آهي ته چنڊ ۽ ننڊ اصل جا ويري آهن. چانڊوڪي اکڙين کي اوجاڳا ڏيندي آهي. دلين جا دڪڙا دکائيندي آهي. مان ڪيئي راتيون نور پريءَ نيراڻ ۾ نهاريندو رهيو آهيان- ڪيئي پيرا سنسار جي سيني ۾ گهوري ڏٺو اٿم. چانڊوڪيءَ ۾ مون کي هيءَ ڪائنات ڪنهن ڪوريئڙي جو ماڃار لڳندي آهي، جنهن ۾ انسان ڪنهن جيتڙي وانگر ڦاسندو ڦٿڪندو نظر ايندو آهي. چنڊ آسمان ۾ ائين هلندو نظر ايندو آهي، گويا ڪيس ڪوئي ڪُنڍي وجهي ڪنهن ازلي منزل ڏانهن ڇڪي رهيو آهي- مان به پنهنجيءَ منزل جي تلاش ۾ هن جي پنيان ڪيئي منزلون طئي ڪري ويندو آهيان. ساري رات انهيءَ سفر ۾ طئي ٿيندي آهي، ۽ منهنجن ڇپرن جي ڇانوَ ۾ پرهه ڪر موڙيندي نظر ايندي آهي.

ادڙا، چنڊ مون کي ڪائنات جي ازلي اک وانگر لڳندو آهي، جا مون ڏانهن گهوريندي رهندي آهي، ۽ مان پنهنجي خوف ۾ تارن پرين راتڙين جو سهارو وٺندو آهيان. اڄ به اٽيهين اونداهي آهي ۽ مان توکي ٻتيءَ جي ڏيميءَ جوت ۾ هيءُ خط لکي رهيو آهيان. شايد تنهنجي زندگيءَ ۾ مان پهريون شاعر آهيان، جنهن کي چانڊوڪيءَ کان چڙ آهي. پر، ان هوندي به منهنجي شاعريءَ ۾ هر جڳهه چانڊوڪيءَ

KARACHIEDU.COM

جو ذڪر آهي! ڇو؟ شايد مون کي چانڊوڪي بيحد پياري آهي! شايد چانڊوڪيءَ ۾ نند ۾ رقابت جو جذبو آهي. تنهنڪري! ادڙا، مان هڪ خستہ تن ۽ خستہ دل انسان آهيان: مون کي ننڍڙي وڏيڪ پياري آهي.

تنهنجو پنهنجو-

(’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ تان ورتل)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. هن خط ۾ ڪهڙي منظر نگاري ٿيل آهي؟
2. هي خط پڙهڻ کان پوءِ اوهان جي ذهن ۾ ڪهڙو تاثر اُڀري ٿو؟
3. عام ۽ ادبي خط ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
4. شيخ اياز جي ادبي خطن جي مجموعي جو نالو ڇا آهي؟
5. اوهان ڪو ٻيو اهڙو ادبي خط پڙهيو هجي ته ان بابت ٻڌايو.

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

ازلي سنسار مها جوت رقابت خستہ تقاضا

### (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

* اتي مان وار ڪيڻ * اجا ڪارا پڌرا ٿيڻ
* اک لڳڻ * باغ باغ ٿيڻ

### (د) پنهنجي دوست ڏانهن اِي ميل جي ذريعي سنڌيءَ ۾ خط لکي ڪيس ڪنهن تاريخي ماڳ بابت احوال ڏيو.

KARACHIEDU.COM

(ه) اوهان پنهنجي دوست ڏانهن ادبي خط لکو، جنهن ۾ مينهن وسڻ جي منظر بابت پنهنجا تاثرات بيان ڪريو.

(و) ’ڪتابي ميلو‘ جي موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ هڪ مضمون لکو.

### ياد رکو ته :

خط جي جديد لغوي معنيٰ آهي، ’لِکٽيءَ ۾ لکت جو نمونو‘. ادبي خط، ادب جي هڪ اهڙي پياري صنف آهي، جنهن جي نثر ۾ شعرُ ، شعرَ ۾ پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ ۾ دل جي گهراين جي اُپٽار ملي سگهي ٿي. ادبي خطن ۾ ليکڪن جي بحث جو دائرو دانشوراڻو هوندو آهي.

### استاد لاءِ هدايت:

شاگردن کي خط ۽ درخواست جا ڪجهه نمونا ڏئي سمجهائي.

KARACHIEDU

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ



وفات: 1752ع

ولادت: 1690ع

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ مٽياري ضلعي (اڳوڻي حيدرآباد) جي ڀَئين پور ڳوٺ ۾ 1102 ھ / 1690ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو شاهه حبيب هو. شاهه حبيب جي وفات کان پوءِ، شاهه عبداللطيفؒ ڀٽ شاهه کي پنهنجو مسڪن بڻايو. هڪ روايت آهي ته شاهه سائين اُمي هو! پر ان بابت مختلف عالمن، مختلف رايا ڏنا آهن. ڪن ڪيس يگانو عالم سڏيو آهي ته ڪن صاحبن جي راءِ ۾ ڪيس ’علم لُدني‘ حاصل ٿيل هو، جيڪو ڌڻيءَ طرفان ڪامل ولين کي عطا ٿيندو آهي. شاهه سائينءَ سان ٽي ڪتاب سدائين ساڻ هوندا هئا: قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو. ’شاهه جو رسالو‘ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو عظيم دستاويز آهي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾فني ۽ فڪري گهِرائي سيني کان نرالي آهي. سندس ڪلام ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. شاهه صاحب سڄيءَ سنڌ جو پيرين پيادو سير سفر ڪيو ۽ عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ وغيره جو مشاهدو ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ پلٽيائين. سنڌ جا ماڻهو ڪيس عقيدت وچان ڀٽائي گهوٽ، لاکيڻو لطيف ۽ لائون لال لطيف جي نالن سان ياد ڪن ٿا. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ 14 صفر 1165ھ/ 1752ع تي وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هينين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاھ سائينءَ جي شاعريءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
2. شاھ سائينءَ جي ’سنگھارن‘ مان ڇا مُراد آهي؟
3. شاھعبداللطيفڀٽائيءَ جي سُرسارنگ جي بيتن ۾ ڪهڙو پيغام ڏنل آهي؟
4. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ سارنگ جي بيتن ۾ مِينهن جي منظر نگاري ڪيئن ڪئي آهي؟

### (ب) تجنيسِ حرفي:

حرف لفظ جي معنيٰ ’اکر‘ آهي. ’تجنيس حرفي‘ مان مراد ’ڪنهن شعر جي هر لفظ جي مُنڍ ۾ ساڳين اکرن جو استعمال هجي.‘

جيئن: ڪن ڪٽ ڪاپٽ ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڪن چير.

مٿئين بيت جي سٽ جو هر لفظ ’ڪ‘ جي اکر سان شروع ٿئي ٿو. ان ڪري اها ’تجنيسِ حرفي‘ آهي.

توهان شاھ صاحب جي ڏنل بيتن منجھان ’تجنيسِ حرفي‘ واريون سِٽون ڳوليو.

### سرگرمي:

☜ شاھ صاحب جا ڪجھ بيا بيت شاھ جي رسالي مان چونڊ ڪري لکو.

# ميان سرفراز ڪلهوڙو



ولادت: 1751ع وفات: 1777ع

ميان سرفراز ڪلهوڙو سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو فرزند هو. سندس جنم 1751ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هو ڪيترين ئي زبانن جو ڄاڻُو هو. هُو سنڌي شاعريءَ ۾ 'مداح' جو موجد آهي. مداح هُن قيد دوران لکي. ميان سرفراز ڪلهوڙي 1777ع تي وفات ڪئي ۽ سندس مقبرو حيدرآباد سنڌ ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# مداح

**سکيا جي حاصلات**

ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. مداح جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

بسم الله لڳ الله ، مُحمّد شاهه ڪر پناهَه پرين تون،
مَنجهه درگاهه ڪيم آهَه، متي راهَه رسين مون،
پـلا ڄـامَ هـن غـلامَ سندو سـوال سُـڻج تـون!

************

آهيــان ڏڌ غمـن ڳـڌ، سـچا سَـڌ سُـڻج تــون،
پَسـي پـاڻ ڪـرم سـاڻ، ڏکيـا ڏاڻ ڏئـين مـون،
پـلا ڄـامَ هـن غـلامَ سندو سـوال سُـڻج تـون!

************

لنگهيـا لـڪ، لتـا شـڪ، هلـي حـق ڳڏياسـون،
فـي الحـال، مَنجهه وصـال، اچي مُحـب ملياسـون،
پـلا ڄـامَ هـن غـلامَ سندو سـوال سُـڻج تـون!

************

ســچار ۽ موچــارَ جــي مهنــدارَ ليکيـا مـون،
تــن مِــڙن، پـلارن سَـندو مُهــڙُ آهــين تــون،
پـلا ڄـامَ هـن غـلامَ سندو سـوال سُـڻج تـون!

************

نـه سا خلقَ نـه ڪي مَلڪ، نـه ها فلڪ، زمينـون،
تنهنجــو نــورُ تيــو ظهُــور آڳـاتو سـيني ڪئـون،
پـلا ڄـامَ هـن غـلامَ سندو سـوال سُـڻج تـون!

************

KARACHIEDU.COM

بسم الله سين مداحَ، تنهنجي شاهَہ چئي سُون،
هيءَ ساراهَہ لڳ الله، ڪر قبول، هتان مون،
يلا جامَ، هن غلامَ، سندو سوال سُٽج تون!

************

’سرفراز‘ ڪي اُداس، آهي آس، اوهان ڏُون،
راهَہ راس، بند خلاص، خوبي خاص ڏئين مُون،
يلا جامَ، هن غلامَ، سندو سوال سُٽج تون!

************

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1. ميان سرفراز ڪلهوڙو ڪهڙي صنف جو شاعر آهي؟
2. ميان سرفراز ڪلهوڙي جو مقبرو ڪٿي آهي؟
3. مداح مان ڇا مراد آهي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

سُٽج ڏڌ ڏاڍ مهندار فلڪ ظهور مُهڙ خلاص

**(ج) ميان سرفراز ڪلهوڙي جي ’مداح‘ جو خلاصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.**

**ياد رکو ته:**

’مداح‘ عربي لفظ ’مدح‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ساراهہ يا واکاڻ‘. مداح ۾ حضوراڪرم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ وَآلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ ٻين بزرگن ۽ ولين جي شان ۾ ساراهہ ڪئي ويندي آهي.

KARACHIDU.COM

# سچل سرمست رح



ولادت: 1739ع        وفات: 1827ع

KARACHIEDU.COM

سچل سرمست جو اصل نالو مياں عبدالوهاب هو، پر ننڍي هوندي کان ئي مائٽ کيس 'سچيڏنو' ڪري سڏيندا هئا، ان ڪري پاڻ شاعريءَ ۾ تخلص بہ سچو، سچل ۽ سچيڏنو ڪتب آندو اٿس. فارسي ڪلام ۾ 'آشڪارا' تخلص ڪم آندو اٿس. سچل سرمست سن 1152هه بمطابق 1739ع درازن ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو مياں صلاح الدين هو پيءُ جي وفات کان پوءِ پنهنجي چاچي مياں عبدالحق جي سنڀال هيٺ رهيو، جنهن کان روحاني فيض پرايائين.

سچل کي 'هفت زبان شاعر' سڏيو ويندو آهي. سچل سرمست بيت ۽ ڪافيءَ جو باڪمال شاعر هو.سندس ڪلام ۾ رندي ۽ بيباڪي جهجهي آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ رس رچاءُ، رواني ۽ فڪر جي اونهائي آهي. سچل سرمست 14 رمضان، سن 1242هه بمطابق 1827ع تي درازن ۾ وصال ڪيو.

# مارئيءَ جا بيتَ

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنھن بہ فن پاري جو مرڪزي خيال لکي سگھي. 
- بيت بابت ڄاڻي سگھي.
- بيت مان لطف اندوز ٿي سگھي.

ساريم اڄ سنگھار، جن ڏني مون ڏينھن ٿيا!
سي ھي لڪَ لنگھي پيھي ويا، پانور منجھ پھنوار،
ھٺي وينا پڪڙا، ھت سڪ ٿي اڄوار،
جن جي ساھ سنيار، سي اڄ پھنوار پري ٿيا!

************

پھنوارن پيغام، جيڪر مُڪا تڏھين،
پر مون ڪا اڄ پري ٿيا، ويڙھيجا وريامَ،
تيلھان مون ڏي نہ آيا، ڏنھن سنگھارن سلامِ،
ھئا ملير مدامَ، پر ڪو سانگِن اڇي سانگ پيو.

************

تڏھن مُڪائون، جيڪر مون ڏي خاصا خابرو،
لھڻ سُڌ سنگھار جي، نڪو پانڌي پُنيائون،
پر پري شايد پھنوار ويا،جو سُڌ نہ لڌائون،
پڪا پانور ڪنڌئين، نئين ھيجئون ھنيائون،
ڇڏي ملڪ ملير ويا، ھُن تر تيلھائون،
ائين اتائون، تہ ھُنَ ڏر ڏريجو ناھ ڪو.

************

ڪڏھن ڏيھ ڏنامِ، تي ساعت ساعت سومرا،
مارو ڪالھ ملير ۾، پر پري اڄ پيام،
آھن ڪِين انھن ريءَ،اڪڙين ۾ آرام،
سدا وتن سِڪنديون، پر سانيڻ سُور تيام،
سي پڻ ڪيڻ ويامِ، تي جن سان گرھيم ڳالھڙيون،

************

KARACHIEDU.COM

جـي هونـد اتيئـي، هئا مـارُوئڙا مليـر ۾،
سُـڌ لـڌائون سِـگهڙي، حـال ٻـڌي هيئـي،
پـر تـر چڙهي ويئي، جيڪَس، وسئن ويڙهيچن جي.

************

## مشق

### (الف) هينئين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سچل سرمست شاعريءَ ۾ ڪهڙا تخلص ڪم آندا آهن؟
2. سچل سرمست جي بيتن ۾ مارئي پنهوارن کي ڪهڙا ڏورايا ڏئي ٿي؟
3. مارئي جو ڪردار ڇا جي علامت آهي؟
4. سچل سرمست جي مارئيءَ جي بيتن ۾ ڪهڙو پيغام ڏنل آهي؟

### (ب) هينئين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. سچل سرمست فارسيءَ ۾ تخلص ڪتب آندو آهي.
(1) سچيڏنو (2) سچل (3) آشڪارا (4) سچو.
2. سچل جا هي بيت بابت آهن.
(1) انقلاب بابت (2) حب الوطني بابت (3) جاڪوڙ بابت (4) تعليم بابت
3. سچل سرمست جي والد جو نالو هو.
(1) ميان عبدالوهاب (2) ميان صلاح الدين
(3) ميان عبدالله (4) ميان علاؤالدين.

### سرگرمي:

سچل سرمست جي ڏنل مارئيءَ جي بيتن جو مرڪزي خيال لکو ۽ بيان ڪريو.

### ياد رکو ته:

بيت جي معنيٰ آهي ’گهر‘، اصطلاحي معنيٰ موجب ٻن يا وڌيڪ سٽن جي سنڌي شعري صنف آهي. ’بيت‘ سنڌي شاعريءَ جي اهم ۽ بنيادي ۽ قديم صنف آهي. بيت جي ذريعي شاعر پنهنجي جذبن، احساسن، امنگن، خوشين ۽ ارمانن جو اظهارڪندوآهي.

KARACHIEDU.COM

# سامي

جنم: 1743ع | لاڏاڻو: 1850ع

هن درويش جو نالو ڀائي چين راءِ بچو مل لُند هو. پنهنجي گروءَ سوامي مينگهراج ٻانڻ جي نالي کي شرف ڏيڻ لاءِ شاعراڻو نالو يا تخلص ڪڏهن ’سامي‘ ته ڪڏهن ’ٻانڻ‘ ڪم آندو اٿس. ڀائي چين راءِ 1743ع شڪارپور ۾ ڄائو ۽ سن 1850ع ۾ اتي ئي 107 سالن جي عمر ۾ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو . هن جيڪي بيت چيا آهن تن کي ’ساميءَ جا سلوڪ‘ سڏبو آهي. اهي ڏاڍا سُپڪ، سوادي ۽ روحاني رمزن وارا آهن.

KARACHIEDU.COM

# مايا

**سکيا جي حاصلات**

ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. ڪنهن ادب پاري جي باري ۾ مرڪزي خيال ۽ ان ۾ موجود نُڪتن کي پوريءَ ريت سمجهي سگهي. بيتن مان لطف اندوز ٿي سگهي. تجنيسِ تام بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

مايا ڀُلائي، وِڏو جيءُ ڀَرَمَ ۾،
اڻ هوندي درياءَ ۾، غوطا نِت کائي،
سامي ڏسي ڪِينَ ڪِي، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
ستگُر جاڳائي، ته جاڳي جُڙي پاڻ سان.

************

مايا ڀُلائي، وِڏو جيءُ ڀَرَمَ ۾،
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، ويٺو وڃائي،
سپني ۾ سامي چئي، ڪوٽ جنم پائي،
اَوديا پَٽ لاهي، جاڳي ڏسي ڪِينَ ڪِي.

************

مايا ڀُلائي، وِڏا جيءُ ڀَرَمَ ۾،
سامي ڏسي ڪو نه ڪو، منهن مڙهيءَ پائي،
جنهن کي اَوديا ننڊ مون،ستگُر جاڳائي،
سو ويهي وڃائي، نگارو نِرباڻ جو.

************

مايا ڀُلائي، وِڏا جيءُ جَهان جا،
نانا روپ رچي ڪري، وينا نت ناهي،
پاٽو واٽو مَتِ ڪي، سيکو وڏائي،
مُنهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪو نه ڪو.

************



KARACHIEDU.COM

مايا سڀ موهي، جيءَ کيا وَس پانهنجي،
وڌائين وَلَ ڇَلَ سان، انتا ٻِڌي توئي،
ڏيئي ڏجها پاڻ کي، ڪن هوئي هوئي،
اُتم ڏِن ڪوهي، مورک وينا مَتِ ري.

************

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ساميءَ جي شاعريءَ کي ڇا تو چئجي؟
2. 'مورک وينا مت ري' جو مطلب ڇا آهي؟
3. سامي 'مايا' بابت ڇا تو چئي، پنهنجي لفظن ۾ لکو.
4. مايا جي موه کان ڪيئن بچجي؟

### (ب) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1. ساميءَ جو اصل نالو هو.

(1) سوامي مينگهراج (2) ڀائي چين راءِ
(3) ساڌو نولراءِ (4) تاراچند شوقيرام

2. سامي ڄائو.

(1) لاڙڪاڻي ۾ (2) حيدرآباد ۾
(3) جيڪب آباد ۾ (4) شڪارپور ۾.

3. ساميءَ جي شاعريءَ کي چئجي ٿو.

(1) ساميءَ جو رسالو (2) ڪلياتِ سامي جو پيغام
(3) ساميءَ جا سلوڪ (4) ساميءَ جو ڪلام.

KARACHIEDU.COM

## (ج) تجنيسِ تام:

’تام‘ لفظ جي معنيٰ ’جاڙو جمڻ‘ يا ’ڪپڙي جي ٻنهي ڪنن ۾ هڪ جهڙو اُڻڻ‘ آهي.تجنيسِ تام مان مراد، ٻه يا ٻن کان وڌيل معنوي فرق رکندڙ اهڙا لفظ ڪم آڻڻ جيڪي لکت جي لحاظ کان پاڻ ۾ هوبهو جاڙا يا هڪ جهڙا هجن.

جيئن: وارَ چـــوڙي جـــي مـــون تـــي وارَ ڪـــرين،
خـــوش ٿيـــان جـــي هـــزار وارَ ڪـــرين

مٿئين شعر ۾ ساڳين زيرن- زبرن سان لفظ ’وارَ‘ ٽي دفعا ڪم آيو، جڏهن ته انهن جي معنيٰ مختلف ٿيندي.

توهان ڪنهن اهڙي شعر جي چونڊ ڪريو جنهن ۾ تجنيسِ تام جو مثال موجود هجي.

## (د) هيٺ ڏنل بيتَ جي سمجهاڻي لکو:

مايـــا ڀُلائـــي، وِڏا جـــيءَ جهـــانَ جـــا،
نانـــا روپ رچـــي ڪـــري، وينـــا ٺـــڳَ ٺـــاهي،
پـــاڻو واڻـــو مَـــتِ ڪـــي، ســـيڪو وڏائـــي،
مُـــنهن مڙهـــيءَ پـــائي، سامي ڏســـي ڪونـــه ڪـــو.

KARACHI

# سيد ثابت علي شاهه

ولادت: 1740ع وفات: 1810ع

سيد ثابت علي شاهه 1740ع ۾سيوهڻ ۾جائو. سندس وڏا اصل ملتان شهر جا رهاڪو هئا. پاڻ مولوي مداح کان شعر جي اصلاح وٺندو هو. تنهن کان سواءِ تفسير، حديث ۽ فقه جي تعليم پڻ ورتائين. سنڌي مرثيه گوئيءَ ۾ سندس ٻيو ڪوبہ مَٽ ڪونهي. اِن کان سواءِ قصيدا پڻ لکيا اٿس. 27 جمادي الثاني 1225هه (1810ع) سيوهڻ ۾ وفات ڪيائين.سندس مدفن سيوهڻ ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# مرثيو

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي، خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- مَتن کي سمجهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- مرثيي جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان!
ڪيئن ڏنئه نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان!

************

هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسيءَ جا جزاءِ،
هي رسول الله جا شمس و قمر اي آسمان!

************

مرتضيٰ مولا جا هي سر ساهه ۽ تنهن نور عين،
فاطمه زهرا جا هي جان و جگر اي آسمان!

************

هن سرن کي نت نبي صلوات جا بخشيا ثواب،
تن جي پارت ڪيائين با جن و بشر اي آسمان!

************

جڏ علي اصغر ڏنئه تي تير سان رت ۾ بدل،
چو نه ان جي تير جي تون ٿيئن سپر اي آسمان!

************

جڏ ڏنئه عباس پياسن ڪاڻ پاڻيءَ تي ڪُنو،
توکي رڻو هو، جي هو تو ۾ ککر اي آسمان!

************

منهن ڏنئه اڪبر جو هو ساڳيو مثال مصطفيٰ،
ڪيئن ڏنئه نيزي تي، پنهنجي رت ۾ تر اي آسمان!

************

سر حُسين ابن علي هو، سڀ جي اڳ ۾ نيزه سر،
پر سندس ۾ پائيتا ۽ سڀ جگر اي آسمان!

************

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سيد ثابت علي شاهه ڪهڙي صنف جو شاعر هو؟
2. سيد ثابت علي شاهه آسمان سان مخاطب ٿي ڇا چيو آهي؟
3. هن مرثيي ۾ شاعر ڪهڙي واقعي جو ذڪر ڪيو آهي؟

### (ب) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1. سيد ثابت علي شاهه ڄائو:

(1) 1745ع ۾ (2) 1740ع ۾
(3) 1747ع ۾ (4) 1748ع ۾

2. سيد ثابت علي شاهه جا وڏا هئا:

(1) سيالڪوٽ جا (2) ملتان جا
(3) اُچ شريف جا (4) شڪارپور جا

3. سيد ثابت علي شاهه دفن ٿيل آهي:

(1) روهڙيءَ ۾ (2) ملتان ۾
(3) سيوهڻ ۾ (4) حيدرآباد سنڌ ۾.

KARACHIEDU.COM

**ياد رکو ته:**

مرثيو عربي زبان جي لفظ 'رثا' مان ورتل آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، 'ڪنهن جي وفات تي روئي سندس خوبيون بيان ڪرڻ'. هن نظم ۾ شهيد يا ڪنهن مائٽ، دوست جي وفات جو واقعو پُر درد طريقي سان بيان ڪيو ويندو آهي.

**استاد لاءِ هدايت:**

استاد شاگردن کي مرثيي جي وصف ۽ مرثيي ۾ ڪم ايندڙ مضمون بابت سمجهائي.

# میر عبدالحُسین ’سانگي‘



ولادت: 1851ع

وفات: 1924ع

میر عبدالحُسین ’سانگي‘ جي والد میر عباس علي هِڪ انگریز خاتون سان ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾، نظربنديءَ دوران شادي ڪئي. جنهن مان 1851ع ڌاري میر عبدالحُسین خان پيدا ٿيو. 1857ع ۾ والد جي وفات ڪان پوءِ هو پنهنجي چاچي میر حسن علي خان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ سندس سنڀال هيٺ رهڻ لڳو. حيدرآباد ۾ چڱي تعليم حاصل ڪيائين، سرڪار وٽان کيس اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽيءَ جو عهدو مليو.

’سانگي‘ کي ننڍپڻ کان وٺي شاعريءَ جو شوق هو. اڳتي هلي ’سانگي‘ پنهنجي دور جي وڏن شاعرن ۾ ليکجڻ لڳو. سنڌ جا ناميارا شاعر جهڙوڪ: حافظ حامد تکڙائي، سيد مرتضيٰ شاهه ’مرتضائي‘، غلام محمد شاهه ’گدا‘، پير صاحب ڏنو شاهه بلڙائي سندس محل ۾ گڏجي شاعراڻيون محفلون ڪندا هئا. هن سنڌي غزل ۾ نواڻ آندي، هن کي سنڌي غزل جو بادشاهه سڏجي ٿو. هن شاهه لطيف جي زندگيءَ ۽ فڪر تي فارسيءَ ۾ ’لطائف لطيفي‘ ڪتاب پڻ لکيو آهي. سندس ٻين ڪتابن مان ’ديوان سانگي‘ ۽ ’ڪليات سانگي‘ ڪافي مشهور آهن، جيڪي ڇپجي چڪا آهن. سانگي صاحب 12 جون 1924ع ۾ وفات ڪئي. هُو ڀٽ شاهه ۾شاهه لطيف جي مقبري جي پرسان دفن ٿيل آهي.

KARACHIEDU.COM

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنڪاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- غزل مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- مَتن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- 'قافيي' جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

آهي دنيا ۾ جي رهڻ واجب،
سُور تَنهن جا آهن سهڻ واجب.

اهل نظرن کي جا اچي مرغوب،
چال اهڙي آهي چلڻ واجب.

توڙي دريائي يا سمند هجي،
ٿيو طلب يار ۾ ترڻ واجب.

ٿِندِ مان ڪن جي ٿوٺ ٿيلارا،
انهيءَ ٿولي کان ٿيو ٿرڻ واجب.

نيڪ و بد جيڪي ڪو چوي سو چوي،
تَنهن تي هرگز نه ڪن ڪرڻ واجب.

رات کي ڏينهن، ڏينهن کي چئُه رات،
راڄ ۾ جي اٿئي رهڻ واجب.

آشنائيءَ جا وڻ ٻه ويا وڍجي،
پِرت کان پاڻ کي پلڻ واجب.

پهلوانيءَ جو وقت ويو گذري،
آهي ڏِنگڻ کان ٿيو ڏرڻ واجب.

'سانگي' آهي صلاح تان ڪنهن کي،
سور ناهن ڪڍهن سَلڻ واجب.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. مير عبدالحُسين سانگي ڪٿي ڄائو؟
2. مير عبدالحُسين سانگيءَ کي ’سنڌي غزل جو بادشاهه‘ ڇو ٿو سڏيو وڃي؟
3. ميرعبدالحُسين سانگي لطيف سائينءَ جي زندگي ۽ فڪر تي ڪهڙو ڪتاب لکيو آهي؟
4. شاعر هن غزل ۾ زندگي گذارڻ لاءِ ڪهڙيون صلاحون ڏنيون آهن؟ تن کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

مرغوب      واجب      آشنائي      پِرت      پهلواني      سَلڻ

### (ج) قافيو:

قافيي لفظ جي معنيٰ آهي ’پٺيان هلڻ‘. شاعريءَ ۾ ڪم ايندڙ اهڙا مختلف لفظ جن جي پڇاڙيءَ جا آواز هڪجهڙا هجن، تن کي ’قافيو‘ چئبو آهي. جيئن: سرهاڻ - مهراڻ، سرواڻ - ڪلياڻ وغيره.

توهان پڙهيل مرثيي مان قافين جي نشاندهي ڪريو:

### استاد لاءِ هدايت:

شاگردن کان ڪنهن ٻئي غزل مان قافيي جي سڃاڻپ ڪرائي وڃي.

# محمد صديق ’مسافر‘



ولادت: 1879ع

وفات: 1961ع

KARACHIEDU.COM

محمد صديق ’مسافر‘ ولد گلاب خان ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ 1879ع ۾ڄائو. 1934ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو. تصنيف ۽ تاليف ڪاميٽيءَ ۾ پاڻ ميمبر هو. شاعر، نقاد، نثرنويس ۽ بهترين استاد هو. مسافر اعليٰ پايي جو شاعر هو. هُن ڪيترائي نظم ۽ گيت لکيا آهن، ٻارن لاءِ لکيل سنڌس ڪيترائي نظم درسي ڪتابن ۾ آهن. هُو ’اخبار تعليم‘ جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سن 1961ع ۾ وفات ڪيائين.

# نظم

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. تجنيسِ ناقص جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. تخلص جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

ويساک جو مهينو، جنهن ۾ لُڪون ۽ جهولا،
جڻ آسمان اڇليا، تي گرم گرم گولا،
گذريو ٿي ڏينهن ڏکيرو، پر رات جو به رولا،
ڪن ڪي پکا هٿن ۾، ڪن جا کُڏن کٽولا،

”تڏڪار ڪا ٿئي“ هئي، اي وات سڀ جي وائي،
”ري مينهن مهر“ جي بي آذر سُجهي نه ڪائي.

هارين هِنيان لهي ويا، دل سست ڪئي سنگهارن،
پروردگار پل پل، پي ياد ڪيو پوکوارن،
ٿي بيقرار فطرت، پسنديئي بيقرارن،
پيو ترتلو فلڪ ۾، منجهه نکترن سيارن،

ات عرش جو هِنيون پڻ بي اختيار ٿي پيو،
هارڻ هنجن جي ڪارڻ، تهدل تيار ٿي پيو.

مولِي جي مهر برسي، ڌرتيءَ جي اُڃ اُجهاڻي،
سرسبز سينو ان جو، مرڪي هينئر نماڻي،
تر بر تلا ترائين، پلٽيو پلر جو پاڻي،
گل ڦل ٽِڙيا ولين ۾، وٽڪار موج ماڻي،

برسات ريءَ بُڪن ۾، جي ٿي ويا ها پورا،
ٽِپيو ڏين ٿا تاڏون، اڄ ڍور سي سمورا.

KARACHIEDU.COM

أُپي ڪـي ڏنـي امانـت، ذرتـيءَ بخـار سـان جـا،
أُپي ڪـئـي ادا امانـت، لـڙڪن قطـار سـان سـا،
قدرت ڪشش ٻنهي ۾، ڪئي اهڙي ڪار سان ڪا،
ڪثـرت ۾ نقطـو وحـدت، لاتـائين تـار سـان چـا،

پـوءِ مـوج ۾ ’مسـافر‘، برسـات چـو نـہ آئـي؟
تـو ذرو ذرو جـنهن جـو، تـن کـي تکـو ئـي تـاڻي.

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. نظم ۾ محمّد صديق مسافر برسات ۽ فطرت جي منظرنگاري ڪهڙي ڪئي آهي؟ ان بابت لکو.
2. نظم جي پهرئين ۽ ٽئين بند ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ڪهڙو فرق آهي؟ بيان ڪريو.
3. محمد صديق مسافر جي هن نظم جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟
4. هن نظم کي پڙهي مناسب عنوان ڏيو.

## (ب) هيٺ ڏنل بند جي سمجهاڻي لکو:

* هارين هِنيان لهي ويا، دل سست ڪئي سنگهارن،
پروردگار پل پل، پي ياد ڪيو پهنوارن،
ٿي بيقرار فطرت، پسنديئي بيقرارن،
پيو ٿرٿلو فلڪ ۾، منجهه نڪترن سيارن،
ات عرش جو هِنيون پڻ، بي اختيار ٿي پيو،
هارڻ هنجن جي ڪارڻ، تهدل تيار ٿي پيو.

KARACHIEDU.COM

## (ج) تجنيسِ ناقص:

ناقص جي معنيٰ ’گهٽايل، ڳاريل‘ آهي. ڪنهن شعر يا بيان ۾ اهڙا معنوي فرق رکندڙ ساڳيا لفظ، جن جي زيرن زبرن ۾ فرق هجي، ان کي ’تجنيسِ ناقص‘ چئبو آهي.

**جيئن:** وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو.

مٿين سِٽ ۾ ساڳي شڪل وارن لفظن: ’وَرَ‘ ۽ ’وَرُ‘ ۾ زيرن زبرن جو فرق آهي،تنهنڪري ان کي’تجنيس ناقص‘ جو مثال سڏبو.

توهان اهڙا ڪي بيا مثال ڏيو.

### سرگرمي:

☜ شاعر جي قلمي نالي کي ’تخلص‘ چئبو آهي، شاعر اڪثر ڪري پنهنجي غزل يا نظم جي آخري شعر ۾ تخلص استعمال ڪندو آهي. توهان محمّد صديق ’مسافر‘ جو اهو شعر لکو جنهن ۾ هُن پنهنجو تخلص استعمال ڪيو آهي.

KARACHI...

# ڪشنچند ’بيوس‘



جنم: 1885ع

لاڏاڻو: 1947ع

KARACHIEDU.COM

ڪشنچند تيرٿ داس ڪتريءَ 1885ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل ملتان جا هئا. سندس پڙڏاڏو اٽڪل 18 صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو. فائينل پاس ڪري پرائمري ماستر ٿيو. ٽي سال ٽريننگ ڪاليج جا پاس ڪري، هيڊ ماستريءَ تائين پهتو. 1940ع ۾ پينشن ورتائين، ان ڪان پوءِ طب جو ڌنڌو شروع ڪيائين. ڪشنچند ’بيوس‘ جديد سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. هُن جي نظمن ۾ رواني ۽ موسيقيت آهي. سندس زبان سليس ۽ عام فهم آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڌرتي لاءِ درد آهي. سندس ڪيترائي نظم ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ رکيا ويا آهن. بيوس جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’شيرين شعر‘ آهي. هُو 23 سيپٽمبر 1947ع تي پرلوڪ پڌاري ويو.

جنهن تي نه نقش ساز کي کو ناز تو رهي،
رازو ڏکڻ نه جنهن تي کو لوهار تو وهي،
چوني، پٿر يا سر جو نه سر بار تي سهي،
”محصول جاءِ“ ڳاهه جي هيٺان نه جا ڳهي،

مسواڙ بي مهار جي آهي نه جا پڙي،
الا! جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!

سج چنڊ واجهه تو وجهي جنهن جي وٿين منجهان،
ترڪيو اچن تا ترورا تارن ڪتين منجهان،
ٽُڪا ڪنڊي پچي هوا جنهن جي پٽين منجهان،
چٽڪار مينهن تو ڪري چٽڪي ڇتين منجهان،

قدرت سندي ڪمال، صحت لاءِ سوڪڙي،
الا! جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!

جنهن ۾ جشن مچي مني ڏوڏي جوار تي،
سادو گذر وجهي نه طبيبن تنوار تي،
پورهيو وجهي تو واڌ وڏيري جمار تي،
غالب پوي نه حرص خوشيءَ جي خمار تي،

’بيوس‘ جتي جلائي نه چنتا جي چوچڙي،
الا! جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1 ڪشنچند ’بيوس‘ جي نظم ’غريبن جي جهوپڙي‘ ۾ ڪهڙي منظر نگاري ٿيل آهي؟

2 شاعر جهوپڙيءَ جي اهميت ڪيئن بيان ڪئي آهي؟

3 ڪشنچند ’بيوس‘ جو هي نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي ٻڌايو.

KARACHIEDU.COM

## (ب) هينين مان صحيح جواب چونڊيو:

1 ڪشنچند ’بيوس‘ ڄائو:

(1) لاڙڪاڻي ۾ (2) حيدرآباد ۾
(3) نوشهروفيروز ۾ (4) شڪارپور ۾

2 ڪشنچند ’بيوس‘ جا وڏا هئا:

(1) سيوهڻ جا (2) سيالڪوٽ جا (3) ملتان جا (4) عمرڪوٽ جا.

3 ’غريبن جي جُهوپڙي‘ شاهڪار نظم آهي:

(1) محمد صديق ’مسافر‘ جو (2) پيرومل ’غريب‘ جو
(3) ڪشنچند ’بيوس‘ جو (4) حيدر بخش جتوئيءَ جو

4 شاعر جي خيال ۾ ’ٻي ڪرف ۾ ڪڙي رهي سوگهي‘:

(1) جُهوپڙي (2) سوڪڙي (3) گهڙِي (4) صندوقڙي

## (ج) نظم ’غريبن جي جُهوپڙي‘ جو تَت لکو:

### سرگرمي:

شاگرد پنهنجا ڇهه گروپ جوڙين، هر گروپ هڪ شعر جي سمجهاڻي لکي، ڪلاس ۾ استاد کي ڏيکاري.

### ياد رکو ته:

’نظم‘ عربيءَ جو لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ’پوئڻ‘. نظم ۾ وزن ۽ قافيي سان ڪيترائي بَند هوندا آهن.هرهڪ بند جو ٻئي بَند سان لاڳاپو هوندو آهي. موضوع جي لحاظ کان نظم ۾ هر قسم جو مضمون اچي سگهي ٿو.

KARACHIEDU.COM

# عبدالڪريم ’گدائي‘



ولادت: 1901ع

وفات: 1978ع

عبدالڪريم ’گدائي‘ ولد بجار خان لاشاريءَ جو جنم ڳوٺ ڪريم آباد تعلقي ٺُل ضلعي جيڪب آباد ۾ 1 جنوري 1901ع ۾ ٿيو. سنڌي زبان جو بُلند پايہ شاعر هو. نظم کان سواءِ نثر بہ لکيو اٿس. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ قديم روايتن ۽ جديد رجحانن جو حَسِين امتزاج ملي ٿو. شعر ۾ وقت جي حالتن ۽ ساڻيهہ جي سُورن، ڏوجهرن ۽ ڏکن جي ڳالهہ ڪئي اٿس. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا آهن.’پکڙا ۽ پنهوار‘،’ساڻيهہ جا سور‘ ۽ ’پيماني تي پيمانو‘. عبدالڪريم گدائي28 جنوري 1978ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# وطن جي اڏاوت

**سکيا جي حاصلات** ڪنهن فنڀاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. مَتن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.

ڇڏي خوابِ غفلت ٿي بيدار هاڻي،
وڃن تنهنجا مَتجي نه آثار هاڻي،
ائين ڪِينَ هلندو هي وهنوار هاڻي،
سڏي وقت توکي پيو يار هاڻي،
گلستان کي پنهنجي نه ويران ڪر تون!
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

هنر باغباني جا، ايجاد ٿيندا،
غم و رنج و ارمان برباد ٿيندا،
بيابان، شاداب و آباد ٿيندا،
ڏکي ديس وارا، ڦري شاد ٿيندا،
اُتي خارزارن کي بستان ڪر تون!
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

جهالت سندي پاڙ پٽبي سراسر،
ودياوان ٿيندو، قبيلي جو هر گهر،
کلي ويندا هر هنڌ اسڪول اڪثر،
وديا سان سڀيئي ڳوٺ ٿيندا منور،
پسن کي علم ساڻ انسان ڪر تون!
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

KARACHIEDU.COM

پکيون صاف سڙڪون، ڪٿي ڪوهه جاري،
ڪٿي واهه، نهرون، ڪندا آبياري،
ڪٿي ڪٽڪ، جانيا، ڪٿي ونئڻ ساري،
عجب ديس پنهنجي ۾، ايندي بهاري،
بيابان، شاداب و خندان ڪر تون.
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

هليو شان سان وڃ، وطن جا سپاهي!
خدا تنهنجو حافظ، وطن تنهنجو واهي!
سگهو آڻ دشمن جي سر تي تباهي!
ڏئي سوڀ جي تو ’گدائي‘ گواهي!
دوبالا وطن جو وجين شان ڪر تون!
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1 شاعر وطن جي اڏاوت لاءِ ڇا تو چئي؟
2 شاعر موجب جهالت جي خاتمي سان ڇا ٿيندو؟
3 هن نظم ۾ عبدالڪريم گدائي اسان کي ڪهڙيون صلاحون ڏئي ٿو.
4 وطن جي سر بلنديءَ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

KARACHIEDU.COM

## (ب) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1 عبدالڪريم گدائيءَ جو جنم ٿيو:

(1) لاڙڪاڻي ۾
(2) شڪارپور ۾
(3) ڪريم آباد ۾
(4) خيرپور ۾

2 عبدالڪريم گدائي جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي:

(1) پکڙا ۽ پنھوار
(2) ٽوٽيءَ جا گيت
(3) شيرين شعر
(4) تحفئه سِنڌ

## (ج) هيٺ ڏنل شعر جو بند مڪمل ڪريو:

* جھالت سنڌي پاڙ ........................،
........................، قبيلي جو هر گھر،
ڪلي ويندا هر هنڌ اسڪول اڪثر،
........................ ڳوٺ ٿيندا منور،
........................ ساڻ انسان ڪر تون!
........................ جو سامان ڪر تون.

KARACHIEDU.COM

# حيدر بخش جتوئي



ولادت: 1901ع وفات: 1970ع

حيدر بخش جتوئي ولد الهداد خان جتوئي ڳوٺ بکو ديرو، تعلقي ڏوڪريءَ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 7 آڪٽوبر 1901ع تي ڄائو. هُن 1927ع ۾ ڏي - جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي- اي (آنرس) ڪئي. روينيو کاتي ۾ ملازمت ڪيائين، مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو. 1945ع ۾ جڏهن ڊپٽي ڪليڪٽر هو ته ملازمت تان استعفيٰ ڏيئي هارين کي حق وٺي ڏيڻ ۽ انهن جي حالتن سڌارڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪيائين.

حيدر بخش جتوئي شاعر ۽ نثر نويس هو. هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا. ’درياهه شاهه‘ سندس شاهڪار نظم آهي.

حيدر بخش جتوئي 21 مئي 1970ع تي وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرامگاهه حيدرآباد سنڌ ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي قُبي جي پاسي ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# درياهہ شاهہ

**سکيا جي حاصلات**

ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. ڪنهن مضمون لکڻ وقت پنجن ڪان مٿي پيراگرافن ۾ پنهنجي مشاهدي، ڄاڻ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.

اچين مانسرور مان ڪشمير ۾،
۽ باغِ عدن واري تصوير ۾،
پرين تنهن ڪي خوشبوءِ اڪسير ۾،
مُفرّح ڪٽي سنڌ لئي سِير ۾،
ڏئين دل کي فرحت، ڏئين روح راحت،
۽ ڪيلاش پربت، منجهان شير شربت،
۽ گلزار گلشن جا آڻين اتاهه!
يلي آئين، جِي آئين درياهہ شاهہ!

*********

تي راوي اچي تنهنجي ديدار تي،
۽ ستلج ۽ جهلم نمسڪار تي،
تيَن مست تيون تنهنجي للڪار تي،
ڪِرن تنهنجي قدمن جي آڌار تي،
تين تو تي قربان، فنا پنهنجي ڪن جان،
ڏين پاڻ پنهنجو، لهن وصل تنهنجو!
جو ميلو سمايل فنا اندر آهہ!
يلي آئين، جِي آئين درياهہ شاهہ!

KARACHIEDU.COM

هـــو اول ۾ تنهنجـــو ســـمندر ۾ گهـــر،
تـــپش عشـــق جـــي پـــر ڪرايئـــي ســـفر،
گهمئـــين ملـــڪ سَهســـين ڏنئـــي شـــهر بـــر،
هماليـــه تـــي ورتـــي تـــو شـــڪلِ-گُهَـــر!
تيـــو پـــاڻي گـــوهر، پيـــو ســـمنڊ انـــدر،
هـــي دنيـــا آ چرخـِــي ســـندي چاڙهـــه لاهـــه!
يلـــي آئـــين، جـِــي آئـــين درياهـــه شـــاهه!

*********

تـــي ســـانوڻ ۾ تـــوکي بهـــاري تئـــي،
بهـــاريءَ ۾ خـــوش خلـــق ســـاري تئـــي،
تـــي ســـاريءَ ســـان ڌرتـــي بـــه ڪـــاري تئـــي،
تـــي هـــر ڪـــا زمـــين بـــرک واري تئـــي،
بنيـــون ريـــلج ڪـــانئن، ســـگهو اَنُ اُپـــائن،
پـــرن واهـــه ريـــلا، ڪـــري جهنـــگ ٻـــيلا،
تئـــي جهنـــگ جهـــر پـــاڻي تـــو چـــار ماهـــه،
يلـــي آئـــين، جـــي آئـــين درياهـــه شـــاهه!

*********

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. حيدربخش جتوئي ’درياهه شاهه‘ نظم ۾ ڪهڙي منظر نگاري ڪئي آهي؟
2. هن نظم ۾ شاعر سنڌو درياهه کان سواءِ ٻين ڪهڙن درياهن جو ذڪر ڪيو آهي؟
3. حيدر بخش جتوئي نوڪريءَ تان استعفيٰ ڇو ڏني؟

KARACHIEDU.COM

## (ب) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1 حيدربخش جتوئي جو جنم ٿيو:

(1) نئين ديري ۾ (2) رتي ديري ۾
(3) بکي ديري ۾ (4) بنگل ديري ۾

2 حيدربخش جتوئيءَ ملازمت ڪئي:

(1) تعليم کاتي ۾ (2) روينيو کاتي ۾
(3) صحت کاتي ۾ (4) مڪاني کاتي ۾

3 حيدربخش جتوئي جو مشهور نظم آهي:

(1) انقلاب (2) درياهه شاهه
(3) شهر آشوب (4) زندگي

4 حيدربخش جتوئي وفات ڪئي:

(1) 1968ع ۾ (2) 1969ع ۾
(3) 1970ع ۾ (4) 1971ع ۾

### سرگرمي:

☜ ’سنڌو درياهه‘ بابت مضمون لکو.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد ٻارن کي ’سنڌو درياهه‘ جي تاريخ ۽ درياهه جي اهميت ۽ افاديت بابت ٻڌائي.

KARACHIEDU.COM

# غلام احمد نظامي

ولادت: 1895ع　　　　وفات: 1950ع

غلام احمد ’نظامي‘ لاڙڪاڻي ۾ 15 جون 1895ع تي ڄائو. سندس پيءُ جو نالو محمد صديق آهي. نثر توڙي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيل اٿس. ’بياض نظامي‘ ۽ ’رياض نظامي‘ سندس شاعريءَ جا ڪتاب آهن. 1950ع تي وفات ڪيائين.

KARACHIEDU.COM

# سچائيءَ جو انعام

**سکيا جي حاصلات**
- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- نئين مَتن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- 'مطلع' ۽ 'مقطع' جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

سچائيءَ جو جيڪو طلبگار ٿيندو،
اهو باغِ جنت جو حقدار ٿيندو،

خدا کان سواءِ مهل مشڪل ۾ ڪوئي،
نه حامي نه ساٿي مددگار ٿيندو،

رهيو جي بشر ڪو به غافل جهان ۾،
مصيبت ۾ آخر گرفتار ٿيندو،

ڏسي تنگدستي ۾ ۽ مفلسيءَ ۾،
پڇي ياءُ ڪان ياءُ بيزار ٿيندو.

سدا ڀروسو جنهن جو آهي خدا تي،
سو دريائي غم مان تري پار ٿيندو.

ڪندو قوم جي جيڪو خدمت هميشه،
اهو ملڪ و ملت جو مهندار ٿيندو.

اچي پيش پوندو عَدو خود ادب سان،
جڏهن هِي سُتل بخت بيدار ٿيندو.

طفيل محمد 'نظامي' خدا جو،
يقيناً قيامت ۾ ديدار ٿيندو.

KARACHIEDU.COM

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاعر نظم ۾ قوم جي خدمت بابت ڇا چيو آهي؟
2. اسان پاڻ ۾ بيداري ڪيئن آڻيون؟
3. شاعر هن نظم ۾ نوجوانن کي ڪهڙي نصيحت ڪئي آهي؟

## (ب) مطلع ۽ مقطع:

شاعريءَ ۾ غزل جي شروعاتي هم قافيه بن سِٽن کي ’مطلع‘ ۽ تخلص وارين آخري بن سٽن کي ’مقطع‘ چئجي ٿو. ’مطلع‘ عربيءَ ٻوليءَ جي لفظ ’طلع‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ ’اُڀرڻ‘ آهي. يعني جتان غزل اُڀرندو هجي. ’مقطع‘ بہ عربي ٻوليءَ جي لفظ ’قطع‘ مان آهي، جنهن جي معنيٰ ’ڪٽڻ‘ ختم ڪرڻ، پورو ڪرڻ‘ آهي. مطلب جتي شاعر پنهنجو تخلص ڪم آڻيندي، غزل کي ڪَٽي يا پورو ڪري ٿو.

توهان پڙهيل غزل مان مطلع ۽ مقطع جي نشاندهي ڪريو.

## سرگرمي:

’سچائيءَ جو انعام‘ غزل پڙهي توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو تاثر اُڀري ٿو؟ پنهنجي لفظن ۾ لکو.

# مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘



ولادت: 1919ع　وفات: 1993ع

مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو مخدوم غلام محمد آهي. پاڻ حضرت نوح رح جي سلسلي جا 16 هان سجاده نشين هئا. مخدوم صاحب سياسي، تعليمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن پاڻ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا، طالب المولىٰ هاسٽل هالا ۽ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو سندن تعليمي خدمتن جو ثبوت آهن. پاڻ جمعيت الشعراء سنڌ جا صدر، بزمِ طالب المولىٰ جا سرپرست، لطيف يادگار ڪاميٽيءَ جا ميمبر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر ۽ چيئرمين رهيا. سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ سنگيت سان بيحد چاهه هئن. پاڻ اعليٰ پائي جا شاعر هئا. طالب المولىٰ جي بيتن ۾ زماني جي حالتن جو بيان نمايان نظر اچي ٿو. طالب المولىٰ جي شاعري خوبصورت جذبن جي عڪاس آهي. جن ۾ انساني امنگون ۽ سوچون سمايل آهن. مخدوم صاحب ورهاڱي کان پوءِ انهن شاعرن مان آهن جن سنڌ جي نج صنف ’ڪافي‘ کي مقبول ڪيو. مخدوم صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا جن مان ’بهار طالب‘، ’رباعيات طالب‘، ’ٻي پِير اڪيون‘، ’چپر ۾ چڙيون‘، ’ديوان طالب المولىٰ‘ ۽ ’سدا وسين سنڌڙي‘ اهم آهن. پاڻ 11 جنوري 1993ع تي وفات ڪيائون.

KARACHIEDU.COM

# ڪافي

**سکيا جي حاصلات** ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وني سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. مذڪر ۽ مؤنث جي قسمن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. ’ڪافي‘ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

جاني! هجي تــوکي جَـــسُ، هيئَن ڪي ڪبيون آهن يار جُدايُون،

آ نہ ملي ڪي ڏينهڙا گذاريون، هڪبئي ڪي جام پرت جو پياريُون،
قُــرب ۾ ڪــهڙي ڪـــسُ، وار سجڻ ڪي وصال جو وايُــون،

رات ڏينهان ٿيون راهون نهارن، هـــجر ۾ هر هر هَنجڙون هــارن،
گام نـــهــــارن گَــسُ، پيارا پِرين، آهن اَڪڙيون اُجــايُون،

مولا شال ملايئي مون ســان، مون تي ٿئي هي احسن احســان،
ڪـــونہ هلي ٿـــــو وَسُ، نہ تہ پيچ پرت جا اچي توکي پايُون،

تــارَ لڳي آهي يـــار اندر ۾، فــاني ٿيا سُون فــن فــڪــر ۾،
ڪـــونهي حـــــرص هَوَسُ، آ تہ ويهي کو وِرهُہ وِرهايُـــون،

”ونحن“ واري ويڙهہ وصــالي، جـــاني جوڙ جمال جــــلالي،
’طــالب‘ تـــي ڪــاءُ تَـرَسُ، آ تہ وري کو نئون نِينهُن لايُــون،

## مشق

### (الف) هينئين سوالن جا جواب ڏيو:

1. مخدوم طالب المولىٰ ڪهڙن ڪهڙن ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون؟
2. ڪافيءَ جي پهرئين بند جي وضاحت ڪريو؟
3. هن ڪافيءَ ۾ اوهان ڪي وڌيڪ ڪهڙو بند وڻي ٿو ۽ ڇو؟

KARACHIEDU.COM

## (ب) هينئين مان صحيح جواب چونڊيو:

1 مخدوم محمد زمان جنم ورتو:

(1) هالا ۾ (2) ڪوٽڙيءَ ۾

(3) حيدرآباد سنڌ ۾ (4) بدين ۾

2 مخدوم محمد زمان جو تخلص آهي:

(1) بيوس (2) طالب المولیٰ

(3) مسافر (4) قليچ

3 مخدوم محمد زمان وفات ڪئي:

(1) 1994ع ۾ (2) 1995ع ۾

(3) 1993ع ۾ (4) 1992ع ۾

URDU.COM

## (ج) مذڪر - مؤنث.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر ۽ مؤنث ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا جنسي ٻيا غير جنسي. مؤنث جو دارومدار لفظ جي آخري زير، زبر ۽ پيش تي ٻه هوندو آهي. جيئن: اَڪِ (آخري زير سبب مؤنث ٿيندي). ڪِتابُ (آخري پيش سبب مذڪر ٿيندو). هينئين مان غير جنسي مذڪر ۽ مؤنث الڳ ڪري لکو ۽ اُن جي آخري اکر تي دُرست اعراب ڪم آڻيو:

رات ماٽ ڪٽڪ ڪير سوال دل ٻيت اسپتال پتِ

### ياد رکو ته:

’ڪافي‘ سنڌي ادب جي اهم صنف آهي. هن جي موضوعن ۾ حقيقي توڙي مجازي عشق جي وصال ۽ فراق جون ڪيفيتون هونديون آهن. ڪافيءَ جي گفتگو گهڻو ڪري عورت جي زباني هوندي آهي.

# شيخ اياز



ولادت: 1923ع

وفات:1997ع

شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ ولد غلام حُسين شيخ آهي. هُن شڪارپور ۾ 2 مارچ 1923ع ۾جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. بي- اي ۽ ايم - اي، ڊي- جي سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پڻ رهيو.

شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جي موضوع، فن ۽ فڪر ۾ جدت آندي ۽ سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾ ’ڪپر ٿو ڪُن ڪري‘، ’وڄون وسڻ آئيون‘، ’ڪي جو ٻيجل ٻوليو‘، ’پونر پري آڪاس‘ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب مشهور آهن.

شيخ ايازشاعريءَ سان گڏ نثر ۾ پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا. ’پنهل کان پوءِ‘ ۽ ’سفيد وحشي‘ سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن. هن 28 ڊسمبر 1997ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر ڀٽ شاهه ۾ ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي آهي.

KARACHIEDU.COM

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي، خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- ڪنهن ادب پاري ۾ مرڪزي خيال ۽ ان ۾ موجود نڪتن کي پوريءَ ريت سمجهي سگهي.
- نئين متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- غزل مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- غزل بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

جي هاڻ نه هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن به گهاري ويندا سين،
جو پيرُ پساري ويٺو آن، اُتِ! ڏُونگرُ ڏاري ويندا سين.

ڪَنهن لاءِ تَڪين تو ڪنڌيءَ تان بي ٻيڙي ڪابه نه اچڻي آ،
جي تُون به اُچين او وڻجارا! توکي به اُڪاري ويندا سين.

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تُون مان نه رُڳو هِن سنڌوءَ تي، ڪا لهر اُڀاري ويندا سين.

ڪا چِهرِمِر چِهرِمِر جُگنوءَ جي، ڪا ٽِمر ٽِمر ٽِمر تاري جي،
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي نه سهاري ويندا سين.

تون آءُ نه اوريون اوراٽا، ڇو جيءُ سهي هي جهوراٽا؟
تون ڇا ڪان ڇرڪين تو راٽا، اڄ ڪاڪِ ڪِناري ويندا سين.

KARACHIEDU.COM

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاعر جي ’ڏونگر ڏاري ويندا سين‘ مان ڇا مراد آهي؟
2. هن غزل مان اوهان کي ڪهڙو بند وڌيڪ پسند آهي ۽ ڇو؟
3. شيخ اياز جي هن غزل جو مرڪزي خيال ڪهڙو آهي؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

هاڻ      اُڪاري      ڪنڌي      پساري      ڏونگر      جڳنو

اوريُون      جهوراٽا      ڪنگهورگهتا

## (ج) هيٺيان شعر مڪمل ڪريو:

* جي هاڻ نہ هارين ڪوهيارل! ..........................................
.................................................، اُت! ڏُونگـرَ ڏاري ويندا سين

* ..........................................، چـو جـيءَ سـهي هـي جهوراٽا؟
تـون ڇا کان ڇِرڪين تـو راٽا، ..........................................

**ياد رکو تہ:**

غزل عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’عورتن جو ذڪر ڪرڻ يا عورتن جون ڳالهيون ڪرڻ‘، غزل جو هر بند ٻن سٽن جو ٿيندو آهي، غزل جي ٻن ابتدائي هم قافيا سٽن کي ’مطلع‘ چئبو آهي ۽ تخلص آيل آخري ٻن سِٽن کي ’مقطع‘ چئبو آهي.

KARACHIEDU.COM

# نياز همايوني



ولادت: 1930ع

وفات: 2003ع

نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد ميمڻ هو. سندس جنم 1930ع ۾ ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ همايون شريف ۾ ٿيو. مختلف درسگاهن مان تعليم حاصل ڪيائين.نثر ۽ نظم ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ ايڊٽ ڪيل آهن. جن ۾ 'فرهنگ جعفري'، 'تاريخ مظهر شاهجهاني' ۽ 'ڌرتيءَ جا گيت' مشهور آهن.

نياز همايوني 3 جنوري 2003ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر بابن شاهه جي مقام حيدرآباد ۾ آهي.

KARACHIEDU.COM

# اي وطن تون لک لهين

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- ڪنهن ادب پاري جي باري ۾ مرڪزي خيال ۽ ان ۾ موجود نڪتن کي پوريءَ ريت سمجهي سگهي.
- گيت مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- گيت بابت ڄاڻي سگهي.
- ڪنهن مضمون لکڻ وقت پنجن ڪان مٿي پئراگرافن ۾ پنهنجي مشاهدي، ڄاڻ، تجربن، تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.

اي وطن، منهنجا وطن، پيارا وطن، تون لک لهين!
تنهنجا ويرانا بہ تو پائيان چمن، تو لک لهين!
اي وطن، منهنجا وطن!

تنهنجي نديں ۾ محبت ڦيرِيُون پائي پئي،
تنهنجي پوکن ۾ حياتي پيروين ڳائي پئي،
تنهنجي جهونگارن تان صدقي جان تن، تون لک لهين،
اي وطن، منهنجا وطن!

تنهنجي ٻيرن جي تڏيري ڇانوَ، بُستن کان ڀلي،
تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست، پِستن کان ڀلي،
غير جي گيندي کان وڌ تنهنجو ٻُڪن، تون لک لهين،
اي وطن، منهنجا وطن!

تنهنجي ٻولي جڻ تہ اونداهيءَ ۾ ٽانداٽا اَلا،
تنهنجا گفتا جڻ تہ چانداٽين ۾ مانداٽا اَلا،
تنهنجي مجلس تي ملائڪ پي چکن، تون لک لهين،
اي وطن، منهنجا وطن!

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟
2. شاعر ’اي وطن تون لک لهين‘ گيت ۾ جيڪا منظر نگاري ڪئي آهي، ان کي بيان ڪريو.
3. شاعر وطن جي ٻوليءَ کي ڇا سان تشبيھ ڏني آهي؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ويرانا     ڳُفتا     ڪاهَ     جهونگار     صدقي

### (ج) ’وطن‘ جي موضوع تي مضمون لکو.

### (د) اوهان وطن بابت جيڪي بيا شعر پڙهيا آهن، اهي ٻڌايو.

### سرگرمي:

نياز همايونيءَ جي گيت ’اي وطن تون لک لهين‘ جو مرڪزي خيال پنهنجي لفظن ۾ لکو ۽ ٻڌايو.

### ياد رکو ته:

گيت جي معنيٰ آهي ’ڳائڻ‘. گيت، انساني آواز جي آلاپ ۽ ساز جي ميلاپ سان ڳائبو آهي. ڪي گيت ساز کان سواءِ پڻ ڳائبا آهن. گيتُ اڪيلو يا ڪٺل صورت ۾ ڳائي سگهجي ٿو. مضمون جي لحاظ کان، هن صنف ۾ خوشي، ڏک، فراق، وصال وغيره جون ڪيفيتون سمائي سگهجن ٿيون.

KARACHIEDU.COM

# شمشيرالحيدري



ولادت: 1932ع

وفات: 2012ع

شمشيرالحيدري ولد رسول بخش خواجہ ڳوٺ ڪڍڻ ضلعي بدين ۾ 15 سيپٽمبر 1932ع ۾ ڄائو. هُو سنڌ شاعر، اديب، صحافي ۽ ڊراما نويس هو. سنڌس ادبي خدمتون تمام وسيع آهن.

شمشير الحيدري جا نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. هن سنڌي ناول ’زينت‘ کي ڊرامائي روپ ڏنو. هن ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جيڪي بيحد مقبول ٿيا.

شمشيرالحيدري جي شاعريءَ جو مجموعو ’لاٽ‘ جي نالي سان شايع ٿيل آهي.
شمشيرالحيدريءَ 10 آگسٽ 2012ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنڀاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- مَتن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ’رديف‘ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- قا فيي ۽ رديف جي فرق کي واضع نموني ڄاڻي سگهي.

راهبر ڀلجي ويا، اهلِ نظر ڀُلجي ويا،
شوقِ منزل ۾ سيئي ڪارِ سفر ڀُلجي ويا.

ڪنهن جي ڳولا ۾ هئا نڪتا سڏائي هوشمند،
واٽ جي وڪڙن ۾ پنهنجي خبر ڀُلجي ويا.

رات جو سوچي سُتا منزل تي پهچڻ جا مزا،
صبح ٿيو، همراه منزل جو ثمر ڀُلجي ويا.

رات جو پويون پهر، ۽ صبح جو پهريون پهر،
ٻن گهڙين جي فرق ۾ ڪوته نظر ڀُلجي ويا.

مان پڪاريندو رهيس منزل جي هرهڪ موڙ تان،
رهبرن سيڪجهه ٻڌو هوندو، مگر ڀُلجي ويا.

هاءِ تن گلڙن جي محروميءَ تي ڪو روئي سگهي،
جن جا مالهي باغبانيءَ جو هنر ڀُلجي ويا.

جن گهري ورتي هئي دل، ياد جو تحفو ڪري،
سي به اڄ ’شمشير‘ جي خاطر خبر ڀُلجي ويا.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاعر، گلڻن جي محروميءَ جو ڪارڻ ڪهڙو ٿو ٻڌائي؟
2. شاعر هن غزل ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
3. هن غزل جو اوهان کي جيڪو بند وڻي ٿو، ان جي سمجهاڻي لکو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

هوشمُند وڏڪار ثمر باغباني هنر تحفو

### (ج) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. شمشيرالحيدري ڊرامائي روپ ڏنو.

(1) زينت ناول کي (2) دلارام ناول کي (3) جهان آرا ناول کي (4) گلن جي ٽوڪري ناول کي

2. شمشير الحيدري ڄائو.

(1) 1930ع ۾ (2) 1931ع ۾ (3) 1932ع ۾ (4) 1933ع ۾

3. شمشيرالحيدري جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي.

(1) لاٽ (2) هوا جي سامهون (3) وڄون وسڻ آئيون (4) رڱون ٽيون رباب

### (د)

**رديف:**

رديف لفظ جي معنيٰ آهي، 'پيلهه سوار'. شعر جي قافيي وارن مصراعن جي آخر ۾ قافيي پٺيان دهرائجندڙ لفظن کي 'رديف' چئبو آهي.

مثال: دوکا، دغائون، انگل ماڻو دنيا جو

ڇا قيمت ۽ قدر آ، سُڄاڻو دنيا جو.

مٿئين شعر ۾ 'ماڻو' ۽ 'سڄاڻو' قافيا آهن، انهن جي پٺيان دهرائجندڙ لفظ 'دنيا جو' کي 'رديف' چيو ويندو آهي.

توهان پڙهيل غزل مان قافيي سان گڏ ايندڙ 'رديف' جي نشاندهي ڪريو.

**ياد رکو ته:**

استاد شاگردن کي قافيي ۽ رديف جي استعمال بابت مثالن ذريعي سمجهائي.

ACHIEDU.COM

# تنوير عباسي



وفات: 1999ع

ولادت: 1934ع

تنوير عباسيءَ جو اصل نالو نُور نبي ولد گل حسن عباسي آهي. سندس جنم 07 ڊسمبر 1934ع ۾ ضلعي خيرپور جي شهر سوڀي ديري ۾ ٿيو. سندس مئٽرڪ تائين تعليم اين.جي.وِي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ ٿي. انٽر ڊي- جي سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم.بي.بي.ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شورو مان ڪيائين، جيڪا هاڻي يونيورسٽي آهي. 1965ع کان سندس مستقل رهائش خيرپور ۾ هئي، جتي خانگي ڪلينڪ هلائيندو هو .

تنوير عباسي سنڌي شاعريءَ جو وڏو نالو آهي. تنوير عباسي جديد سنڌي شاعريءَ جو نمائنده شاعر آهي. تنوير عباسيءَ تحقيق جي شعبي ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا. ’شاهه لطيف جي شاعري‘ سندس لطيف سائينءَ تي لکيل تحقيقي ڪتاب آهي. ان کان سواءِ هُو سنڌي ادب جو جديد نقاد پڻ آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ ’رڳون ٿيون رباب‘، ’شعر‘ ۽ ’هيءَ ڌرتي‘ آهن. تنوير عباسي 25 نومبر 1999ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنڀاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. (2) 'ڪنايو' بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو، هرڪا دل هيرن جي کاڻ،
جاڳي ڏس ته سهي اڄاڻ.

هر ڪا دل درياهه، تو جنهن ۾ جوليون ماري پيار،
هرڪو سينو سمنڊ، تري ۾ جنهن جي ڪئين اسرار،
هرڪو من مکڻ جو چاٽو، هر چهرو چانڊاڻ،
هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو، هرڪا دل هيرن جي کاڻ،

ويجهو ويجهو واجهائي ڏس، ماڻهوءَ جو من چاهه،
سُنگهي ته ڏس تون خوشبوان جي، سُرهو آ هر ساهه،
گهڙيءَ جي ليءِ جو گل ساماڻو، آهي امرائن جي سُرهاڻ،
هرڪوماڻهوموتيءَ داڻو، هرڪا دل هيرن جي کاڻ،

ڪنهن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي، آهي ڏنو تو ڪو نه،
ٻاهر جيڪو ڪاروڪوجهو، اندرسارو سون،
جو ڏک جي ڪوري ۾ ڪاڙهو، سوئي ساٿ ڏٽي سرواڻ،
هرڪو ماڻهوموتيءَ داڻو، هرڪا دل هيرن جي کاڻ،

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. تنوير عباسي پنهنجي گيت ۾ ماڻهوءَ کي ’موتيءَ داڻو‘ ۽ هر ماڻهوءَ جي دل کي ’هيرن جي کاڻ‘ جو ٿو سڏي؟
2. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ جيڪا منظر نگاري ٿيل آهي، ان کي بيان ڪريو؟
3. تنوير عباسيءَ جي هن نظم جو مرڪزي خيال بيان ڪريو؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اسرار چانڊاڻ سرهاڻ ساماڻو سرواڻ ڪوجهو

### (ج) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. تنوير عباسيءَ جو اصل نالو هو:

(1) محمد ملوڪ عباسي (2) نجم عباسي
(3) نُور نبي عباسي (4) الطاف عباسي

2. تنوير عباسي ڄائو:

(1) ڪوٽ ڏيجي ۾ (2) خيرپور ۾
(3) سوڀي ديري ۾ (4) پير جو ڳوٺ ۾

3. تنوير عباسي مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي:

(1) حيدرآباد ۾ (2) ڄام شوري ۾
(3) خيرپور ۾ (4) ڪراچي ۾

4. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو آهي.

(1) اسان جي ڌرتي (2) هِيءَ ڌرتي
(3) سُهڻي ڌرتي (4) سُونهاري ڌرتي

KARACHIEDU.COM

5 تنوير عباسيءَ جو شاهه لطيف تي لکيل ڪتاب آهي.

(1) شاهه لطيف جو پيغام (2) لطيفي سير
(3) شاهه لطيف جي شاعري (4) مقدمہ لطيفي

## (د) هيٺ ڏنل شعر جي سمجهاڻي لکو ۽ ٻڌايو:

* ويجهو ويجهو واجهائي ڏس، ماڻهوءَ جو من ڇا هه،
سُنگهي تہ ڏس تون خوشبو ان جي، سُرهو آ هر سا هه،
گهڙيءَ جي لاءِ جو گل ساماڻو، آهي امر اُن جي سُرهاڻ،
هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو، هرڪا دل هيرن جي کاڻ،

## (هـ) ڪِنايو:

اشاري يا رمز ۾ ڪيل اهڙي ڳالهه، جنهن جي حقيقي توڙي مجازي مراد وٺي سگهجي تہ ان کي ڪنايو چئجي ٿو.

مثال: جمال جي چُلهہ پئي ٿي ٻري.

هتي 'چُلهہ ٻرڻ' مان مراد 'رڌ پچاءَ لاءِ باهہ ٻرڻ' ، حقيقي مراد ۾ آهي ۽ مجازي مراد ۾ 'مهمان نوازي' جو جاري هجڻ آهي.

توهان اهڙا ہہ جملا ٻڌايو، جنهن ۾ ڪنايي وارا اشارا موجود هجن.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد شاگردن کي ڪنايي جي وصف ۽ استعمال جي باري ۾ مثالن سان سمجهائي.

URDU.COM

# امداد حُسيني



ولادت : 1940ع وفات: 2022ع

امداد حُسينيءَ جو پورو نالو سيد امداد علي شاهه آهي. سندس پيءُ جو نالو سيد فضل محمد شاهه آهي. امداد حسيني ٽکڙ ضلعي حيدرآباد هاڻوکي ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ 10 مارچ 1940ع تي ڄائو. پاڻ پرائمري تعليم ٽکڙ جي ڪُتاب ۾ ورتائين. ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد سنڌ، انٽر سچل سرمست ڪاليج، بي- اي (آنرز) ۽ ايم- اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

امداد حسينيءَ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۾ نوڪري ڪئي. پاڻ ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق ۽ نقاد آهي. ڪهاڻيون 'سانول' جي نالي سان لکيون اٿس. امداد حسينيءَ جا هي شعري مجموعا ڇپيل آهن: 'امداد آهي رول'، 'شهر' ، 'هوا جي سامهون'، 'ڪرڻي جهڙو پل'، ' هوءَ' ، ' ڏوپ ڪرن(اردو)' ۽ ان کان سواءِ مرزا قليچ بيگ جو ناول 'زينت' ۽ 'دودو چنيسر' اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا اٿس، فيض احمد فيض جو ڪلام 'تنهنجي ساگر نيڻن ۾' جي نالي سان ترجمو ڪيو اٿس. امداد حسينيءَ 27 آگسٽ 2022ع ۾ وفات ڪئي.

KARACHIEDU.COM

# خوشحالي (نظم)

**سکيا جي حاصلات**

ڪنهن فنڀاري جي علم بيان ۾ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي، خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي. ’مجاز مُرسل‘ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

هرڪو هاري ناري سُکيو، خوش هرڪو مزدُور،
ڪوبہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي، محڪوم ۽ مجبُور.

هت هت ٿيندو، اَڏجي ويندو، پنهنجو دلبرُ ديسُ،
آڏاڻن تي اُڏجي ويندو، سُوسِي، لُونگي، کيسُ،
ٻانهن جي ٻَل سان ٿي ٿيندو، ڏک ڏلين جو دُور،
ڪوبہ نہ آهي، ڪوبہ نہ آهي، محڪوم ۽ مجبُور.

هت ڇُهي تہ ڦري ٿو ڦيٿو، ڪڏهن نہ ٿيندو جام،
خوشحالي آ پنهنجو مقدر، آزادي انعام،
واڍا، رازا، ڪوري، ڪنير، محنت ۾ مسرُور،
ڪو بہ نہ آهي، ڪوبہ نہ آهي، محڪوم ۽ مجبُور.

ميرَ مُهاڻا، سُچيت سِياڻا، جهاڳي آيا سمنڊ،
ماڻهو مرڪيا، چمڪيو آهي، اڱڻ اڱڻ تي چنڊ،
هر ڪو جيءُ پيو ٿو جهومي، هر چهرو پُر نُور،
ڪو بہ نہ آهي، ڪوبہ نہ آهي، محڪوم ۽ مجبُور.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. شاعر جي مطابق ٻانهن جي ٻل سان ڇا ٿو ٿئي؟
2. وطن ۾ خوشحالي ڪيئن آڻي سگهجي ٿي؟

KARACHIEDU.COM

3 امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جي ڪهڙي خوبي آهي؟
4 هن نظم ۾ شاعر اسان کي ڪهڙي نصيحت ڪري ٿو؟
5 اوهان وطن جي ترقيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ چاهيو ٿا؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

محڪوم   آڏاٽا   اُٽڻ   سُچيت   مسرُور

## (ج) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1 امداد حُسينيءَ جو پُورو نالو آهي:

(1) سيد امداد علي شاهه   (2) سيد امداد محمد شاهه
(3) سيد مدد علي شاهه   (4) سيد محمد علي شاهه

2 'هوا جي سامهون' ڪتاب جو شاعر آهي:

(1) شيخ اياز   (2) تنوير عباسي   (3) شمشير الحيدري   (4) امداد حُسيني

3 امداد حُسيني ڄائو:

(1) ڪراچيءَ ۾   (2) ميرپورخاص ۾   (3) لاڙڪاڻي ۾   (4) ٺٽي ۾

## (د) مجاز مُرسل:

مجاز مُرسل مان مراد ڪا نئين واٽ ونڻ يا لفظ جي غير حقيقي معنيٰ ونڻ آهي. اهڙي واٽ جو مڪان مان مراد 'مڪين'، سبب مان مراد مسبب / نتيجو ۽ جز مان مراد ڪُل هجي.

مثال:1. دلاور جي پوري ڳوٺ ۾ نيڪي پئي ڳائجي.
هتي ڳوٺ مان مُراد ڳوٺ جا 'رهاڪو' آهي.
2- آسمان مان ڪڪر پيو ته وسي.
هتي ڪڪر (سبب) مان مراد 'مينهن جو وسڻ' مسبب آهي.
3- لوهُ پهرين لوهَ کي ڪٽيندو آهي.
هتي پهرين لوهه مان مراد ان جي جز يعني ان مان نهيل ڪٽيندڙ شيءِ آهي ۽ پيو لوهه ان جو 'ڪُل' آهي

توهان اهڙا ٻيا جملا ٻڌايو، جنهن ۾ مجازِ مرسل وارا اشارا موجود هجن.

استاد لاءِ هدايت: شاگردن کي 'مجاز مرسل' وڌيڪ مثالن سان سمجهائي.

URDUWIEDU.COM

# مريم مجيدي



ولادت: 1943ع

مريم مجيدي جو جنم15 جون 1943ع ۾ ڳوٺ قيصر خان جتوئي لڳ شاهه عنات شهيد جهوڪ شريف، تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي (هاڻوڪي سجاول) ۾ ٿيو. هن تعليم کاتي ۾خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

مريم مجيديءَ جي شاعري اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين سان سينگاريل آهي. سندس شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري پختگيءَ سان گڏ ٻهراڙيءَ جي ٻولي، ثقافت، مسئلا ۽ ڏک سمايل آهن.سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’سروم ڏکم ڏکم‘ کي انٽرنيشنل قليچ ايوارڊ مليو، ان کان سواءِ سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب ’نيرانا ڏِي نيڻ‘ پڻ ڇپيل آهي.

KARACHIEDU.COM

# غزل

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنپاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي. نظم مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- سني ٻڌنڌڙ طور لفظن، جملن، سٽن، شعرن ، نظمن، گيتن وغيره جي اُچارن، لئہ، سر ۽ ادائيگي سان شعوري طور لطف حاصل ڪري سگهي ۽ اهم نڪتن تي تبصرو ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لکڻ / بيان ڪرڻ جي لائق ٿي سگهي.

پٺ تي ڪو به نه پيرو پنهنجو،
ڪيڏو ماڳ ڏکيرو پنهنجو.

پيرن ناهن پير ڪڙا پر،
ڏُور اجا ڏگ ڏيرو پنهنجو.

اکڙين ۾ ٿي اوندهه اٽڪي،
ميرو سانجهه سويرو پنهنجو.

ڊوليا! تنهنجي ڊار نه جاتم،
نيٺ ڀڳو تو ڀيرو پنهنجو.

اونداهيءَ مان اُڪري آخر،
توڙيندا ڳُگهه گهيرو پنهنجو.

جذبن جي هِن جُوءِ ۾ جيڏيون،
رهندو مانُ مٽيرو پنهنجو.

KARACHIEDU.COM

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. مريم مجيديءَ جي هن غزل ۾ ڪهڙو خاص پيغام ڏنل آهي.
2. شاعره، جذبن کي جيارڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟
3. مريم مجيديءَ جي ڪتاب کي ڪهڙو ايوارڊ مليو؟
4. اوهان ڪنهن ٻي عورت شاعره جي شاعري پڙهي هجي ته ٻڌايو.

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

پيرو ڏکيرو سانجهه ڊار ڊوليا پيرو جُوءِ مٺيرو

### (ج) هيٺ ڏنل شعرن جي سمجهاڻي لکو:

* پيرن ناهن پير ڪڙا پر،
ڏور اجا دڳ ديرو پنهنجو.

* اونداهيءَ مان اُڪري آخر،
ٿو وڙيندا ڳُگهه گهيرو پنهنجو.

### (د) اوهان کي ڪو اصلاحي شعر ياد هجي ته اُهو ٻُڌايو.

### (هه) اوهان ڪنهن شاعر جي، شاعري ٻڌي هجي ته ان تي پنهنجي راءِ ڏيو. اُها راءِ، شاعر جي انداز بيان، لفظن جي چونڊ ۽ ادائيگيءَ بابت هجي.

KARACHIEDU.COM

# سانوڻ فقير

سانوڻ فقير ذات جو خاصخيلي، بدين ضلعي جي ننڍي شهر ڪان چار ميل اُتر طرف ڳوٺ شهداد خاصخيلي جو وينل هو.اندازي موجب 75 - 1870 ع ڌاري ڄائو. سانوڻ مهيني ۾ ڄمڻ ڪري، سندس نالو ’سانوڻ‘ رکيائون. ننڍي هوندي کان ئي ’نڙ بيت‘ جي ڪچهرين سان چاهُ هئس. ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا بيتَ ياد ڪيائين، جي پنهنجي مُنهن جهونگاريندو هو.

KARACHIEDU.COM

# مورڙو

**سکيا جي حاصلات**

- ڪنهن فنڪاري جي علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي.
- خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.
- بيت مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- لوڪ شاعريءَ جي صنفن بابت ڄاڻي سگهي.

مورڙو مڇ لاءِ سورهيه ساماڻو،
ڪاهي پوندو ڪُن ۾ رَڃ ڪٽي راڻو،
پوندو منهن مَڇ جي، اڏيو مڇ ٻه مانداڻو،
جگر جيرا ويندو، گهمائي گهاڻو،
سورن ۾ سانوڻ چئي، ملاح مهاڻو،
آيو سالڪ سياڻو، مورڙو انهيءَ مياڻ تي.

*********

ادا گهر نه آئيا، مورڙا مانجهي تيا مهمان،
آيس پيغام پرين جو، ٻڌائين بات بيان،
ويهڻ جنهن کي وِهه ٿيو، ڪاڄ نه ڪائي خان،
اويائي ان سان، هئا ڪيا نسورا نقصان،
آنا پڳا اوڀائي، ڪونه ڪيائين ڏيان،
ڏسڻ واري ڏنو پئي، متان رب رحمان،
سُور مڇ کي، سانوڻ چئي، هئا قهري اندر ڪان،
مَڇ سندو مڪان، رهيو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.

*********

KARACHIEDU.COM

KARACHIEDU.COM

ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، آهي غازي گراگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، آهي جوڌو جناوَر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، آهي مڇ وڏو مانگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، وڏي سان وِگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، ڪري ٻيلائي ٻهڪر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، گجي تو گيئَوَر،
سڀجهي پيو، سانوڻ چئي، نالي نشانبر،
سو واري ڪيئن وِگر، جو واڳونءَ وڏو وات ۾.

*********

واڳونءَ وڏا وات ۾، وٺي ڏگ ٻه ڏمايو،
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، ويٺو مڇ ۾ مچايو،
اوهين مهاڻا مياڻ جا، هلي سنيوڙو سنپايو،
اوهين مهاڻا مياڻ جا، هلي رڇ ٻه رمايو،
سپڙ سڏي چيو، اوهين پير ايڏانهن نہ پايو،
ڪونڌر ويندا قوت ٿي، اڳيان آٽو مڇ ٻہ مهمايو،
سڀجي عمر، سانوڻ چئي، متان وڃي پيڙهي پٽايو،
پوءِ اشارو آيو، مَڇ جي مارڻ جو.

*********

مَڇ جي مارڻ جي، ويٺو ڳالهہ ڳٽي،
ڏنائين دانهن دلوراءِ کي، اهو گهاءُ گهَڙي،
ڏينم اوزار رڪ جا، ڇڏي ڪائي منجهہ ڪڙي،
وڙهان وڃي واڳونءَ سان، متان چوٽ چڙهي،
ڪانهي ننڊ نار کي، سيرهين پئي سڙي،
ڪانهي ننڊ نار کي، ادا آيل ڙي،
سورن ۾، سانوڻ چئي، منهنجو ساهہ سڙي،
شل ڏي قادر پير ڪڙي، ماريان انهيءَ مَڇ کي.

*********

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. سانوڻ فقير جي بيتن ۾ ڇا جو ذڪر ٿيل آهي؟
2. ’مورڙي ۽ مانگر مڇ‘ جي قصي کي اوهان پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.
3. سانوڻ فقير تي، سانوڻ نالو ڪيئن پيو؟
4. سانوڻ فقير پنهنجي بيتن ۾ مورڙي جي بهادري ڪيئن بيان ڪئي آهي؟

### (ب) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. سانوڻ فقير شاعر هو.

(1) ڳيچ جو (2) نثر بيت جو
(3) سينگار جو (4) ڏور جو

2. سانوڻ فقير جي هنن بيتن ۾ ذڪر آهي:

(1) عمر مارئيءَ جو (2) مورڙي ۽ مانگر مڇ جو
(3) سهڻي ميهار جو (4) نوري ڄام تماچيءَ جو

3. سانوڻ فقير ڄائو:

(1) ڪيڏڻ شهر ۾ (2) ڏڪڻ شهر ۾
(3) ٺِندي شهر ۾ (4) ڀمڻ شهر ۾

### (ج) اوهان کي سانوڻ فقير جو جيڪو بيت وڻي ٿو، ان جي سمجهاڻي لکو.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد شاگردن کي لوڪ شاعريءَ جي هيٺ ڏنل صنفن جي وصف مثالن ذريعي سمجهائي.

* نثر بيت * مورو * جمالو

KARACHIEDU.COM

# نوان لفظ

## 1. حضور اَڪرم صَلّي الله عَليهِ وَعَليٰ آلهٖ وَاَصحابِهٖ وَسلّم جن جا اخلاق مبارڪ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اعتراف | مڃڻ - قبول ڪرڻ |
| تلقين | هدايت - نصيحت |
| ڏاڍ | زور - ظلم |
| سهائو | سوجهرو - اُجالو |
| سُونهون | رهبر - رهنما |
| فاقو | لنگهڻ |
| فقرو | جملو |
| ماڳ | هنڌ - مڪان - آستان |
| مرتبو | شانُ - مانُ - عزت - درجو |
| هيڻو | ڪمزور - نِبل |

## 2. حضرت امام حُسين عليه السلام

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ارتقا | سڌارو - واڌارو - ترقي - اوسر |
| بلاغت | ڪلامي قابليت - خوش بياني |
| باطل | ڪُوڙو - ڪوڙو |
| تڪبر | هَٺُ - غرور - گُهمنڊ |
| رضا | خوشنودي - مرضي - رضامندي |
| سڌارو | ترقي - بهتري - واڌارو |
| سرويچ | سِر ڏيندڙ - سِر قربان ڪندڙ |
| عزم | ارادو - خواهش - ڪوشش |
| مصروف | مشغول - رُڌل |
| ولادت | ڄَم - ڄنم |
| هُشي | ڄُرچ - ٻَچ |

## 3. علامه آءِ آءِ قاضي

| | |
|---|---|
| آرام گاھ | آرام جي جاءِ - قبر |
| اجنبي | اوپرو - اڻ واقف |
| اُکليو | ڳالهايو- چيو-وراڻيو |
| اڀياس | مطالعو - پڙهڻ |
| ڀُل | غلطي - چُڪ |
| پِر | ريت - رسم - رواج |
| خانگي | غير سرڪاري - ذاتي - شخصي |
| مؤذن | اذان ڏيندڙ - ٻانگو |
| ويڳاڻو | بيگانو - ڏکويل - بي حال |

## 4. گنجي ٽڪر جو سير

| | |
|---|---|
| اُساٽ | سخت اُڃ - ڏوڪھو - خشڪي |
| پرڀات | پرھ ڦٽي |
| ڀوُڄ | جھجھو - جام - بي انداز |
| جهڳمڳ | جھرمر - چلڪو - رونق |
| غلطان | غرق - مَحو - مشغول |
| گوناگون | قسمين قسمين - طرحين طرحين |
| مَتِ | سمجھ - هوش - ڀَرُوڙ |
| معطر | سُرھو - خوشبودار |

## 5. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

| | |
|---|---|
| آڳاٽي | پراڻي |
| ابتدائي | شروعاتي- اوائلي |
| جتن | ڪوشش- حيلو |
| جديد | نئون- تازو- هاڻوڪو |
| جيوت | زندگي- حياتي- عمر |
| جدوجهد | ڪوشش- جاکوڙ |
| رزميو | جنگي داستان |

| | |
|---|---|
| ڳڻ | چڱي عادت- لڇڻ |
| نمايان | ظاهر- پڌرو- چٽو |
| وسيع | ويڪرو- ڪُشادو |
| همعصر | ساڳئي وقت وارو- ساڳئي زماني وارو |

## 6. سچائي

| | |
|---|---|
| پچر | تات - ڳالهه - ڳِلا |
| ٺٺولي | مذاق - چِٽر - ٽوڪ |
| سُونهن | خوبصورتي - حُسن |
| سعيو | تاڪيد - ڪوشش - محنت |
| فهمائش | هدايت - نصيحت - سمجهاڻي |
| مڪر | فريب - دغا - ٺڳي |
| موافق | مطابق - جهڙو - ٺيڪ - برابر |
| نينهن | موهُ - چاهُ - الفت |
| نسبت | لاڳاپو |

## 7. ڪاهوءَ جو دڙو

| | |
|---|---|
| اهڃاڻ | نشان، آثار |
| پيوت | مٽيءَ لٽ سان پريل - خاڪ مليل |
| ڄرُ | ڪپڙي تي ڇاپي هٽڻ جي حالت - ڪپڙي تي نڪتل چٽسالي |
| ڏيرو | هندن جو مَندر - مڙهي - سماڌ - يادگار |
| سنک | آواز ڪڍڻ جو هڪ اوزار - ڪوڏ - سِڱُ - واڄو |
| عجائب خانو | عجائب گهر- عجيب شيون محفوظ ڪرڻ جي جاءِ |
| مَٿُ | مَٿو - ترُ - سطح - مٿيون حصو |
| ولايا | ڪوتايا |

## 8. وسڪارو

| | |
|---|---|
| اَڃ | پاڻيءَ جي چَرَ |
| ڀانت ڀانت | قسمين قسمين - طرح طرح |
| ڦَلر | مينهن جو پاڻي |
| ڀالوٺ | اُٿلَ - پاڻيءَ جي ڇلُ - ڪثرت |
| ڇاڇر | ڀوني تي پاڻيءَ جو ڊهو - پاڻيءَ جي چَرَ |
| ڪُتل | ڪُپجي ويل |
| ڪُپ | نيڪ - برابر |
| وڄُ | ڪِنوڻ |
| وسڪارو | مينهن جو وسڪارو - برسات |

## 9. ساڻيهَ جي سڪَ

| | |
|---|---|
| پَرو | ڏَسُ - پتو |
| ڏيساوَر | پرڏيهه - پرديس |
| ڏُٿ | جهنگ جي گاهه ٻوٽن ، ٻُوٽن ، وڻن مان پيدا ٿيل ڦل - اَنُ - ڪاڏو |
| رِڀ | ٻاجهري يا ڪنهن ٻئي اَنَ جو رڌل ڏارو |
| | پنڙو ڀَتُ - چانورن - ڪٽڪ - جُوئر - |
| سُڀاءُ | عادت - چال - مزاج |
| ڪِههِ | گاهه جو قسم |
| ڪتوري | خوشبودار ٻُوٽي جو هڪ قسم - سُرهاڻ |
| وِرهه | وڇورو - جدائي - هجر |

## 10. ٻين جا عيب برداشت ڪرڻ

| | |
|---|---|
| پرک | آزمائش- تجربو- پروڙ |
| جهٽڪڻ | چپن ۾ ڪجهه چوڻ- ڪنجهڻ- آهستي ڳالهائڻ |
| ڌيرج | صبر- تحمل- مانار |
| ڏڍُ | آسرو- دلاسو- دلجاءِ |

| | |
|---|---|
| رنڊڪ | روڪ- جهل- رڪاوٽ |
| ساهمي | تارازي- ٺڪڙي |
| عيب | نقص- ڪمي- خرابي |
| مِهر | مهرباني- رحم- ٻاجهه |
| واهر | مدد- همراهي |

## 11. شاهه جي ٻوليءَ جو معيار

| | |
|---|---|
| ترجيح | فوقيت |
| پسگردائي | چوڌاري - آس پاس |
| فهم | سمجهه - عقل - پروڙ |
| لکيت | تحرير - لکڻي |
| وسعت | پکيڙ - ڦهلاءُ |

## 12. جمشيد نسروانجي – هڪ نيڪدل انسان

| | |
|---|---|
| اٽل | اٽڙ - پختو |
| تانگهه | اُڪير - طلب |
| رهتُو | بقايا - رَهيل - ٻاچي |
| سُڌس | خبر - سُڌِ - ٻڙڪَ |
| سهائتا | مدد - واهُرَ |
| ڪارج | ڪم - مقصد |
| معقول | مناسب |
| وانجهيل | نا اميد ڪيل - نراس ڪيل - ڇڏيل |
| يگانو | نرالو - ماهر - هوشيار |

## 13. ڪڇي جو سير

| | |
|---|---|
| ٻاگيو | مالِوَند - ٻاگُ وارو |
| پيهو | پوک تان جهار هڪلڻ لاءِ ٺهيءَ ۾ نهيل ننڍڙو مَنهُن |
| ڇڙو | ڳَنُ - وڏي ڳُهنڊڻي جيڪا اٺ، مينهن يا ڳئونءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي. |

| | |
|---|---|
| ڏنگر | وڻن جو ڪنڊن وارو ٿارو |
| ڳوندر | ڳڻتي - سنڀال - خبرداري |

## 14. شخصيت ۽ لباس

| | |
|---|---|
| آجيان | ڀليڪار - استقبال |
| اجاگر | روشن |
| تعارف | سڃاڻپ - واقفيت - ڏيٺ ويٺ |
| ڀڀڪيدار | رعبدار - تاب وارو |
| سڪيلڌي | لاڏلي - پيار سان پاليل |
| سکيا | تربيت |
| ڪانئڻ | انهن ڪان |
| نفاست | نزاڪت - ڪوملتا |
| وڏگهراڻي | شاهوڪار گهراڻي جي |

## 15. چريائي

| | |
|---|---|
| ڄاڻي ٻُجهي | ڏسي وائسي - ڄاڻي واڻي |
| چريائي | ڀاڳليپڻو - سوداءُ - بيوقوفي |
| حيران | وائڙو - مُنجهيل - موڳو |
| عجيب | عجب جهڙو - حيرت انگيز |
| نوبت | گُهمرو - وارو - مقرر وقت |

## 16. موڪلاڻي

| | |
|---|---|
| اوچنگار | زور سان روئڻ جي حالت - پار ڪڍي روئڻ |
| الوداع | موڪلاڻي - رخصت |
| بظاهر | چٽو - نروار - ڏسڻ جهڙو |
| ٽوڳ | مسخري - چرچو - خوشطبعي |
| ٽمٽار | ڀريل - تارِ - سرشار |
| چاهت | اُڪير - محبت |
| رُخصت | موڪل - اجازت - موڪلاڻي |
| نمايان | ظاهر - پڌرو - عيان - آشڪار |

## 17. بدتميز

| | |
|---|---|
| اڏڙوت | اڏ وهيءَ وارو - جوانيءَ کان موٽيل |
| بدتميز | بد تهذيب - بد اخلاق - گستاخ - بدافعالو |
| پڪوڙڻ | چيپاٽڻ - بند ڪرڻ |
| سخاوت | سخا - بخشش - خيرات |
| ڪنجهندو | دانهون ڪندو - رڙيون ڪندو |
| ڪنگٽي | چانورن جي هڪ جنس |
| نسخو | ترڪيب - ٽوٽڪو - دوائن جي ترتيب جو لکيل پرچو |

## 18. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ

| | |
|---|---|
| اپسرا | سهڻي عورت - حُور |
| پرولي | ڳجهارت - ڪنهن چيز بابت لفظن ۾ لکيل اهڃاڻ |
| پجرڻ | سڙڻ - ٻرڻ - ڪاوڙجڻ |
| چوج | سُڪ - چاهَ - سمجهه |
| سَمي | وقت - دور - پيري - زماني |
| سُڌ | خبر |
| لڳا | پيري - دفعي |
| ملوڪ | سهڻو - سندر - خوبصورت |
| وهانءُ | شادي - پرڻو - نڪاح |

## 19. اونداهي ڌرتي روشن هٿ

| | |
|---|---|
| تهذيب يافته | با اخلاق - تربيت يافته - سڌاريل |
| پالڪي | ڏولي |
| جمال | سُونهن - حُسن - سوڀيا |
| ڏَنُ | ڍَل - محصول - نذرانو |
| سرمست | متوالو - مدهوش - مخمور |
| شهزور | پهلوان - طاقتور |
| عظمت | وڏائي - بزرگي - برتري |
| ڪومل | نازڪ - نرم - موهيندڙ |

## 20. چنڊ ۽ ماني

| | |
|---|---|
| اگهور | اونهو - گهرو |
| ٽارڻ | پري ڪرڻ - پاسي ڪرڻ - هٽائڻ |
| خلل | رُخنو - رنڊڪ - روڪ - رڪاوٽ |
| رُوپ | مُهانڊو - مُکُ - مُکِڙو - مُنهَن |
| سَرهو | خوش |

## 21. منهنجي آتم ڪهاڻي

| | |
|---|---|
| استقامت | مضبوطي - پختائي - ثابت قدمي |
| ارڏائي | آڪڙ - اهنڊائي - ڏنگائي |
| اپراسو | آمدني - پيدائش - اُپت - ڪتيو - ڪمائي |
| پيڙهو | ساڻ - گڏ - وٽ - ويجهو |
| پسگردائي | چوڌاري - آس پاس |
| سڦلي | فائدي واري - نفعي واري |
| ڪُند فهم | بي عقل - بي سمجھ - ڏڏُ |
| نابري | انڪار - چيو نہ مڃڻ |

## 22. سنگاپور ۾ سَت ڏينهن

| | |
|---|---|
| بندرگاهہ | درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي جهاز - ٻيڙين وغيره بيهڻ جي جاءِ |
| ڌاڪو | هيبت |
| عڪس | اولڙو - پاڇولو - سايو |
| قافلو | ڪاروان - ٽولو |
| وَرلي | ڪڏهن ڪڏهن - اتفاق سان |

## 23. عدو موچيءَ جو راڳ سِکڻ

| | |
|---|---|
| آزيون | منٿون - التجائون |
| پَسيو | ڏٺو - نهاريو - جاچيو |
| ڪاپاري | چوٽيءَ جو - مٿي وارو - سخت |

| | |
|---|---|
| مجال | پڄندي - وَسُ - پهچَ |
| مَسين مسين | ڏکيائيءَ سان - ورلي - ڪڏهن ڪڏهن |

## 24. چاندوڪي ۽ مان (ادبي خط)

| | |
|---|---|
| ازلي | اصل کان - شروعات کان وٺي |
| تقاضا | گُهر - ضرورت - حاجت |
| جوت | روشني - نُور - تجلو |
| خستہ | زخمي - گهايل - دلگير - رنجيده |
| رقابت | مخالفت - وير - حسد - ساڙُ |
| سنسار | ڪائنات - دنيا - جَڳُ |
| مَها | اُتم - وڏو - عظيم |

## 25. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ

| | |
|---|---|
| آگم | ڪڪرن جي مِڙي اچڻ جي حالت |
| آب | برسات جو پاڻي- نير- جَلُ- پاڻي |
| اَبرُ | پاڻي ڀريل ڪڪر- بادل- ميگهہ |
| پَلرُ | مينهن جي پاڻيءَ جو تلاءُ- مينهن جو پاڻي |
| پاهَ | گاهہ ۽ گلن جي رنگت- رونق |
| ڏُرت | آفت- تڪليف- ڏک- سُور |

## 26. ميان سرفراز ڪلهوڙو

| | |
|---|---|
| خلاص | آزاد - ڇٽل - ختم |
| ڏڏ | بي علم - اڻ ڄاڻ - نادان |
| ڏاڻ | ڏن - بخشش - دان - خيرات |
| سٽڄ | ٻُڌَڄ |
| ظهور | پڌرائي - اظهار |
| فلڪ | آسمان |
| مهندار | اڳواڻ - پيشوا - سردار |
| مُهڙ | اڳياڙي - اڳ - شروعات |

## 27. سچل سرمست رح

| | |
|---|---|
| اجڙوار | ٻڪرين وارو- مالوند |
| ڀھنوار | ٻڪرار- ريڍار- ريڍون ٻڪريون چاريندڙ |
| جيڪَس | شايد - هوند |
| خابرُو | خبر ڏيندڙ- اطلاع ڏيندڙ |
| ڏريجو | ڀؤ- ڊپ- خوف |
| سُڌِ | خبر- آگاهي- ڄاڻ |
| مدامَ | هميشه- سدائين |
| ويڙهيجا | جهنگ ۾ رهندڙ- جهانگي- مارو ماڻهو |

## 28. سامي

| | |
|---|---|
| اَوِديا | اڻڄاڻائي- لاعلمي- جهالت |
| ڏجها | ڏُک- عذاب- تڪليفون |
| سَتگر | سچو مرشد- سگهارو گُرو |
| مَڙهي | تڪاڻو- جسم- سرير |
| مايا | ڌن دولت- مجازي سونهن- لوڀ لالچ |
| مورک | بي عقل- نادان- احمق |
| نگارو | نغارو- واڄي لاءِ دهل جو هڪ قسم |
| نرباڻ | چوٽڪارو- مُڪتي- سيني خواهشن مان آجو ٿي، ڏٺيءَ ۾ گم ٿيڻ واري حالت |
| وَل ڇَل | ٽال- اٽڪل- ور وڪڙ |

## 29. سيد ثابت علي شاهه

| | |
|---|---|
| بشر | انسانُ- آدمي |
| جگر | دل- جان- پيارو |
| سِپَرَ | ڍال- بچاءُ- آڙ- جهل |
| ڪاڻ | جي لاءِ- جي ڪري- غرض |
| نِت | مسلسل- لاڳيتو |
| نورعين | اکين جو نُور |

## 30. مير عبدالحُسين ’سانگي‘

| | |
|---|---|
| آشنائي | واقفيت - سڃاڻپ - ڄاڻ |
| پِرت | قرب - پيار - سِڪ |
| پهلواني | بهادري - دليري - سورهيائي |
| سلڻ | ٻڌائڻ - خبر ڏيڻ - ظاهر ڪرڻ |
| مرغوب | رغبت ڪيل - دلپسند - وڻندڙ |
| واجب | جائز - نيڪ - مناسب |

## 31. محمد صديق ’مسافر‘

| | |
|---|---|
| ٽاڏون | ٽپ ڪڏ- مستيءَ جا ڪُڏ |
| فلڪ | آسمان- اُڀ- آڪاس |
| فطرت | خلقت- سيرت- جبلت- مزاج |
| ڪثرت | اضافو- واڌارو |
| لُڪون | گرم هوائون- جهولا |
| نقطو | خيال- ويچار |
| ويساک | سنبت سال جي ٻئي مهيني جو نالو (اپريل، مئي واروعرصو) |
| وحدت | هيڪڙائي- ايڪو- اتفاق |
| هِنيون | هانءُ- دل- من |

## 32. ڪشنچند ’بيوس‘

| | |
|---|---|
| اُوچ | بلندي- وڏائي- وڏو مرتبو |
| اَجهو | گهرُ- رهڻ جي جاءِ- سهارو |
| جائداد | مال ملڪيت- دولت- سامان |
| چِنتا | فِڪر- ڳڻتي- خيال-اُلڪو-اُونو |
| حاسد | حسد ڪرڻ وارو- ساڙيل- مَسَهُو |
| حريص | حرص وارو- لالچي- لوڀي- هٻڇي |
| خبيث | پليد- ناپاڪ-گندو- بڇڙو |

| | |
|---|---|
| صندوق | پيٽي |
| ڪڙب | جُوئر يا ٻاجهريءَ جا وڏيل سُڪل ڪانا |
| مسواڙ | ڀاڙو- ڪرايو |
| وبال | بيماري- مرض- روڳ- رنج- تڪليف |
| ونئن وڃڻ | پري ڀڄڻ- پاسو ڪرڻ |

## 33.عبدالڪريم ’گدائي‘

| | |
|---|---|
| آثار | اهڃاڻ- علامت- نشاني |
| آبياري | وڻن وغيره کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم- آبپاشي |
| بستان | باغ- چمن- ڦلواري |
| بيدار | سجاڳ |
| دوبالا | ٻيڻو |
| شاداب | سرسبز- تروتازا- آباد |
| وديا | علم- ڄاڻ- پروڙ |

## 34.حيدر بخش جتوئي

| | |
|---|---|
| اڪسير | نهايت مفيد |
| اُٿاهه | تمام وڏو- اونهو- بي حد |
| پربت | تمام وڏا جبل |
| ريج | آبادي کان اڳ ۾ زمين ۾ ڏنل پاڻي |
| نمسڪار | سلام- آسيس- دُعا |
| وصل | لاڳاپو- ڳانڍاپو- ميلاپ |

## 35.غلام احمد نظامي

| | |
|---|---|
| تنگدستي | سڃائي- غريبي |
| حامي | حمايتي- مدد ڪندڙ- پرجهلو |
| حقدار | حق رکندڙ- حقي- سچو مالڪ |
| غافل | ڪاهل- ڍرو- سست |
| مفلسي | تنگ حالي- محتاجي- غربت |

| | |
|---|---|
| ملت | اُمت- گروهه - قوم |
| مهندارُ | سردار- سالار- اڳواڻ |

## 36. مخدوم محمد زمان ’طالب الموليٰ‘

| | |
|---|---|
| ترس | رحم - قياس- ٻاجهه |
| پِرت | پريت- محبت- قرب |
| جلالي | غصيناڪ- سخت ڪاوڙ ڪندڙ |
| ڪَسُ | گهاٽ- نقصان- ڇيهو |
| گام | وک- پَنڌُ |
| نينهن | پيار- الفت- محبت- پريم |
| وِرهه | جُدائي- وڇوڙو |
| هِجر | جدائي- وڇوڙو |

## 37. شيخ اياز (غزل)

| | |
|---|---|
| اُڪاري | پار ڪري |
| اوريُون | بيان ڪريون - ڪوليون - اظهاريون |
| جگنو | ٽانڊاٽو - ڪُڙڪُڻيتو |
| جهوراٽا | ڳٽتي - ڳاراٽو |
| ڪنڌي | ڪَپُ - ڪِنارو |
| گهنگهورگهٽا | گهاٽو جُهڙ - گهاٽي ڪَڪِري |
| هانءُ | دل - هنيُون |

## 38. نياز همايوني

| | |
|---|---|
| جُهونگار | آلاپ - ڌيمي سُر ۾ ڳائڻ |
| صدقي | قربان - نثار - فدا |
| ڪاهَ | حملو |
| ڳَفتا | ڳالهيون - چوڻيون |
| ويرانا | غيرآباد جاءِ - برپٽ |

## 39. شمشير الحيدري

| | |
|---|---|
| باغباني | باغ سنڀالڻ ۽ پوکڻ جو هنر- باغبان جو ڌنڌو |
| مالهي | باغ جو کم کندڙ- باغائي |
| وڻڪار | ڏڌڪار- وڻواهه- وڻن جي چانوَ |
| هوشمند | هوش وارو- ذهين- عقلمند |

## 40. تنوير عباسي

| | |
|---|---|
| اسرار | ڳجهه - راز |
| چانڊاڻ | چانڊوڪي - چنڊ جي روشني |
| سُرهاڻ | خوشبوءِ |
| ساماڻو | راس ٿيل - ساماڻل - جوين تي آيل |
| سرواڻ | سردار - مهندار - اڳواڻ |
| ڪوجهو | بي ڏؤلو - بدشڪل - ڪڌلو - ميرو - خراب - گهٽ |

## 41. امداد حُسيني

| | |
|---|---|
| آڏاڻو | ڪپڙي اُڻڻ جي جاءِ |
| اُڻڻ | ڪپڙو وغيره ناهڻ - اُٽاوت ڪرڻ |
| سُڄيت | هوشيار - خبردار - دانشمند - ڏاهو |
| محڪوم | حڪم هيٺ - تابع - زير دست |
| مسرور | سَرهو - خوش - شاد |

## 42. مريم مجيدي

| | |
|---|---|
| پيرو | پير جو نشان |
| ڦيرو | چڪر- گُهمرو- دفعو |
| جُوءِ | هنڌ- ماڳ- مڪان |
| ڏکيرو | ڏکيو- ڏک وارو- غمگين |
| ڍار | نمونو- ڍنگ- طرح |
| ڍوليا | سڄڻ - دوست - پيارو |

| | |
|---|---|
| سانجهه | شام- سانجهي |
| مَتيرو | متي- بلند - اوچو |

## 43.سانوڻ فقير

| | |
|---|---|
| جناوَر | ڍور- چوپايو جانور |
| ڏگ | مضبوط- پختو- بهادر |
| سنيوڙو | سنيريل- تيار ٿيل |
| سالِڪ | صوفي- درويش |
| مانداٽو | ناهه نوهه- جوڙجڪ- بناوت |
| مانجِهي | ٻيڙي هلائيندڙ- ناکئو- ملاح |
| مِيانڻ | مڇي ماري گڏ ڪرڻ واري جاءِ- مهاڻي جو هنڌ |
| وگر | ڌڻ- وَڳ- ولر- ست |

